ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون

شيخ اياز



چوليون ٻوليون سمنڊ جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇولين ٻولين سمنڊ جون

(شاعري)

شيخ اياز

دانيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڙئي حق مصنف وٽ هتيڪا

پهريون ڇاپو: آڪٽوبر ۱۹۹۳ع
تعداد: هڪ هزار
ملهه: ۱۵۰ رپيا
ڪمپوزر: آزاد ڪميونيڪيشنز
ڇپائيندڙ: حوري نوراني
مڪتبہ دانيال، وڪٽوريہ چيمبر ۲
عبدالله هارون روڊ، ڪراچي
ڇپيندڙ: ذڪي سنز ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

موتي پرڪاش ۽ ڪلاپرڪاش

جي نالي.

مون چاهيو ٿي ته اوهان کي

پنهنجو بهترين ڪتاب ارپيان،

سو اڄ هي ڪتاب ارپي رهيو آهيان.

(شيخ اياز)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

مهاڳ- شيخ اياز ١٧

لفظ

نظم

١- اوءِ گهوڙي سُوارَ ٣٧

٢- نينهن جي مهراڻ کي ٣٨

٣- رات پر رخسار تُنهنجا تا قِرَن ٣٩

٤- ننڊ ۾ مون ڏي اَچين ٿي ٤١

٥- آنءُ ڳل تُنهنجا چُهي ٤٣

٦- بودليئَر ٤٥

٧- ڪٿ ڳلِ لالا سچو صحرا سمائي تو هلي ٤٧

٨- آنءُ ڪو وهمي نہ آهيان ٤٨

٩- تِي ٻَري خوشبو هوا ۾ ٤٩

١٠- رم جهم مينهن وَسي تو يارو ٥٠

١١- تون تہ ڪو سقرات ناهين ٥٢

١٢- شهر جي انبوهہ ۾ ڪيڏي اڪلائي رهي ٿي ٥٤

١٣- مون چيو سئفو ٻلي تون پيار ڪَر پنهنجيءَ سکيءَ سان ٥٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١۴ـ باک جو آواز آيو، ”ڪير آهين؟“ ٥٦
١٥ـ خدا آهين؟ صدين جو شور ايڏو آ چٽو ناهين! ٥٨
١٦ـ آنءُ سانوڻ مينهن آهيان ٥٩
١٧ـ او چمڪٽين جا گُل لڏي آڪاس جا جُهومر ٽيو ٦٠
١٨ـ ڏس ته طارق روڊ تي هي ڪجهه اَچيرا چيلڙا ٦٢
١٩ـ رات جو ريڙهي ڏڪي ٦٣
٢٠ـ تون اِهو سمجهي نه سگهندين، مان فنا في الفن آهيان ٦٥
٢١ـ وان گوگ! ٦٧
٢٢ـ تو وٽان مان ٦٨
٢٣ـ مان سَروور آهيان ٦٩
٢۴ـ تو جوا خانو ڀَري، ٻاهر پئي بَرکا پَئي ٧٠
٢٥ـ ڪونجَ! تون ڪاڏي وئينءَ؟ ٧٢
٢٦ـ لوڪ سارو ٻوڪُ آهي. ٧٣
٢٧ـ آءُ ڪوجهي اَڪَ، ناممڪن منّي! ٧٥
٢٨ـ چنڊ جهڙي! اڄ ته چوڏس رات آ، تون ڪانه آهين ٧٦
٢٩ـ چَنڊ کان پيارا پرين، آنءُ تنهنجي تانگهه آهيان ٧٧
٣٠ـ جي هجان تنهنجو ضمير، ڇا اُهو ڪافي نه آهي؟ ٧٨
٣١ـ پرين چَنڊ جهڙا، سوين نانوَ آهن، رُڳو تون نه آهين. ٧٩
٣٢ـ گيت منهنجا، تون هوائن کان ٻه وڌ آزاد آهين ٨٠
٣٣ـ ننڊ تي توکي اَچي اي بايزيد! ٨٢
٣۴ـ پيار ۾ سڀ ڪجهه جَلي ويو. ٨۴
٣٥ـ سُئي رات جي، ڏاجُ ڪنهن جو اُٽي تي اَزل کان؟ ٨٥
٣٦ـ رات جو ايندي نه ڪَر ٨٦
٣٧ـ آنءُ تنهنجي لاءِ پوکيا ڪيترا ئي گيت آهن. ٨٧
٣٨ـ هي وڄڻ جي مند آ ڪينجهر! پکي ويندا هلي. ٨٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٩ـ دل وَري توکي پُڪاري، آءُ ڪينجهر جي ڪناري ٨٩
٤٠ـ تون مَرين اِليٽ جيان يا تون مرين پائونڊ وانگر ٩٠
٤١ـ ڳالهہ جا اِليٽ چَئي پائونڊ پِي ٩١
٤٢ـ ماءُ منهنجي! ٩٣
٤٣ـ رقص ڪر ٩٤
٤٤ـ فون ڪال ٩٦
٤٥ـ جيستائين هِي سفر پورو ٿِئي ٩٧
٤٦ـ ڪيترائي سال تون ٩٨
٤٧ـ ڪيستائين نانوَ تنهنجي ڪي ڇپايان ٩٩
٤٨ـ تون تہ آ جا شاعريءَ ۾ ويس پائي ٿي اَچين ١٠٠
٤٩ـ مينهن ايڏا مانگهہ ۾ ١٠٢
٥٠ـ موتَ جي منجهدار ۾ ١٠٣
٥١ـ آنءُ پاڳل ڪونہ هان، رات ساري ٿو لڪان ١٠٥
٥٢ـ ڪنهن سَرءُ جي شام ۾ چيريءَ جو وَڻ ١٠٦
٥٣ـ گُل پٽيندو ٿو اَچين ١٠٧
٥٤ـ يا تو تون ايندي نہ ڪر ١٠٩
٥٥ـ اوچتو هُن ڪي اچي ڳوڙهو لڳو ١١٠
٥٦ـ مان ائين ڪڏهن بہ نہ جام ڀريان ١١١
٥٧ـ مون پيار تہ ڪيو آهي توسان ١١٢
٥٨ـ پڃري ۾ ڪڏهن تون بند نہ ڪر ١١٣
٥٩ـ زندگي جملي جيان آهي، ٻُڌي ڪوئي بہ ڏي ١١٥
٦٠ـ ياد ڪر، ڪُجهہ ياد ڪَر! ١١٦
٦١ـ گُلّ خوشبو کي چيو: ١١٧
٦٢ـ هو ڇوَن ٿا ايترو ڇو ٿو لڪي هِي ١١٨
٦٣ـ موت تُنهنجي لاءِ مان ١١٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٤- ننڍَ مان سَپنا ڀَڃاءِ ١٢٠
٦٥- موت جئَن ڪجھ ٻِي عوامي ڪونہ آ ١٢١
٦٦- مينھن ايڏا مانگھہ ۾؟ ١٢٣
٦٧- ڪير ٿو مون مان لڪي؟ ١٢٥
٦٨- ڪيترو سمجھائيو! ١٢٦
٦٩- تون نہ ايندينءَ پو بہ منھنجي شاعري،
اگِ جيان ھلندي پَٽِي ١٢٧
٧٠- سدائين سمنڊ ۾ آھيان ١٢٨
٧١- تون چَوين ٿو موت تي ڇو ٿا لکان؟ ١٢٩
٧٢- تون چوين ٿي "تو بنا شاعري مون کان نہ ٿيندي" ١٣١
٧٣- وارَ پنھنجا تو وَرائي ١٣٢
٧٤- سارَ تنھنجي جي گھڙي ١٣٣
٧٥- تون آ تہ چئُون ١٣٥
٧٦- ھيءَ ٽانڊَنِ ڦُلھير ڦوڪَ ڏئي ١٣٦
٧٧- ڪيستائِين اِئين لڪي رھيو آھين؟ ١٣٨
٧٨- رابيل جيان ڇھري وارِي ١٣٩
٧٩- ٿو جڏھن دَر تي سندم ڪڙڪو ٿِئي ١٤٠
٨٠- تون اگر منھنجي ھجين ١٤٢
٨١- ھي ماٺھو جي انسانَ اَجا، ٿيا ڪونہ آھن. ١٤٤
٨٢- ھن وقت ڪاريءَ رات ۾ ١٤٧
٨٣- وَر وَر وَڃن ٿا ڇانئبا ١٤٨
٨٤- ڪالھہ نِمر جي ڏار تي ١٤٩
٨٥- جاڳِ ھئي سقراط تُنھنجو ياڳُ پَر ١٥٠
٨٦- ھوءَ لاشَ مٿان ٿِي پارَ ڪڍي ١٥١
٨٧- ھي چانڊوڪيءَ ۾ روز بگھڙ ١٥٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨٨- هو نعري باز مري ويا سڀ	١٥٤
٨٩- سو شاعر ڪهڙو شاعر آ	١٥٥
٩٠- آ ننڊَ گهاتي جهنگ جئن	١٥٦
٩١- گُل ڇو ائن ڇڻي تا وڃو؟	١٥٧
٩٢- جا گهڙي توکان سوا گُذري وَئي	١٥٨
٩٣- دل اڃان ساٿ ڏي	١٦٠
٩٤- رات! تون ماتِ مُنهنجي نہ آن	١٦١
٩٥- راتِ گذري وِئي	١٦٢
٩٦- آنءُ پوکيان پيو ڪيتريون ئي وَليون	١٦٣
٩٧- ڪانئرو! موت کان تا ڊڄو	١٦٤
٩٨- ننڊَ جي وَلهار ۾	١٦٥
٩٩- اَلائي ايتري پيڙا ڏئين ڇو تي؟	١٦٦
١٠٠- مرگهہ نيڻن	١٦٧
١٠١- هُو لئبرريءَ کي ساڙِن تا	١٦٨
١٠٢- ڇا تنهنجي ڦاسِي وِسري وئي	١٧٠
١٠٣- هو ديوارن تي سو نعرا لکرائن تا	١٧٢
١٠٤- بوري بازار کُلي پئي آ	١٧٤
١٠٥- تو نيٺ تہ دنيا بدلائي	١٧٧
١٠٦- تنها ۽ تنها ۽ تنها	١٧٨
١٠٧- ننڊَ ڇا لاءِ تون	١٨٠
١٠٨- هُو پيپل جو وَڻ ڦُٽي ديوار ۾	١٨١
١٠٩- هُو مري ويو ۽ هُو مَري ويو	١٨٢
١١٠- هو توکي ڪونہ ڇڏيندا	١٨٣
١١١- نظم جويائي نقاب ديس کي تو آ ڏٺو	١٨٤
١١٢- اڙي! هيءَ نارِي	١٨٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١٣ـ خبر ناهي تہ ڇو تون ڪونہ آئينءَ؟ ١٨٦
١١٤ـ متان سمجهين جوانيءَ اَنڌ ۾ تون ١٨٧
١١٥ـ مان خواب جيان جَرڪان ١٨٨
١١٦ـ وارَن وَڏن سان ١٩٠
١١٧ـ مون ڪان مُنهنجو حال پُڇين ٿو؟ ١٩١
١١٨ـ صبح هجي يا رات، مايا ڏائڻ ١٩٢
١١٩ـ جيءَ اَڪيلي جاتَ، بهتر آهي ١٩٣
١٢٠ـ ڪاريهر سان ڪهڙي ياري، وج! وَج! وج! ١٩٤
١٢١ـ ڏرتي ڪيڏي وَڏ ـ ڀاڳي هُئي ١٩٥
١٢٢ـ تون وَئينءَ جئن ڪونج ڪيٽيءَ تان اُڏامي ١٩٧
١٢٣ـ اِهو تون نہ ڄاڻين ١٩٨
١٢٤ـ تون نيٺ ايندينءَ ١٩٩
١٢٥ـ هي مَنڌ گهاٽو تون جو پئين ٿو ٢٠١
١٢٦ـ هر وقت تُنهنجي هُبڪارَ آهيان ٢٠٣
١٢٧ـ سمجهان تہ ٿو مان ٢٠٤
١٢٨ـ سورج مُکيءَ جي پيلن گلن سان ٢٠٥
١٢٩ـ ڄاڻي نہ ڄاڻي ٢٠٦
١٣٠ـ ڪيڏو نہ اَڏن تا ماٺهوئڙا! ٢٠٧
١٣١ـ نِندَ ڪيڏي ٿي اَچي ٢٠٨
١٣٢ـ دُود ـ ساگر لاءِ ڪو ماپو نہ آ ٢٠٩
١٣٣ـ چاهَ ۾ ڪو چاهُ ڪونهي ٢١٠
١٣٤ـ سِر لُٽندين شهسوارَ ڪيستائين، ڪيستائين! ٢١١
١٣٥ـ ٿواَچي طوفان وانگر، ڪُجھ ٻُڌين ٿو؟ ٢١٢
١٣٦ـ پيار جي ڪا مُندَ ناهي ٢١٣
١٣٧ـ اي محبّت! تون جئن گُل مَهر جو ٢١٤

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۳۸ـ موت جي منجهڌارَ ۾ ۲۱۵
۱۳۹ـ ڪيتري ويچارڙي، ننڊ ۾ آ ٻارڙي ۲۱٦
۱۴۰ـ چَنڊَا! تنهنجو جهيرڻو ۲۱۷
۱۴۱ـ جرڪندي ۽ شفق جي رنگ ۾ جَهر جَهر ڪندي ۲۱۸
۱۴۲ـ موت سان هِي ماسُ مرندو ۲۱۹
۱۴۳ـ راتِ ۾ آهي ڄڻي راڪاسَ جي ۲۲۰
۱۴۴ـ ڪيڏهن ڪنهن سِير ۾ آهين،
ڪڏهن ڪنهن سِير ۾ آهين! ۲۲۱
۱۴۵ـ پيار تي ڪهڙي ميار، پيار ڪنهن جي وَسَ ناهي! ۲۲۳
۱۴٦ـ تو ٻڌي آهي؟ لڪل آ گهنڊ ۾ ڪيڏي پُڪار! ۲۲۵
۱۴۷ـ اڄ تو در پَردا لُڏن ٿا ۲۲٦
۱۴۸ـ تون هزارين شعر آهين ۲۲۷
۱۴۹ـ تون پيپل جي ٽُڙ اڳيان ۲۲۹
۱۵۰ـ زندگيءَ ڪي چَهڪ ڏيئي ۲۳۰
۱۵۱ـ اڄ سَرءُ جي مُنڌَ ۾ ۲۳۱
۱۵۲ـ جڻ ته ڪنهن بادل پنيان ٿو هو وڃي ۲۳۲
۱۵۳ـ ڪيترا گُل هيا ڪلهه املتاس جا ۲۳۴
۱۵۴ـ اُسَ جو تڙڪو پَوي ٿو ۲۳۵
۱۵۵ـ تون اِنهيءَ رستي مٿان ويندو نه ڪَر ۲۳٦
۱۵٦ـ هان تون سَڀ ڏَن دولت ڪَڻ ۲۳۸
۱۵۷ـ مان پنائي ڪونه آهيان ۲۴۰
۱۵۸ـ دوستي ڪجھ نه آ ۲۴۱
۱۵۹ـ ڪٿن چوين ٿو ڪجھ به ناهي؟ ۲۴۲
۱٦۰ـ چَنڊُ ٿو مون ڪان پُڇي اڄ واتَ تي ۲۴۴
۱٦۱ـ وقت ٿورو آهه باقي، آنءُ وَڃڻو آهيان ۲۴۵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٦٢- تون ائين ڪنهنجي نہ آهين	٢۴٧
١٦٣- تون اِئين دِل ۾ ڪِڙي پئين ۽	٢۴٩
١٦۴- تون اَگر ٻيهر نہ ايندين ۽	٢٥٠
١٦٥- زندگاني، سڀ فنا	٢٥١
١٦٦- ڪيتريون محبوبڙيون وڇڙي وَيون	٢٥٣
١٦٧- تون نہ ايندين ۽	٢٥۴
١٦٨- ايتري گوشہ نشيني، هَل تہ اَڄ ٻاهر هَلون!	٢٥٥
١٦٩- نِنڊَ ۾ پوپَٽ اُڇن ٿا چارَ ۾	٢٥٦
١٧٠- پاڻَ ۾ پيهي تہ ڏس!	٢٥٧
١٧١- جيستائين ساٿُ ڏيندين ۽	٢٥٨
١٧٢- مون شفق مان گُل پَٽي	٢٥٩
١٧٣- (هڪ سنڌي شاعره کي)	٢٦٠
١٧۴- ايترا گُل پوکِ جو تِن کي چِنڻ وارا هُجن	١٦١
١٧٥- (گوا)	١٦٢
١٧٦- مينهن بَس ڪر!	٢٦٣
١٧٧- تون اَجان ڪيسين نہ ايندين ۽؟	٢٦٥
١٧٨- اي سِدا رت! روڪ ٻيڙي	٢٦٦
١٧٩- هي سياست زهر آهي	٢٦٧
١٨٠- اَڄ بہ زنداني ڇڪِي زنجير پنهنجا ڪرڙا ڪڙائن ٿا پيا	٢٦٩
١٨١- (شاهہ سچل ۽ سامي سيمينار)	٢٧٠
١٨٢- اُلها نگر جي تيز هوا	٢٧٢
١٨٣- آگودا بيچ (گوا تي)	٢٧٣
١٨۴- ڪو لنگٽ بيچ (گوا)	٢٧۴
١٨٥- هر جاڳ ۾ هر ننڊ ۾	٢٧٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٨٦ـ هو سرنهن تي مينهن ۾	٢٧٦
١٨٧ـ ڪيڏو نہ اَڏين ٿو ماٺهوئڙا!	٢٧٨
١٨٨ـ زندگي سيلاب آ	٢٧٩
١٨٩ـ سَرمست! اَچ تن جا مَتا تِرڪي پيا	٢٨١
١٩٠ـ سَن ستيتاليھ ڀيھر آ وَريو	٢٨٣
١٩١ـ ماڻهو جو ٻچو، اِنڪيو بيٺر ۾	٢٨٥
١٩٢ـ گهاوَ ڪي گهاوَ سان چُٽائي ٿو	٢٨٧
١٩٣ـ ساميواد ٻُڏايو آ	٢٨٨
١٩٤ـ آنءُ ميجان ٿو.	٢٩٠
١٩٥ـ ڇو پٺي مون ڪان لِڪين؟	٢٩٢
١٩٦ـ هي سَرءُ ڪيتري نہ پياري آ	٢٩٤
١٩٧ـ ڪيئن چئجي سُيان اٿان نہ اُٿان زندگيءَ جو نہ ڪٿت آ ڪوئي!	٢٩٥

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

گذريل پنجن سالن ۾، مون ڏانهن نثر ۽ نظم من وسلويٰ وانگر آيو آهي. انهيءَ وقت ۾ مون جي ڪتاب لکيا آهن، اُنهن مان 'اُڀر چنڊ، پَس پرين'، 'هينئَڙو ڏاڙهونءَ گل جئن'، 'ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن' ڀاڱو ڀهريون ۽ ٻيو (ڀاڱو ٽيون ٻه ذري گهٽ تيار آهي) 'نندوليُون'، 'سر لوهيڙا ڳيپيا' ڀاڱو ڀهريون (ٻيو ڀاڱو پريس لاءِ تيار آهي)، 'ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان'، 'سورج مُکيءَ سانجهه' ۽ زير نظر ڪتاب 'ڇوليون ٻوليون سَمنڊ جون' ڇپجي چڪا آهن. ٻيا ڪتاب جن کي مون لکي ترتيب ڏني آهي، اُهي آهن 'چَنڊ ڳليون' (جن ۾ ٻه سو کان وڌيڪ ترائيل آهن) ۽ 'ڪاريون ڏاريون رات جون'، 'اولڙا'، 'اکين نند اُجهي' 'جَر ڏيئا جهمڪن'، 'چانو ڪپر' ۽ 'ڪارونيار ڪڪر' آهن، جي نثري شاعري ۾ منهنجا اصلوڪا ڪتاب آهن ۽ ڏهه ڪتاب 'موکيءَ مَٽ اُپٽيا' ۽ ٻين نالن سان آهن، جي مون پنهنجن نوٽ ٻُڪن تان اُتاريا آهن ۽ جن ۾ ڪي اصلي نگارشون ۽ ڪجهه ترجما آهن. مون کي ڪنهن دوست چيو ته تنهنجن اُٺويهن سٽن کان سواءِ، ڪجهه نثري نظم ۽ هائڪو ٻه ترجما آهن. مون هن کي چيو ته مون کي اُنهن جو فوٽو ڪاپيون موڪلي ڏي ته مان وضاحت ڪري ڇڏيان ڇو ته جڏهن مٿيون اُٺويهه سٽون ترجمو ڪيون ويون هيون، تڏهن اهي ٽورا نثري نظم ۽ هائڪو ٻه ڪيا ويا هوندا ۽ مان اصل مصنف جو نالو ڏيڻ ڀُلي ويو هوندس. دراصل منهنجيءَ ٻي ڪنهن ٻه صنف ۾ اهڙي هڪ ٻه سٽ نه آهي جا ڪنهن جو ترجمو هجي. جنهن شاعر هڪ لک کان وڌيڪ سٽون لکيون هجن، اُن لاءِ اِها ڪا وڏي ڳالهه نه آهيٌ. مان بيدل دهلوي، غالب، اقبال ۽ خود شاهه لطيف ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن ۾ اهڙا توارد جا مثال ڏيئي سگهان ٿو، جي سَرقي وانگر لڳن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا. بهر صورت مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن ۾ "موڪيءَ مٿ اُپٽيا" وارن جلدن کان سواءِ، ٻي ڪنهن به ڪتاب ۾ هڪ سٽ به ترجمو نه آهي. مون اِهي ترجما تڏهن ڪيا ها جڏهن مان وائيس چانسلر هوس ۽ مون کي ڏات ڏڻءُ ڏئي وئي هئي.

هن وقت مان پنهنجا سنڌ، پاڪستان، بنگلاديش ۽ هند جا سئر سفر ۽ يادگيريون لکي رهيو آهيان، جن جا ساڍا چار سَوُ صفحا اڳ ئي لکي چُڪو آهيان ۽ اٽڪل هڪ هزار صفحا اڃا لکڻا آهن. اهي سفر مون جمال ابڙي ۽ ٻين دوستن سان گڏجي ڪيا ها. اهو ڪتاب دراصل سفر در سفر جو مثال آهي ۽ اندريون سفر ٻاهرين سفر کان زياده اهم آهي.

مان اُنهن شاعرن مان آهيان، جن لاءِ ڀٽائي چيو هو:

سَرتيون جي مون وِسهو، ننڊَ نه هيريو نيڻ
جويــن ٻــه ٽــي ڏينهڙا

امير خسرو، پنهنجي پير و مُرشد خواجه نظام الدين اوليا کي ساريون راتيون عبادت ۽ رياضت ڪندي ڏٺو هو، جنهن ڪري خواجه صاحب جون اکيون صبح جو خُماريل هونديون هيون. اِن تي 'امير خسرو' چيو هو:

تو شبانه مي نمائي به بَرِڪه بُودي اِمشب
ڪه هنوز چشمِ مَستَت اثـرِ خُمار دارد

(ترجمو:- تون اڄان ننڊاڪڙو ٿو لڳين، رات ڪنهن جي ڇاتيءَ تي ليٽيل هئين، جو اڃا تائين تنهنجي مست اکين ۾ خمار جو اثر آهي.)

هي ڪتاب لکندي منهنجي به اها حالت هوندي هئي ۽ رات جي ڏهين بجي کان وٺي، صبح جي پنجين بجي تائين سانده ڏهه پندرنهن نظم لکي، پورا ڪندو هوس. اُنهن ۾ سِٽ جي اندرين ترنم تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي. شايد اوهان کي ٻي ڪنهن شاعريءَ ۾ ايترو ترنم ملي ۽ جي ملي ته مون کي اهڙو اطلاع ڏيو ته اوهان جو احسان مند رهندس.

مون گذريل ڇهن سالن ۾ ايتري تيزيءَ سان لکيو آهي، جو مون کي پنهنجي شعر جي هڪ سٽ به ياد نه آهي. جڏهن مون کي ڪوئي پنهنجو آٽوگراف بُڪ پيش ڪندو آهي تڏهن هن کي ڪجهه نثر ۾ لکي ڏيندو آهيان. ٻيو ته جڏهن کان وَن يونٽ ٽٽو آهي، مون مشاعرن ۾ پڙهڻ ڇڏي ڏنو آهي. (مان گهٽو ڪري هڪ شاعر جو مُشاعرو هوندو هوس، جو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار ڪلاڪ ساندهه هلندو هو.) رڳو چار سال اڳ مان موتي پرڪاش جي دعوت تي انگلينڊ مان پاڪستان ايندي دُبئي ۾ لٿو هوس. شارجا ۾ ڪجهه دوستن جي فرمائش تي مون پنهنجي ڪتاب 'ٻَر جي ڇانو اڳي ڪان گهاٽي' مان ڪجهه نظم هنن کي پڙهي ٻُڌايا ها. جوانيءَ ۾ مان ميز ڪرسيءَ تي ويهي، شعر ڪڏهن به نه لکندو هوس. ڪڏهن شڪارپور ۾ شاهي باغ، چَوڏڳي يا ريل جي بند تان ويندي، شعر پاڻ ئي مُنهنجي من ۾ جُڙي ويندو هو ۽ ڪيترائي ڏينهن مون کي ياد رهندو هو. ۽ جڏهن مان چاهيندو هُيس، تڏهن اهو نوٽ بُڪ ۾ لکي ڇڏيندو هيس. مان هر روز ٻنيرڪي ڪان اڳ اُٿي، شاهي باغ ۽ شڪارپور جي ٻين باغن جا چڪر ڏيندو هوس، جي الف شاهه جي مقبري کان ٿوري پنڌ تي هوندا ها ۽ شام جو ريل جو بند وٺي ڪيئي ميل پنڌ ڪندو هوس. اهڙيءَ طرح چانڊوڪين راتين ۾، شڪارپور جي ريلوي اسٽيشن کان ڪجهه پري رستم ڳوٺ تائين ويندو هوس. شام جو ڪنهن وقت منهنجا همعصر شاعر لعل محمد لعل، مرحوم نعيم صديقي ۽ مرحوم احسان بدوي گڏ هوندا ها ۽ رات جو مون سان منهنجا ٻه دوست مرحوم جمال صديقي ۽ غلام قادر مطلباڻي (معلوم نه آهي ته قيدحيات ۾ آهي يا نه!) گڏ هوندا ها ۽ ريلوي اسٽيشن کان ڪجهه پري، سياري جي چانڊوڪين راتين ۾ خانه بدوشن جا قافلا ڏسندا هياسين، جي اسٽيشن کان ڪجهه پنڌ تي پَڙاءُ هڻندا ها، ۽ اُنهن جون ريتيون رسمون جاچيندا هياسين، اُنهن جون سڊول عورتون ڏسندا هياسين ۽ رات جي هڪ وڳي تائين انهن جا روماني گيت ٻُڌندا ۽ ناچ ڏسندا هياسين. اُنهن ۾ ڪي جوڳي به هوندا هئا ۽ گهڻو ڪري اُهي خانه بدوش سنڌ جو قديم قومون ڀيل، ڪولهي ۽ مينگهواڙ هوندا ها. منهنجي نوجوان دوست انور فگار هڪڙي مون کي هڪ نظم جي فوٽو ڪاپي موڪلي آهي جو مون اُنهن خانه بدوشن تي لکيو هو ۽ غالباً سنڌو رسالي ۾ ڇپيو هُيو. اُن جي پهرين سٽ آهي:

خانه بدوشو ٿا ٻيو، ڪيڏانهن آخر قافلو؟

جڏهن مان شڪارپور ۾ پڙهندو هوس، تڏهن گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ٻارنهن ميل پنڌ روز ڪندو هوس، ۽ اجا تائين منهنجون پنيون ايئن لڳنديون آهن ڄڻ رُڪ جو ٺهيل آهن. روز هڪ به غزل منهنجي دماغ ۾ تيار ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا ها، جيڪي اُن جي ته خاني ۾ حفاظت سان رکيل هوندا هئا جيستائين مهينو اڌ پوءِ مان اُنهن کي لکي ڇڏيندو هيس. ڪراچيءَ ۾ به منهنجي ساڳي ڪيفيت هوندي هئي جڏهن مان اُتي تعليم پرائيندو هوس ۽ گهڻو ڪري لَوَرس برج (Lover's Bridge) (جنهن جي اڳيان هاڻي شيرٽن هوٽل آهي) تان ٿي سڌو نيٽوجيٽيءَ ۽ ڪياماڙيءَ تائين ويندو هوس. اِن پنڌ ۾ منهنجو دوست اَرجن شاد مون سان گڏ هوندو جو هاڻي بمبئي جو مشهور شاعر آهي ۽ جنهن کي ساهيته اَڪادمي انعام ۽ مهاراشٽرا سرڪار جو انعام مليو آهي. مان جڏهن هن کي پنهنجا سوين شعر حافظي مان ٻُڌائيندو هوس. تڏهن هو حيران ٿي ويندو هو. مان ڪارادر وٽان ريشم کي گهران ڪٽي، هن سان گڏ نيٽوجيٽيءَ ويندو هوس ۽ اُتان مَندر ٻاهران اَڪا وٺي، اسان ٻئي بيٺل سمنڊ ۾ مڇين کي وجهندا هئاسين، يا ڪجھ پنڌ تي سمنڊ جي ڪناري تي بيٺل ٻيڙيءَ تي وڃي ويهندا هئاسين، ۽ ڳالهيون ڪندي، پاڻي ۾ لهندي سج جو منظر ڏسندا هئاسين. جڏهن مان اڪيلو ڪلفٽن يا ڪياماڙيءَ ويندو هيس ته منهنجي دماغ ۾ ڪيئي شعر جُڙي ويندا هُيا، جي ڪافي ڏينهن ڪان پوءِ مان لکي ڇڏيندو هوس. مون ڪيئي نظم برنس گارڊن (هاڻي اُتي ميوزيم ٺاهيو ويو آهي) ۽ گانڌي گارڊن ۾ (جنهن کي هاڻي جناح باغ ٿا چون) جوڙيا ها. اُنهن جا ٻه مجموعا ها، هڪ جو نالو 'خواب و خيال' هو ۽ ٻين جا نالا وسري ويا آهن. هڪ ڀيري مان شڪارپور کان ڪراچيءَ ريل ۾ اچي رهيو هوس ۽ پنهنجا سمورا ڪتاب ٻن لوهه جي پيٽين ۾ وجهي پاڻ سان کنيا هيئم. اُهو ٻي مهاڀاري لڙائي وارو زمانو هو ۽ مان ٽرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪري رهيو هوس. گاڏيءَ ۾ پيهه ۽ گپاگيهه لڳي پيئي هئي ۽ مان گاڏي ۾ رات جي ٻي وڳي تائين بيٺو هوس. اوچتو هڪ اسٽيشن تي ڪوئي مسافر سيٽ خالي ڪري لهي ويو ۽ مان اُن تي ويهي رهيس. تنهن سبب مون کي اک لڳي ويئي ۽ ڪينٽ اسٽيشن تي جاڳ ٿي. مون ڏٺو ته منهنجون ٻئي لوهي پيٽيون ڪونه هيون جي ڪوئي شاهينگ ڳريون ڏسي، ٽپائي ويو هو. اُنهن ۾ منهنجا هڪ هزار صفحا گيت، غزل ۽ نظم به هئا، جن مان ڪي ٿورا مختلف رسالن ۾ ڇپيل ها، جي مون پوءِ 'پونر ڀري آڪاس' ۾ شامل ڪيا هُيا. هڪ ڳالهه جنهن جو مون اعتراف ڪٿي نه

ڪيو آهي، اُها آهي شاگردي واري زماني ۾ سائيڪل تي آواره گردي، جا مان فريئر روڊ ۽ گاڏي کاتي جي آس پاس ڪندو هوس. تن ڏينهن ۾ شام جو ڪجھ مارُن ۾ بجليءَ بتيون ٻرنديون هيون، ۽ ڪجھ ۾ لالٽين ۽ ڏيئا ٻرندا هيا. مان ڪنهن نہ ڪنهن ماڙي هيٺان سائيل کي ڪُلف ڏئي متي چڙهي ويندو هوس ۽ اُن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن فليٽ جو در کڙڪائيندو هوس. جڏهن در کلندو هو ۽ ڪائي هندو ڇوڪري منگالي تي ماني پچائيندي نظر ايندي هئي تڏهن مان هن کان پڇندو هوس تہ فلاڻو هتي ٿو رهي ڇا؟ منگالي ۾ ٻرندڙ ڪوئلن جي روشني ۾ مون کي هن جو چهرو ڏاڍو وڻندو هو، خاص ڪري جڏهن هوءَ حيرت مان مون کي ڏسي چوندي هئي تہ هي فلاڻي جو گهر تہ نہ آهي! اُن کان پوءِ ٻيءَ ڪنهن فليٽ تي ٺڪ ٺڪ ڪري، ساڳيو سوال پڇندو هوس، ساڳو منظر نظر ايندو هو ۽ ساڳيو جواب ملندو هو. ٽيهارو سال پوءِ مون اها ڪيفيت پنهنجي سنگيت ناٽڪ 'ٻڪت سگھ کي ڦاسي' ۾ سُکديو جي ڪردار ۾ اظهاري هئي.

مون کي اُردو ۽ فارسي شاعري لاءِ غيرمعمولي حافظو هوندو هو. جڏهن آنءُ پنجين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس تڏهن مون کي نہ رڳو ديوان حافظ، رباعيات خيام، ديوان غالب ۽ علامہ اقبال جا بانگ درا، بال جبريل، ضرب ڪليم ۽ پيامِ مشرق ۽ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جا ۽ ٻيوس جا سمورا ڪتاب ياد هوندا هئا، پر نثر ۾ سعديءَ جو سارو گلستان بہ ياد هوندو هو. ڪافي وقت پوءِ، جڏهن ون يونٽ خلاف تحريڪ هلائيندي مون پنهنجي شاعريءَ کي سياسي مقصد لاءِ استعمال ڪيو هو تڏهن اها مون کي ايترو ياد ٿي وئي هئي جو جي- ايم سيد جي سالگره تي مون پنهنجي ساري آپيرا 'دودي جو موت' اٽڪل پنجاهہ هزار ماڻهن جي سامهون پنهنجي حافظي مان پڙهي هئي ۽ اي- ڪي- بروهي جو منهنجي پرسان اسٽيج تي ويٺو هو تنهن مون کي منهنجي حافظي تي داد ڏيندي چيو: "اياز، مان سمجهندو هوس تہ سنڌ ۾ منهنجو حافظو هر ڪنهن کان تيز آهي پر تنهنجو حافظو مون کان بہ تيز آهي." مرحوم علي محمد راشدي جو مرحوم خانبهادر کهڙي پرسان ويٺو هو تنهن منهنجي پُٺي ٺپيندي چيو هو: "سنڌ کي اهڙي شاعريءَ جي ضرورت هئي".

هڪ ڀيري سال ٦٣ ۾ مان ۽ رشيد ڀٽي، سڳن آهوجا، موهن ڪلپنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٻين اديبن جي دعوت تي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ويو هوس. رات جي مانيءَ کان پوءِ ١٠ بجي اسان سڀني جي گهر جي ٻاهران پڌر ۾ وڇايل گلمن تي چاليهارو ڄڻا وڃي ويٺا هئاسين جن ۾ سُندري اتمچنداڻي، گيتا راج، مايا راهي ۽ ٻيون عورتون به شامل هيون. گلمن پٺ تائين پٿاريل هو ۽ پٺ سان ٽيڪ لاءِ وهاڻا رکيا هيائون. مان اتي رات جي ڏهين بجي کان صبح جي ڇهين بجي تائين زباني شعر پڙهندو رهيس. اهڙا ڪلياڻ ڪئمپ جا مون وٽ فوٽا به آهن. ان تي موهن ڪلپنا مون کي ڏاڍي پيار سان چيو هو: "اياز، تنهنجي ڪويتا ٻُڌي مون کي راڻي پرتاپ جي زندگي مان هڪ واقعو ياد آيو. راڻو پرتاپ ڪنهن مهم تي ويل هو ۽ ڪنهن کي معلوم نه هو ته هو چتور جي قلعي ۾ موٽي آيو آهي. اوچتو ڪنهن پوڙهي راجپوت پنهنجي پٽ کي چيو ته راڻو موٽي آيو آهي ۽ قلعي ۾ آهي. هُن جي پٽ حيرت مان ڪائنس پڇيو 'ابا، توکي ڪيئن معلوم ٿيو ته راڻو قلعي ۾ موٽي آيو آهي؟' جنهن تي پيءُ وراڻيو: 'تو تلوار جا سانده ست زيڪا ٻُڌا' جڏهن هن جي پٽ هائو ڪندي ڪنڌ ڌوڻيو تڏهن هن جي پيءُ چيو: سانده ست ڀيرا ايتري زور سان تلوار جا زيڪا فقط راڻو ئي ته ڪري سگهندو آهي. اياز! ايتري رواني‌ءَ ۽ جوش سان سانده ستر ڀيرا نظم فقط تون ئي پڙهي سگهندو آهين." منهنجي شاعريءَ لاءِ اهڙي زوردار ۽ خوبصورت تشبيھ ڪنهن اجا تائين نه ڏني آهي.

دراصل منهنجو حافظو رڳو شعر و ادب جي باري ۾ تيز آهي. ماڻهن ۽ جاين جا نالا، واقعن جون تاريخون، ٽيلي فون نمبر، ائڊريسون، ماڻهن جا چهرا وغيره مون کي ياد نه رهندا آهن. ايئن سکر ۾ به جڏهن مان وڪالت ڪندو هوس تڏهن يا گهر جي ڇتين تي چڪر ڏيندو هوس ۽ سنڌوءَ جي چولين ۾ چنڊ کي ڏسندو هوس يا گهر کان ليوڪس پارڪ تائين چڪر ڏيندو هوس ۽ ڪيئي شعر ان وقت جوڙي وٺندو هوس. پنهنجي شاعري جو مجموعو 'ڪپر ٿو ڪُن ڪري' مون سکر جيل ۾ ذري گهٽ ويهي لکيو آهي پر اُتي به گهمندي ڦرندي شعر منهنجي دماغ ۾ جُڙي ويندا هئا.

ننڍي هوندي صبح جو ڇئين بجي ڪوئي منگتو اسان جي گهر ٻاهران سُئن هڻندو هو ۽ منڙي لات ڪندو هو "پڪي لات لنون"، اِهو ست جو پويون اڌ هوندو هو، پهريون اڌ شايد "اسر وِير اٿي" هو پر مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري، طرح ياد نٿو اچي. جڏهن مون لکيو هو ته:

"هي سٺن نه ڏيندي چئن، اُتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا" تڏهن مٿيون منظر منهنجي اکين اڳيان اُڀري آيو هو.

ڪيئي سال اڳ مان انگريز شاعر ۽ نقاد اسٽيفن اسپينڊر (Stephen Spender) جو مضمون 'نظم جي تخليق' (The making of a poem) پڙهيو هو، جنهن ۾ هن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو هو ته شاعريءَ جي تخليق ۾ شاعر جو حافظو اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ان مضمون ۾ هُن چيو آهي ته جڏهن اطالوي شاعر ڊانٽي نون سالن جي عمر جو هو تڏهن هو پنهنجيءَ محبوبه بئيٽرس (Beatrice) سان مليو هو. ۽ انهيءَ علامت پوءِ هن جي شاهڪار 'مقدّس طربيه' (Divine Comdey) جو روپ ورتو هو. هن وڌيڪ چيو آهي ته وردس ورٿ جي فطري شاعريءَ جو پس منظر به اهي فطري نظارا آهن جي هن ننڍي هوندي ڏٺا ها ۽ پوئين عمر ۾ هن ليڪ ڊسٽرڪٽ (Lake District) ۾ رهڻ جو فيصلو ان سبب ڪيو هو جو هن انهن ننڍ پڻ جي احساسن ڏانهن موٽڻ ٿي چاهيو جي هن کي اٿي ٿيا ها.

ساڳيءَ ريت مون ڪيئي ڀيرا چاهيو آهي ته شڪارپور ڏانهن موٽي وڃان. جڏهن منهنجو پٽ انيس ويهن ورهين جي عمر ۾ شڪارپور ميونسپالٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر ٿيو هو تڏهن مون هن کي چيو هو ته شاهي باغ جا سڀ وڻ ڏوئاري جي هن پوءِ فائربرگيڊ جي مدد سان ڏوئاريا ها. جڏهن مان شاهي باغ ويو هوس ته بيگاري واهه سڪي چُڪو هو، جنهن جي پاٽيءَ ۾ اسان ٻڙ جي لامن تي لڏي پاٽي ۾ ٽپا ڏيندا هياسين. مان تمام چڱو تارون هوندو هوس ۽ جڏهن ڪراچيءَ ۾ نيٽوجيٽيءَ تي ويندو هوس تڏهن ڪڏهن روشن کي ڏاڪڻ وٽ چڏي سِومنگ سوٽ پائي سمنڊ ۾ تري ٻي پار ٻيٽ کي هٿ لائي موٽي ايندو هوس. ايئن ننڍي بيگاريءَ، وڏي بيگاريءَ، سنڌ واهه جون يادگيريون شاعريءَ ۾ نوان رنگ روپ وٺي آيون آهن. هونءَ هن زير نظر ڪتاب ۾ خاص طور سمنڊ مون لاءِ ابد ۽ موت جي علامت آهي.

فرينچ شاعر پال وئليري (Paul Vallery) چيو هو ته:

One line is given to the poet by god or by nature, the rest he has to discover for himself

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ترجمو: هڪ سِٽَ خدا يا قدرت شاعر کي عطا ڪري ٿي. باقي سٽون هن کي پاڻ ڳولي لهڻيون آهن.)

دراصل مون سان ائين نہ آهي. مان چانڊوڪي رات ۾ ڪئينس روڊ سکر واري گهر تان ساڌ ٻيلي ڏانهن ڏسي رهيو هوس تہ 'رات آئي وئي، تون نہ آئين ڪهي' واري ساري غزل جون سٽون مون ڏانهن ڪونجن جي وڳر وانگر آيون هيون ۽ انهن ڪٿي بہ پاڻ ۾ پرت نہ ڇني هئي. هاڻي تہ ڪتابن جا ڪتاب مون ننڊ مان اُٿي لکيا آهن. ڏهہ ڏهہ، پندرنهن پندرنهن نظم ساڳي وقت لکي ويندو آهيان. انهيءَ ڪاوش ۾ فقط منهنجو لاشعور ۽ تحت الشعور حصو وٺندا آهن، شعوري طرح تہ مان صبح جو انهيءَ شاعريءَ ۾ ٿورڙي ڦيرگهير ڪندو آهيان.

مون هميشہ سوچيو آهي تہ شاعري عمل واري زندگيءَ کان بي نياز هوندي آهي. هونءَ تہ جيڪي بہ عمل جي تيز رفتاريءَ ۾ محو آهن، اُهي اهم ماڻهو آهن پر اهي ايترا گهٽا آهن جو ان اقليت جي اهميت وڏي وڃي ٿي جا غور ۽ فڪر، علم ۽ ادب جي دنيا ۾ رهي ٿي. ڪجھ شاعر ساهي مُنجهائي، ٿوري وقت ۾ علم ادب جا شاهڪار تخليق ڪندا آهن ۽ ٻيا درجي بدرجي تخليق ڪندا آهن، هڪ تحرير ڦاڙي ٻي لکندا آهن ۽ ڪافي دير سان ان کي آخري شڪل ڏيندا آهن. اقبال پهرين مان هو ۽ فيض پوين مان آهي. اقبال ۾ آمد ئي آمد آهي، فيض ۾ آمد ۽ آورد جو ميلاپ آهي پر فيض جي آورد سنگ مرمر جي تراش خراش ۾ سُفيد شگفتگيءَ وانگر آهي.

موسيقيءَ ۾ اهي ٻہ مختلف ڌارائون اسان کي موزارٽ (Mozart) ۽ بيدوون (Beethoven) ۾ ملن ٿيون. موزارٽ سمفينون، چؤبولا يا چؤ مصرع (Quartets) ۽ اوپيرائن مان ڏيک يا ڇهچٽا پنهنجي دماغ ۾ سوچي وٺندو هو. گهٽو ڪري هو مسافريءَ ۾ ايئن ڪندو هو. جيئن مون شاهہ جي رسالي جو منظوم اردو ترجمو ڪيو هو. پر ڪڏهن ڪڏهن هو تخليق وقت ضروري مسئلن سان دوچار هوندو هو. بيدوون پنهنجا ترجما ۽ ايياس (Themes) نوٽ بڪ ۾ درج ڪري ڇڏيندو هو جي هن جي پرسان رکيا هوندا هيا ۽ جن تي هو ڪيئي سال مشق ڪندو رهندو هو ۽ انهن ۾ اضافا ڪندو رهندو هو. هر جينيس کي پنهنجي منتهاتي رسائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ الڳ الڳ طريقا آهن موزارٽ جهڙو جينيس وڏيڪ تابان ۽ تجلي دار آهي هن کي اهڙي نگاهه گهربي هئي جا جمالياتي تخليق ۾ فوراً پيهي وڃي ۽ اُهو نتيجو پيدا ڪري، جو ٻيا سالها سال ڪوشش ڪري پيدا ڪندا آهن.

هن ڀيري مون تي شاعري ايتريءَ شدّت ۽ روانيءَ سان آئي آهي جو ڪَپر ڪنارا معدوم ٿي ويا آهن، ڪنهن به شعوري ڪوشش جي ضرورت نه پئي آهي ۽ لاشعور ۽ تحت الشعور ئي تخليق جو سرچشمو رهيو آهي. ڪن شاعرن لاءِ ڪي نظم اهڙا هوندا آهن جو اُنهن کي لکڻ لاءِ، پنهنجا ئي ساڳي موضوع تي لکيل ست اٺ نظم رد ڪرڻا پوندا آهن. اُهي شاعر ڄڻ ته جاکوڙ سان ٻوڻ تان ڪوس کي ڇڪي، گهڙو ڀريندا آهن ۽ انهن ۾ درياهه جي رواني ته درڪنار، چشمي جي رواني به ڪو نه هوندي آهي.

شاعريءَ لاءِ خيال کي جاڳائڻ ضروري آهي، ايڪا ڳرتا ۽ ڌيان ڪان سواءِ ڪويتا جي رچنا محال آهي. حيرت آهي ته جرمن شاعر شِلر ميز هينان صوف لڪائي رکندو هو ۽ جڏهن اُهي ڪِنا ۽ باسي ٿيندا هئا، تڏهن ڀرسان ڪُرسيءَ تي ويهي شاعريءَ جي تخليق ڪندو هو ۽ اُنهن صوفن جي تِکي گند هن کي ڌيان لڳائڻ ۾ ڪارآمد ثابت ٿيندي هئي. انگريز شاعر والٽر ڊي لاميئر (Walter de la Mare) چوندو هو ته جڏهن هو شعر لکندو هو تڏهن هن کي سگريٽ جي ٻاڙ لڳندي هئي. آڊن چاءِ جا ڪوپ پئيندو هو. اسٽيفن اسپينڊر جي ڪمزوري ڪافيءَ جا ڪوپ هئي. اُردو ۽ فارسيءَ جا شاعر غزل گوئيءَ وقت شراب پيئندا هئا. اسرار الحق مجاز ۽ جوش مليح آبادي ٺرو پيئندا هئا ۽ هنن جي باري ۾ مشهور لطيفو آهي. ته هڪ دفعي جوش ۽ مجاز گڏجي پي رهيا ها ته مجاز جام تي جام پيئندو ٿي ويو ۽ بس نه ٿي ڪيائين. جوش جيترو روز پيئندو هو، اوترو پي چُڪو هو. (مان ٻانيان ٿو سج لٿي ڪان پوءِ هو ورلي پيئندو هو) هن مجاز کي صلاح ڏني، "ميان! گهڙي رکي پئيندو ڪر". مجاز ڪيس يڪدم جواب ڏنو، "جوش صاحب! جيءَ ۾ ته اچي ٿو ته گهڙو رکي پيئان." جگر مراد آباديءَ جون من مستيون ته مشهور هونديون هيون. هڪ ڀيري هو غالباً علي ڳڙهه ۾ مشاعري ۾ پيتل آيو هو ۽ اڌ غزل پڙهي ونئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڳو هو ۽ ماٺهو هن جي ڪڍ پئجندا ويا ها. جيستائين ڪنهن مجسمي وٽ بيهي، اُن سان سر ٽڪرائي هن چيو هو، "تون ڪٿي آهين؟ تون مون کي ڇو ڇڏي وئي آهين؟" جگر شراب به پيئندو هو ۽ شعر لکڻ وقت حقو به پيئندو هو. جنهن جي باري ۾ مون هڪ لطيفو اُدل سومري کي ٻُڌايو هو، جو هن منهنجي خاڪي ۾ ڇپايو آهي. اتفاق سان فيض جي دوست لُدميلا مون کي لينن گرادَ ۾ ملي. هوءَ ڪنهن جپاني شاعر سان گڏجي آئي هئي، جنهن سان هُن منهنجو تعارف ڪرايو. منهنجيءَ گائيڊ لينا اڳ ۾ منهنجو لدميلا سان تعارف ڪرائيندي چيو هو. "لُدِ ميلا فيض کي وودڪا يا وسڪيءَ جا جام ڀَرِي ڏيندي هئي. جي هو ساري رات، ماني کان پوءِ به پيئندو رهندو هو ۽ هوش نه وڃائيندو هو ۽ جڏهن پيئندو هو ته شعر نه لکندو هو، باقي اهو دوستن کي ٻُڌائيندو هو."

مون کي فيض جي اها خبر اڳ ئي هئي. ڪئي سال اڳ هو سکر جي ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر جو مهمان هو. ون يونٽ وارو دؤر، مصطفيٰ زيديءَ وارو دؤر، اردو شاعرن لاءِ يادگار دؤر آهي. فيض سکر ۾ پيئڻ مهل مون کي هميشه نياپو موڪليندو هو. هن جا ميزبان گهٽو ڪري بيوقوف هوندا ها ۽ انهن کي نظرانداز ڪري، هو پيئندو به هو ۽ مون سان ادبي رهاڻ به ڪندو هو. هڪ ڀيري اسان ڏينهن جي ٻارهين بجي کان رات جي نوين بجي تائين پيئندا رهياسين، جنهن کان پوءِ ماني گڏجي کاڌي سين. فيض ڏاڍو اصرار ڪيو ته مان به هن سان گڏجي مشاعري ۾ هلان ۽ ڪجهه سنڌيءَ ۾ شعر پڙهان پر مون هن کي انڪار ڪندي چيو: "فيض! مان مشاعري کي عبادت گاهه ۽ شاعريءَ کي عبادت سمجهندو آهيان. پيو ته مان ڪنهن به شاعر سان گڏجي هڪ يا ٻه غزل نه پڙهندو آهيان. جيئن ماسڪو ۾ لينن اسڪائر ۾ اِيوتو شينڪو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پڙهندو آهي مان به ائين پڙهندو آهيان. بهر صورت مان پي ڪري عوام اڳيان اچڻ نه چاهيندو آهيان."

تنهن وقت مان سگريٽ به تمام گهڻا پيئندو هوس ۽ ائين سمجهندو هوس ته سگريٽ ۽ وسڪي شاعريءَ لاءِ سازگار آهن. دراصل اها ڪنهن اَياڻي جي سوچ هئي، جا مون تائين پهتي هئي. ڪيئي سال ٿيا آهن جو مون سگريٽ ۽ شراب ڇڏي ڏنو آهي ۽ انهيءَ عرصي ۾ مون اُن وقت کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏهه پيرا وڏيڪ لکيو آهي، جڏهن مان سگريٽ ۽ شراب پيئندو هوس. سگريٽ ۽ شراب نه رڳو صحت لاءِ مضر آهن پر شاعري لاءِ سازگار به نه آهن. نه وري مان چانهه يا ڪافي شعر لکڻ وقت پيئندو آهيان. شاعري ته خود هڪ نشو آهي. شعر جي آمد وقت مون ڪان وسري ويندو آهي ته مون کي ڪوئي جسم به آهي. مون ڪي جذبات جي لنگر انداز ٿيڻ لاءِ نه شراب جي ضرورت هوندي آهي ۽ نه سگريٽ جي نه چانهه جي نه ڪافيءَ جي. جڏهن منهنجو من ڪيلاش جي چوٽيءَ تي پهچي ويندو آهي ۽ سارا نشيب وفراز وساري ڇڏيندو آهي. شاعريءَ لاءِ مون کي ايئن ترسڻو نه ٿو پوي جيئن بيدوون موسيقيءَ جي تخليق لاءِ ترسندو هو ۽ جي ايئن ترسڻو پوي ها ته مان شاعري ڇڏي ڏيان ها ۽ جي ايئن نه ڪري سگهان ها ته خودڪشي ڪيان ها. ڇوءَ سڀ لاءِ انتظار مون لاءِ موت جي برابر آهي.

شاعر جيترو ڄاڻي سگهي، ڄاڻي. بقول سعدي 'هر ورقي دفتريست معرفت ڪردگار' شاعر لاءِ ڪوبه موضوع اجنبي نه آهي ۽ جيترو هن کي علم گهرو هوندو اوترو ئي گهرائي هُن جي شاعريءَ کي هوندي. اڪثر سنڌ جا محقق سطحي ڪافين جا قائل رهيا آهن جي رڳو جذباتي جڪ هونديون آهن. هينيون شعر ڪنهن پيغمبر جي باري ۾ صحيح ٿي سگهي ٿو. باقي هن دؤر ۾ ڪنهن شاعر جي باري ۾ بي معنيٰ آهي:

نگار ماکه بمکتب نرفت وخط ننوشت
بغمزه مسئله آموزِ صد مدرس شد

(ترجمو: اسان جو محبوب جيڪو مڪتب ۾ نه ويو ۽ ڪجهه نه لکيائين، پنهنجي غمزي سان سوَ اُستادن کي مسئلا سمجهائي ويو)

اڄ ڪلهه هڪ سگهڙ ته اُمّي ٿي سگهي ٿو پر شاعر اُمّي نه ٿو ٿي سگهي. ڪي سياستدان سُگهڙن کي استعمال ڪري پنهنجي مطلب کي سڌ ڪرڻ لاءِ آرٽ کي تلف تاراج ڪن ٿا. هي جيٽ جو دؤر آهي، دنيا سُسي وئي آهي ۽ مُلڪ هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ويا آهن. پوريءَ دنيا جو ادب بين الاقوامي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. شاعر کي پراڻا ۽ نوان گهاڙيٽا سيئي اچڻ گهرجن ۽ هن ۾ ايتري انفراديت هجڻ گهرجي جو هو پنهنجا گهاڙيٽا گهڙي سگهي ۽ هيئت ۽ موضوع ۾ مطابقت ۽ هم آهنگي پيدا ڪري سگهي. هن کي ڪڏهن روايت کي ريٽي، پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجدان تي ڀاڙڻ گهرجي. نه وري هن کي عوام جي ساراهه ۾ ڳلا جو خيال ڪرڻ گهرجي. عوامي شاعر سطحي ۽ وقتي هوندا آهن جيئن مرحوم جيب جالب هو. هو دور رس نگاهه کان عاري هوندا آهن.

مون اڳ ۾ لکيو آهي ۽ هاڻ وري ورجايان ٿو ته شاهه لطيف عوامي شاعر نه هو، جي عوامي شاعر هجي ها ته هُن جون ايتريون تشريحون لکيون نه وڃن ها. هن عوامي زندگي مان استعارا ته ورتا آهن پر هن کي سمجهي رڳو خواص سگهن ٿا. هاڻ ته مان انهيءَ راءِ جو آهيان ته شاعري ۾ تحت الشعور ۽ لاشعور جو اظهار وڌيڪ آهي. ڪاش! هر شاعر کي ان اظهار تي عبور حاصل ٿئي ۽ ان ڳالهه جي اظهار جي جرئت پيدا ٿئي. ان ۾ شڪ نه آهي ته ٻهراڙيءَ جي باري ۾ شاعري شهري شاعريءَ کان زياده اهم آهي. ١٩٩٠ع ۾ مصوّر وان گوگ جو سال ملهايو ويو جڏهن وان گوگ جي هڪ تصوير هڪ جپاني سرمائيدار ساڍن ٻياسي ملين ڊالرن ۾ خريد ڪئي. ان کان پوءِ آرٽ جي نقاد جو ڊِي سُندِ (Judy Sund) هن تي هڪ مضمون لکيو، جنهن ۾ وان گوگ جو پنهنجي ڀاءُ 'ٿيو' ڏانهن لکيل خط مان هي ٽڪرو ڏنائين:

"جيڪي مصوّر ٻهراڙي جي زندگي يا اتي رهيل عوام جي زندگي جي باري ۾ تصويرون ڪڍن ٿا، توڙي اهي مصوّر پنهنجي دؤر ۾ اثرائتا نه ٿا ٿين، پر اُهي اُنهن کان وڌيڪ پائيدار آهن جي ڪنهن غير جي حرم سرائن جون يا پوپ جي چونڊيل سيا جي مشيرن (Cardinals) جون تصويرون ڪڍن ٿا."

ان ۾ شڪ نه آهي ته پنهنجي ندائي غيبي ۾ يقين، جو عارفانه حد تائين شديد ٿي وڃي ٿو، اهو شاعريءَ لاءِ وڏو سهارو آهي. شيڪسپيئر جي اڪثر 'سانيٽن' ۾ اهڙيون سٽون آهن جن مان ظاهر آهي ته هن جو اَبد تائين پنهنجيءَ پايندگيءَ ۾ اعتبار آهي. اهو خود اعتماديءَ جو اظهار آهي، نرگسيت نه آهي. شاعر هونءَ به زندگي کي ناپائيدار ۽ شاعريءَ کي پائيدار سمجهندا آهن. صائب چيو آهي:

عندليبي که ز تعجيل بهار آگاه است
در شکر خَندِ گُل آوازهٔ رحلت شُنِود

(ترجمو: عندليب (بلبل) جنهن کي اها ڄاڻ آهي ته بهار اُڀرو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُها ڳَل جي منزِليءَ مرڪ ۾ لاڏاڻي جو سڏ سُڻي ٿي.)

زندگيءَ جي اختصار ۽ فنا جو احساس، شاعر ۾ تخليق لاءِ بي پناهه تيزي پيدا ڪندو آهي. جيئن مائڪل اينجيلو سِسٽين چَپِل (Sistine Chapel) جي گُنبد تي مصوريءَ ۽ صنم تراشيءَ لاءِ ڏينهن رات لڳاتار محنت ڪندو هو تيئن ڪي شاعر شاعريءَ جي تخليق ۾ ڏينهن رات مصروف هوندا آهن. چون ٿا ته بيدل دهلويءَ، جنهن جو غالب ۽ اقبال تي ڪافي اثر هو، پنج لک شعر لکيا ها، جي وقت تلف تاراج ڪري ڇڏيا ۽ هُن جو 'حافظ' جيترو ديوان وڃي رهيو آهي. مون کي ته سدائين اهو احساس هوندو آهي جيترو اُن فارسي شاعر کي هو، جنهن هيٺيون شعر لکيو آهي:

خاموشيءَ اربابِ فنا بانگِ رحيل است
گوشِ شُنوا هر ڪه دراين قافله دارد

(ترجمو: جي به فنا ٿي ويا آهن، اُنهن جي خاموشي سفر جو سڏ آهي اُنهيءَ هر ماڻهوءَ لاءِ، جنهن کي هن قافلي ۾ سرلا ڪَن آهن.)

آمريڪي شاعره ائمي لوويل (Amy Lowell) پنهنجي مضمون "شاعري جي تخليق جو طريقو" ۾ لکيو آهي ته "جيڪڏهن ڪوئي مون کان پڇي ته "نظم ڪيئن جُڙندا آهن؟" ته مان هن کي سڌو جواب ڏيان ته "مون کي خبر نه آهي،" پوءِ اُهو سوال منهنجيءَ پنهنجيءَ شاعريءَ جي باري ۾ هجي يا ٻئي ڪنهن جي شاعريءَ جي باري ۾ هجي، ڇو ته نه مون کي پنهنجي باري ۾ خبر آهي ۽ نه ٻئي ڪنهن جي باري ۾، ته نظم تخليق ڪيئن ٿيندو آهي. مان اُنهن نظمن سان ملندي آهيان جڏهن اُهي منهنجي شعور کي ڇهندا آهن، پر اُها جاءِ اُن ڇُهاءَ کان ڪافي دور هوندي آهي جتي اُهي تخليق ٿيندا آهن." دراصل مون کي به ائمي لوويل وانگر محسوس ٿيندو آهي پر مان پنهنجن نظمن جي تخليقي ابتدا تائين پهچي ويندو آهيان ڇو ته منهنجي مستقبل جو منهنجي ماضيءَ سان ايئن تعلق رهيو آهي جيئن 'غالب' چيو آهي:

راه زين ديده وَران پرس ڪه در گرمِ روي
جاده چون نبضِ تپان درِ تنِ صحرا بينند

(ترجمو: راهه پڇين ته هنن چٽيءَ بصارت وارن کان پُڇ، جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي گرم رفتاريءَ ۾، رستي کي ايئن ڏسندا آهن، ڄڻ صحرا جي تن ۾ تتل نبض ڏسندا هجن.)

مون سدائين محسوس ڪيو آهي تہ شاعر ريڊيو ايريل (Radio-aerial) وانگر آهي ۽ هن کي لهرن تي ڪي آواز ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا، جن جو اظهار هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪندو رهندو آهي.

ڀِٽائي چيو آهي:

جي تون بيت ڀائين، سي آيتون آهين
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

پر شاعرن ۾ 'پرين' ۽ 'ان جي پار' جو تصور مختلف آهي.

مون هن ڪتاب ۾ سڀ ٿي ننڍا توڙي وڏا نظم بيخوديءَ جي ڪيفيت ۾ لکيا آهن. ساڳيءَ ريت انهن کان اڳ بيت، گيت، وايون، غزل، نظم، آزاد نظم، آپيرائون، هائڪو ۽ ترائيل بہ ساڳيءَ بي خوديءَ جي ڪيفيت ۾ لکيا ها جن ۾ وِرلي رخنو پيو هو. رگو پنهنجي آپيرا ڀڳت سنگهہ کي ڦاسيءَ جو 'ائڪٽ پيو' مون پهرين ائڪٽ کان ڪافي وقت پوءِ لکيو هو ڇو تہ پهرين ائڪٽ لکڻ مهل مون اکين سان ڦاسي نہ ڏٺي هئي، جا ٻئي ائڪٽ لکڻ کان اڳ مون سکر جيل ۾ ڏٺي هئي، جڏهن پکي پکڻ وَڻن تي ننڊ پيا ها. باقي 'دودي جو موت' ۽ 'رني ڪوٽ جا ڌاڙيل' جهڙيون ڊگهيون آپيرائون مون سانده لکيون هيون.

ايئن آهي تہ ڪڏهن ڪنهن ٻاهرين ترغيب (Stimulus) منهنجي شاعريءَ جو لبلبو دٻايو آهي؛ ڪڏهن ان جو محرڪ ڪوئي ياد آيل منظر آهي، يا ڪوئي آواز، خيال يا جذبو آهي، جيتوڻيڪ مون اُن تي يڪدم ڪجهہ ورلي لکيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ مون اُن کي چاليهہ پنجاهہ سالن گذرڻ کان پوءِ نظمايو آهي. ڪنهن وقت شاعري جي اوائلي من- اُڇل منهنجي سارسنيار کي لنوائي وئي آهي ۽ مان ڏاڍيءَ هينئين- گهر کان پوءِ بہ اُن کي ڦولي نہ سگهيو آهيان، ۽ اُها منهنجي حافظي جي ڪنهن چُر ۾ ڇُپي وئي آهي. ڇڙو ڪنهن ڪنهن وقت اُها ڪارڻ سان يا اڪارڻ منهنجي هيئين ۾ هُري آهي، جيئن مڇي تر مان چَر تي اُڀري ايندي آهي. ان وقت ايئن لڳندو آهي تہ اوچتو ڪائي وينگس مونگهڙو هٿائي هلي آئي آهي، ۽ لُري ۾ اوڏڻ لاءِ مون کان شاعريءَ جي شال وَرتي اٿائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي شاعر دعويٰ ڪندا آهن ته هنن الهام وانگر ڪوئي آواز ٻڌو آهي، اڳلوڪا شاعر ان کي 'هاتف' چوندا ها. مون به ائين محسوس ڪيو آهي ته منهنجي بدران ٻيو ڪوئي لکي رهيو آهي، رڳو قلم منهنجي هٿ ۾ آهي، پر هلي خودبخود رهيو آهي. وِليم بليڪ، انگريزي جي مشهور عارف- شاعر به اها ڪيفيت محسوس ڪئي هُئي جڏهن هيٺيون سٽون لکيون هيائين:

"جنهن دؤر ۾ شاعر پنهنجي ڪِرت ڪارِ پوري ڪندو آهي، اُن دؤر ۾ وڏا واقعا ظهور پذير ٿيندا آهن، هڪ لحظي ۾، ايتري وقت ۾ جيتري ۾ نبض دڪ دڪ ڪندي آهي." مون اڳيئي ڪٿي چيو آهي ته شاعري ڪي اَلوهي آواز اُتساهن ٿا. عيسيٰ خدا جو پيغام تڏهن ڏئي سگهندو هو جڏهن ڪوئي فرشتو هن جا ناپاڪ چپ ٻرندڙ ٽانڊن سان پاڪ ڪندو هو ۽ ملٽن (Milton) به اهڙي تصور جو اظهار ڪيو آهي جڏهن چيو اٿائين ته پونيرن لاءِ هو اُهو ڪجهه ڇڏي وڃي ٿو جو امر آهي. 'بليڪ' ان ڳالهه انڪاري آهي ته حافظي ۾ شاعريءَ جون جڙون آهن. هن چواٽي "اهڙي ڳالهه اُهو ميجي نه ٿو سگهي جو بيڪن (Bacon) جي فلسفي، سترهين صديءَ جي دانشوري ۽ انقلابي تصور ۽ ارڙهين صديءَ جي هيجان انگيز نظرين ۽ همعصر سائنس جي مادي عقيدن کي ڏِڪاري ٿو." 'بليڪ' ته فرشتن ۽ تصورَ جي ابدي حقيقت ۾ اعتبار ڪندو هو. ساڳي ريت علامه اقبال پنهنجي اُردو شاعريءَ جي ٻي ڪتاب جو نالو 'بالِ جبريل' ۽ ٽين جو 'ضرب ڪليم' رکيو هو. غالب به شاعر جي دروُن بينيءَ جي اهميت تي زور ڏنو آهي:

ديده وَر آن ڪه تانهد دل بَشُمار دلبري
در دِل سنگ بنگرد رقصِ بُتانِ آذري

(ترجمو: ديده وَر اُهو آهي جنهن جي دل جڏهن دلبريءَ جو شمار ڪرڻ چاهي ته تڏهن هُو پٿر جي دل ۾ باهه جي بُتن (چِٽنگن) جو رقص ڏسي سگهي.)

'بليڪ' پنهنجي هڪ شعر جي باري ۾ لکيو آهي ته "مان اُن ڳالهه کي تحسين جي نگاهه سان ڏسان ٿو، مان ٻيو ڪجهه به ٿي نه ٿو سگهان، نه اِها ڳالهه لڪائي ٿو سگهان ته مان ازل جي مصنفن جو مير مُنشي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان." اها ڪا نرگسيت نہ آهي هڪ عظيم شاعر جي خوداعتمادي آهي. مون کي ان ڳالھ تي تعجب نہ ٿو اچي تہ ٽئگور جي گيتانجليءَ جي انگريزيءَ ۾ مترجم شاعر ييٽس (Yeats) پنهنجون ڪيئي تخليقون ڪراماتي ۽ فوق الفطرت قوتن جي ڪرم سان منسوب ڪيون هيون. 'بليڪ' جي مطالعي هُن جي انهيءَ گمان کي يقين ۾ تبديل ڪيو هيو. اها ڳالھ امڪان کان خارج نہ آهي تہ شاعري جا ڪارڻ دماغي عدم توازن، يا خواب يا ذهن ۾ تحت الشعور جي ڪار گذاري تي سگهي ٿي. ان ڪري ئي شيڪسپيئر هڪ ديواني، عاشق ۽ شاعر ۾ هڪ جهڙائي ڏٺي هئي.

جڏهن روسي رقاص نجنسڪيءَ (جنهنجو ذڪر مون اڳ ۾ ڪتابن ۾ ڪيو آهي) جنگ جي موضوع تي رقص ڪيو تڏهن هن جي تصور جي ڏياوَ جڻ اسٽيج جي پردي کي پاره پاره ڪري ڇڏيو ۽ هن جي باطن جي بلند پروازيءَ کي هيٺ آڻو پيو. برنارڊشا، اهو گفتو تہ نظم نثر کان سؤلو آهي، شيڪسپيئر جي نظم کان ناشناسيءَ سبب لکيو هو. هونءَ تہ هن شيڪسپيئر جي شاعريءَ کي ساراهيو هو پر پوءِ هن تي هڪ ڊرامانويس ۽ مفڪر جي حيثيت ۾ ٺونڪزني ڪئي هئي. هن اهو نہ ڄاتو هو تہ ڊرامانگاري ۽ تفڪر شيڪسپيئر جي شاعري ۾ هو ۽ مئڪبيٿ (Macbeth)، هئمليٽ ۽ ڦليو پطره جهڙا ڪردار هن جي شاعريءَ جي لب ولهجي، ترتيب ۽ ترنم مان اظهارجن ٿا. برنارڊشا اهو نہ ڄاتو تہ هر ناٽڪ کي هڪ سمفنيءَ جهڙي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ آخر ڊرامانگار متضاد موضوع تحليل ڪري ڇڏي ٿو. ڪيترا نادان منهنجن سنگيت ناٽڪن تي بہ ساڳي تنقيد ڪندا آهن، پر مان ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪري لنوائي ڇڏيندو آهيان.

ديوانگي ڪنهن وقت فرزانگيءَ جي انتها ٿيندي آهي. برنارڊشا تہ "ديوانگي کي نہ رڳو شاعر جي ذلت ڀانيو پر اُنهن قوتن جي دهشت ناڪ يادگيري سمجهو جي انسان جي دور انديشيءَ ۽ زيرڪيءَ سان گڏوگڏ وڌي رهيون آهن ۽ پوري ضابطي هيٺ نہ آنديون ويون آهن. اُٺهويهينءَ ۽ ويهين صديءَ جا آرٽسٽ ۽ شاعر تہ ديوانگي ۽ ماليخوليا کي تخليق لاءِ سازگار ٿا سمجهن." دراصل ائين نہ آهي. ديوانگي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي شاعر ۾ بدلائي نہ سگهندي آهي. ائين آهي تہ ديوانگي ذهن جي ڪجھ صلاحيتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي چوٽڪو ڏئي سگهي ٿي. مصوّر وان گوگ، شاعر ڪُوپر (Cowper)، سمارٽ (Smart)، ڪليئَر (Clare) هولڊرِلن (Holder lin)ڊِي نرول (De Nerval)، مائڪو فسڪي ۽ روسي رقاص نجنسڪي ان ڳالھ جا مغرب مان ڪجھ مثال آهن. مشرق ۾ نذرالاسلام، اسرار الحق مجاز، ميراجي، سارا شگفتہ وغيره ساڳي ڳالھ جا مثال آهن، پر ان جي خاطري نہ آهي تہ ديوانگي نيون صلاحيتون پيدا ڪري ٿي. شيڪسپيئر جي هڪ ڪردار اوفيليا (Ophelia) جڏهن ديواني ٿي پئي ٿي، تڏهن هڪ واهيات گيت ڳائي ٿي ۽ اها ڳالھ شيڪسپيئر جي جينيس جي نشاني آهي جو اُهو گيت ايئن ٿو لڳي جڻ ڪنهن ڏاهي جي واتان نڪتو آهي.

دراصل روميءَ صحيح چيو آهي تہ 'شاعري جزويست از پيغمبري'، اُن ڪي الهامي ڪيفيت ۽ اُلوهي اسرار آهي، ايترو ئي اسرار جيترو ترجي ڪنهن گل ۾ هوندو آهي، جو مند تي پاڻ ئي ڦٽي پوندو آهي. فرق رڳو ايترو آهي تہ سٺي شاعري ٻارهوئي شگفتہ هوندي آهي، گل مند تي ڦٽندو آهي.

ڪنهن چيو آهي:

It is the infinite depth of unknown called by religious people God, which gives depth to poetry.

(ترجمو: اها اڻ ڄاتل جي بي انت اونهائي آهي، جنهن کي مذهبي ماڻهو خدا چون ٿا، جا شاعريءَ کي اونهائي ڏئي ٿي.) قراة العين طاهره جا ايران جي بابي تحريڪ ۾ شهيد ڪئي وئي هئي، تنهن بہ ساڳي ڳالھ چئي هئي:

میرَ وَد از فراقِ تو خونِ دل از دو دیده ام
دَجلہ بہ دجلہ یم بہ یم، چشمہ بہ چشمہ، جُو بجُو
مهرِ تُرا دل حَزین یافتہ باقُماشِ جان
رشتہ برشتہ، نَخ بہ نَخ، تار بَتار، پوُ بہ پوُ

(تنهنجي وڇوڙي ۾ منهنجين ٻنهي اکين مان رَتُ ٿو وهي جڻ ندي (دجلہ ندي) نديءَ سان، سمنڊ سمنڊ سان، جهرڻو جهرڻي سان ۽ واهڙ واهڙ (سان ملي ٿو وڃي)

دل جي جوا ٻيڏي مون تنهنجي مهر هٿ ڪئي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رشتو رشتي سان، ڏاڳو ڏاڳي سان، تاڃي تاڃيءَ سان ۽ پيٽو پيٽي سان ڳنڍيل آهي)

شاعريءَ جي بہ اُن ازلي ۽ ابدي حقيقت سان ايئن وابستگي آهي جيئن مٿين شعر ۾ اظهاري وئي آهي. ڪنهن ڪنهن وقت شاعر تي ٻيٽائي واري ڪيفيت ڇانئجي وڃي ٿي:

ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چِٽاڻو،
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهہ ڪِي.

شاعريءَ جي تخليق وقت جسم روح ۾ بدلجي وڃي ٿو، مَنُ تَن جي پڃري جون تيليون ڀاهي هوا ۾ اُڏامي ٿو، زندگي پنهنجا سارا ٻنڌڻ ٽوڙي، پنهنجيءَ غلاميءَ مان اَجهل آزادي ماڻي ٿي، ۽ ريت جي ڪَڻ ڪَڻ کان وٺي تارن جي ڙم جهم تائين ساري ڪائنات شاعريءَ جي دائري ۾ اچي وڃي ٿي. رومي نمازي هو تہ ڇا هو اوّل شاعر هو، تُلسي داس سُمرٽي سوريندو هيو تہ ڇا، ڪويتا هن جي وڏي ۾ وڏي آراڌنا هئي، ۽ وليم بليڪ جي ذات هر گرجا جي گهنڊ کان مٿي نيلوفري گنبذ ۾ گونجندي هئي.

شاعري ساحري بہ آهي، پيغمبري بہ آهي. هاڻي تہ منهنجي ساري 'مان' والاري وئي آهي. اُن ۾ ميران ٻائي جي گيت 'گهٽ گهٽ مين پنڇي بولتا' يا ٻيٽائي جي بيت 'جر ٿر ٽِڪَ تنوار. وَڻ ٽَڻ وائي هيڪڙي' جهڙي ڪيفيت آهي. ڪوئي ازل ابد جو گيت منهنجي پڃري مان ٻولڙيون ٻولي آهي. نہ ڄاڻان اهو پکي ڪڏهن چُپ ٿي ويندو ۽ پڃري مان اُڏامي ويندو، ڪيڏانهن ۽ ڪيستائين؟ ڪيئن چئجي! مون کي 'ڪليم' جو هيٺيون شعر نهايت شدت سان ياد اچي رهيو آهي:

ماز آغاز وز انجامِ جهانُ بي خبريم
اَوّل و آخرِ اين کُهنہ ڪتاب اُفتاداست

(ترجمو: اسان جهان جي آغاز ۽ انجام کان بي خبر آهيون، هن پراڻي ڪتاب جو پهريون ۽ پويون پَنو ڦاٽي ويو آهي.)

شيخ اياز

١٩ آگسٽ ١٩٩٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلي کہ رنگ تعلق نہ گيرد، آزادست
اگر بدست فُتَد، خاتمِ سليمان است
(صائب)

(ترجمو: اُها دل جنهن کي تعلق جو رنگ نہ لڳي ۽ آزاد آهي، جيڪڏهن تنهنجي هٿ اچي، تہ سُليمان جي مُنڊيءَ وانگر آهي.)

◉

اُنهيءَ آواز جي ڪَڏِ وَڃ، جو توکي ڪيتري وقت کان سڏي ٿو، جو اَزلي ۽ ابدي آهي. ۽ توکي ڪنهن بہ فريب ۾ مبتلا نہ ڪندو.
(شيخ اياز)

◉

شاعريءَ جي منتها، حسن جي تخليق آهي، ٻيا سڀ نظريا بڪواس آهن.
(شيخ اياز)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اوءِ گهوڙي سوارَ
تنهنجي منزل ڪٿي آ اجا ؟
راس آئي نہ توکي ڪٿي ڪا سَراءِ
سيءَ جي سانجهہ ۾ هي اُتر جي هواءِ!
جَڙَ ڪَٿي ٿِي ڪنارَ!
اوءِ گهوڙي سوارَ
تنهنجي منزل ڪٿي آ اجا ؟
واڳَ روڪي نہ تو ڪنهن گهڙيءَ گهاٽَ تي
لاٽَ تي لاٽَ پرندي ڏٺئہ واٽَ تي
ڪا ڪَتين جي قطارَ،
تنهنجي منزل ڪٿي آ اجا ؟
پير ڏرتيءَ لٿو ناهہ تُنهنجو اجا!
هنجَ ڪنهنجي مَٿو نانهہ تنهنجو اجا!
روڪ هاٿي اُڏارَ،
تنهنجي منزل ڪٿي آ اجا ؟
اوءِ گهوڙي سوارَا!
اوءِ گهوڙي سوارَا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

نينهَن جي مهران کي
ٻُڪَ ۾ ڪيسين جهليندينءَ؟
ڏُڪَ سان ڪيسين پَلينديِنءَ پياس کي
تون ملڻ جي آس کي؟
جنهن مهيني ماس ۾ برسات پَوندي،
تون نہ رهندينءَ،
نيٺ مُنهنجي پارِ ڪَهندينءَ،
ڪيترائي ڏُکَ سَهندينءَ،
پو بہ مون ڏي پَنڌ پوندينءَ،
پو بہ پنهنجي پاڻَ کي هر وقت چَوندينءَ،
"ڪو پرينءَ جو پارُ آهي
"دور ڪوئي يارُ آهي
"جيءَ جو جنسار آهي
" جو سڏي ٿو
"ننڊ ٽوڙي جاڳ ۾ سَپنا اَڏي ٿو.
آنءُ ٻيو جو ڪجھ بہ چاهيان
"اُن سوا مان ڪجھ بہ ناهيان
"ڪجھ بہ ناهيان."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

رات پر رخسار تُنهنجا ٽا ڦِرَن،
وارَ تنهنجا ٽا ڦِرن،
جڻ گهٽائون ٿيون اَچن، سنسارَ تنهنجا ٽا ڦِرَن.
چندٻ ۾ اسرارَ تنهنجا ٽا ڦِرن
دُور گردش ۾ سِتارا ايئَن ڏيکارِي ڏِين
نيڻ تنهنجا جِيئَن ڏيکارِي ڏِين،
دُور تائين ڪيترا قنديل آهن پر اهي اڳتي وجن ٽا.
زندگانيءَ جي ڳجهارت کي ٻجن ٽا
جا ڏني آ پيار تُنهنجي،
سارَ تنهنجي
ڪائناتون جا سمائي ٿي پئي
چندَ تارا ائن وڃائي ٿي پئي
جڻ اهي ڦالين آهن،
ڪيترن سارن جڳن کان جي اُٽن ٿيون يادگيريون،
اُپَ جئن ڪنهن وقت نِيريون،
۽ انهن ۾ باک جئن ڪنهن وقت جڻ
ڳيرا ڪروڙين،
اَمن جا پيرا ڪروڙين،
لڙڪندڙ ڍانديئڙَن جا جڻ تہ آکيرا ڪروڙين
جي هوائن ۾ لُڏن ٽا!
ڪيترا قنديل آهن جي ڪُڏن ٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇَتَ نيريءَ مان نِهاري
۽ هوائن ۾ پَري ڪان جوت ٻاري؟
تون نظر جن ۾ اچين ٿي،
چنڊ تارن ۾ نچين ٿي،
پوءِ تون رڱ رڱ رچين ٿي، رَتَ ۾ ڦيرا ڪرين ٿِي
رات ڀر جاڳين پَٽي ۽ ٻاک جي ويرا ڪرين ٿي
سار جي وڻ تي لهي تون روز واهيرا ڪرين ٿي
ڪنهن پکيءَ وانگر لڳين ٿي
يا صدين کان پريت جَنهنجي تنهن سکيءَ وانگر لڳين ٿي!
ڇانوَ تنهنجي آهه مون تي نانءُ تنهنجو
آنءُ ٻوليان ڪيستائين گانءُ* تنهنجو
آهه ڪو تِر ٿانءُ تنهنجو؟
هانءَ منهنجو ڪيترا ڳولي گهروندا**؟
ڏسَ تنهنجا
آنءُ جنهن کان تو ڀِڇان ٻِيا ٻِيا ڏِئي تو،
ڪا گهڙي ساٿِي ٿِئي تو
پو وَني تو واٽَ پنهنجي،
جاٽَ مُنهنجي
ڇا ڪڏهن ڪنٽي نہ آهي؟
ڇا ڪڏهن ڪنٽي نہ آهي؟

---

* گانءُ- ڳوٺ
** گهروندا- گهرڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

نند ۾ مون ڏي اچين ٿي،
شاعريءَ جي ڳوٺ ٿين ٿِي.
عاشقيءَ سان ڪيترو شطرنج جي بازي ڪندينءَ؟
پاڻ کي راضي ڪندينءَ؟
حال کي ماضي ڪندينءَ؟
دور مستقبل ۾ تنهنجي دائري ۾ ٿو ڦِري،
جا وڇائِي تو بساط آهي انهيءَ تي ٿو ڪري!
حافظ ۽ خيام پڻ اِئن
ڇا ڪَئي هئي شاعري، آ مون ڪئي جئن؟
هو ۾ شاعر ها مگر مون جئن گرفتاري اُنهن
جي ڪانه هئي.
زلف تنهنجا ور وڪڙ اڳ پي هئا،
يارِي انهن جي ڪانه هُئي
ڪائناتون جا رکي پيرن مَٿان،
هار پوئي تن منجهان،
۽ چوي، ”تي آڇيان
”پيٺ توکي اي ازل پنهنجي عَبودِيّت اِئين
”ڪنهن ڏني ناهي جِئين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري! محبوبہ منهنجي
تون ابد کان آن رهي مطلوبہ منهنجي؛
ننڊ مان مونکي اُٿاري ٿِي چوين؛
ڳوٺَ پنهنجيءَ کي ڏَري تون موتَ مان
مون کي جياري ٿي چوين
”اُٺَ شاعِر! کيڏُ مون سان!
”کيڏُ مون سان!
”کيڏُ مون سان...“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آنءُ ڳل تنهنجا چُمي
ٿو چوان ڇاهي خدا؟
تون پڇين ٿِي ڇا اُهو آهي گُلاب
ڇا اهو ڪو موتيي جو آ رَباب
جو هوا ۾ نغمه زن آ؟
هيءُ جو تُنهنجو بدن آ
آ مصوّر ڪيرُ تَنهنجو، نقش جو ٺاهي مٿائي ٿو ڇَڏي،
گُلَ ٽارين تي جُهلائي ٿو ڇڏي،
پوءِ پت جَهڙ ٿِي ڳهلي ٿو، پَتيوُن تِن جون رُلائي ٿو ڇڏي!
مان مصوّر تِي سگهان،
مان اُنهيءَ جو نقش ڪو ٺاهي ڏسان،
هو نظر ۾ ناهه پر منهنجي تصور ۾ ته هو موجود آ،
تا چون ماڻهو ته هو معبود آ
پر اها تصوير ساري ئي عبادت آ سندم،
هو اگر بيمار آهي هي عيادت آ سندم،
آنءُ هن جي زندگي تِي ٿو سگهان
موُ قلم منهنجو دمِ عيسيٰ جيان هن کي جياري ٿو سگهي،
تاپُجهن قنديل جي، هِي تيلُ ٻاري ٿو سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِرَ* ۽ لوبانَ جو،
عشق جي ارمانَ جو؛
پيار جو مون سان ڪيو تو تنهن عجب احسان جو،
چنڊَ تارا جهولَ پنهنجيءَ ڪي جهلي
تا ڇَون توکي سَڏي،
"ڪجھ فقيرن کي بہ ڏي؛
"روشني پنهنجي ورهائين جي ڇڳو،
"جڳ سارو جڳمگائين جي ڇڳو!
"تون اَزل جو حسن آهين جو مجسّم آ تيو انسان ۾؛
"ڇا نہ رِمر جهمر آ تيو انسان ۾!"

* مِرَ:- مشرقِ وسطيٰ جو هڪ خوشبودار ٻوٽو، جنهنجو ذڪر اڪثر انجيل ۾ آيو آهي ۽ جنهنجو تيل چراغن ۾ عبادت لاءِ ٻاريندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

بودليئر!
تون بہ هوندين مان بہ هوندس!
نيٺ هي ويهين بہ اڪويهين ٽئي
هي صديءَ جا ڏِکَ اهڙِيَ ٽي ڏِئي
جڻ تہ ڪو ڪورو لڳي ٿِي
جڻ تہ ڪوئي خواب اڌ پورو لڳي ٿي؛
حسن جو سوداءُ جو توکي هئو
گهاءُ جو توکي هئو
سو چِڪي ٿو شاعرن مان جڻ تہ ڪو ناسُور ٿِي
تنهن پرينءَ جو پُورُ ٿِي
جو ڪڏهن مِلئو نہ آهي؛
دؤر منهنجو هر طرف ديوار ڏاهي
چنڊ جي ديدار کان محروم ڇو آ؟
شهر ۾ جيڪو مليو سو يار کان محروم ڇو آ؟
عشق جي اسرار کان محروم ڇو آ؟
ايتري پيڙا لڪائي پيار کان محروم ڇو آ؟
ڪارِ جون ڪيڏيون ٻتيون آهن تکيءَ رفتار ۾
روشنيءَ جي ڄار ۾
جڻ تہ هو ڪيئي مڇيون ڪنهن ڏارَ ۾
موت جي اُوچي شڪاريءَ کان وچن ٿيون بي خبر،
غور سان ڏسجي اگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جي اوجهاڻ* ۾ تيون روزَ ڦاسن اوچتو،
موت جو ڪوئي پَرو
اڳوات تن کي ڪونہ آ؟
ڇو نہ آ؟
آدميءَ کي راهہ پيغمبر تہ ڏيکاري ويا
سچُ سيکاري ويا
پوبہ هَرڪو ائن لڳي تو ڄڻ تہ مَرڻو ڪونہ آ!
ڄڻ تہ پَرڻو ڪونہ آ
ڏنَ هِن کي موت جو،
موتَ جنهن سونگي وَٺِي، ڪنهن کي نہ آ پيهر ڏنو،
جنهن فقيريءَ ۽ اميريءَ کي حقارت سان ڏسِي،
ناهہ ڪا پروا ڪئي،
موتُ جنهن کي ڪيترا آمر وساري تا ڇڏن،
وقت پنهنجو اِئن گُذاري تا ڇڏن
ڄڻ تہ تن جو انت اچڻو ئي نہ آ،
ڄڻ تہ تن جي لاش تي ڪو ميڙ مچڻو ئي نہ آ
جبر تورا ڏينهڙا،
ڪير ڄاڻي هر مٽيءَ تي مينهڙا
تو جيان ۽ مون جيان
تا ابد وسندا نہ هر ڪنهن تي مٿان!
بودليئر!
تون بہ رهندين، مان بہ رهندس.

---

*اوجهاڻ= چار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪئن گلِ لالا سڄو صحرا سمائي ٿو هلي
۽ صدين جا ٿا وڄن ناقوس اُن مان،
قافلا ڪيڏا سَمائي ٿو هلي!
ٽوررڙي ٻَاڙهاڻِ اُن جي سَو شفق آ پانڻ ۾،
جي پَوين اِن ڄاڻ ۾
تون هٿين منصور جئن نعرو وَري ڦاهي چڙهِي،
جو هنيو ڏاهي ڪَڙهِي
آنءُ اناالحقُ آهيان، حَقَ! تون مون کان سوا،
(مان چوان ٿو بَرملا)
مون سوا تون ڪجھ بہ ناهين؟
آنءُ جي آهيان تہ آهين،
آنءُ تنهنجو اصل آهيان،
آنءُ تنهنجو وصل آهيان
آنءُ آهيان!
آنءُ آهيان!!
آنءُ آهيان!!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آنءَ کو وهمي نہ آهيان
موت تون هڪ وهمر آهين!
مان ٿيو تاريڪ ناهيان
جو ابد تائين ٻري ٿو مان اهو فانوس آهيان،
چند تارن تي رکي ٿو جو نظر، زندان ۾
جي چيچڙا ڪاهِن پيا!
پوبہ توکي جڻ تہ ساراهِن پيا
۽ چون ٿا تون اهو سنسار ناهي، پوءِ ڏاهي ٿو سگهين،
هي اُٿا ٻيهر وراهي ٿو سگهين
ڪابہ نوتي جَهلَ ناهي،
پوبہ ڪائي ڪَلَ ناهي
تون ڪڏهن مون سان وِسامي ٿو وڃين،
۽ ڪروڙين سال ڪامي ٿو وڃين
پو وَري ٻيهر ٻرين ٿو،
روشني مون کي بہ ڏين ٿو،
۽ وري فانوس وانگر آنءُ زنداني ڏسان ٿو
روءِ انساني ڏسان ٿو
ڪنهن عجب آزادگيءَ جي روشنيءَ ۾
زندگيءَ جي روشنيءَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

تي ٻَري خوشبو هوا ۾
آ سِرنهن قولار ۾
آءٌ توکي ڳوليان ٿو.
آ شفق ڇانئي فضا ۾
سِجَ جي سنسارَ ۾
آءٌ توکي ڳوليان ٿو.
تورڙي ڪاراڻ آهي
چؤ طرف وَلهار ۾
آءٌ توکي ڳوليان ٿو.
ڪيتري چانداڻ آهي
اي پکي! وٽڪار ۾
آءٌ توکي ڳوليان ٿو.
ڪوبہ آکيرو نہ آهي
اُڀَ جي اسرار ۾
آءٌ توکي ڳوليان ٿو.
ايترو ويجهو تہ آهين
پو بہ ڪهڙي پارَ ۾
آءٌ توکي ڳوليان ٿو؟
آءٌ توکي ڳوليان ٿو؟
آءٌ توکي ڳوليان ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

رم جهم مينهُن وسي ٿو يارو
سارو ڏينهن وسي ٿو يارو
سَر تيءَ نينهن وسي ٿو يارو
پر هوءَ ڪِٿ آ؟
ڪُونيَت جو ڦولاريا آهن
مورن ڏيئا ٻاريا آهن
ڏينهَن ٿهوڪن ٺاريا آهن
پر هوءَ ڪِٿ آ؟
واٽهڙين تي مان ڦوليان ٿو
رڻ ۾ پل پل ڪي روليان ٿو
مان ڪنهن هرڻيءَ کي ڳوليان ٿو
پر هوءَ ڪِٿ آ؟
ڇا هو پنهنجي پياس ٻجهائي
ڇَپَ ڇپَن سان منهنجي لائي
ٻي ڪنهن ٽڙ لئه ٿي واجهائي؟
پر هوءَ ڪِٿ آ؟
هَرڻيون هونءَ ٻه هِرڻيون ناهِن
تنهنجون ناهِن منهنجون ناهِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ تائين ڪنهنجون ٿيون ناهِن
پر هوءَ ڪِٿ آ؟
پوءِ ٻہ هن جي سارَ اچي ٿي؛
سِڪَ لڳي ٿي؛ سارَ اچي ٿي
ڇا لئہ ايڏِي سارَ اچي ٿي
اڄ هوءَ ڪِٿ آ؟
اڄ هوءَ ڪِٿ آ؟
اڄ هوءَ ڪِٿ آ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون تہ ڪو سقراط ناهين
۽ نہ افلاطون آهين
۽ ارسطو ۽ نہ اُن جي ذات آهين،
تون تہ ڪائي ڏات ناهين،
بس، ڪَتيءَ جي آنھ ڪڪري، ڪا ڀري برسات ناهين،
جي هيون گهنگهورُ مون جئن، تن گهٽائن سان،
رهيو هان آنءُ ساري عمر لئِہ
رقص ۾ ها مور جي، تن جي اَدائن سان،
رهيو هان آنءُ ساري عمر لئِہ
آنءُ جو سنگيت آهيان
آنءُ ڪاليداس آهيان ۽ اَمارو جي انوکِي ريت آهيان
آنءُ جو ودياپتيءَ* جو مِيت آهيان،
جو سَمہ ۽ تي جِيت آهيان
آنءُ سنڌوءَ جي ڪڏهن گجگوڙ آهيان.
۽ ڪڏهن مان سانت هان،
۽ سِيرَ جي مان لوڙ اهيان.
سانت جنهن ۾ ڪيترا آواز پَلجن ٿا پيا،
چنگ ۽ مرڏنگ وانگر ساز پلجن ٿا پيا،
راز پلجن ٿا پيا،
گيت ۽ ظاهر ٿين ٿا اوچتو اهڙا سوين

---

* نوٽ:ـ هنديءَ ۾ وڏيا جو 'دالُ' مشدّد آهي، پر سنڌيءَ ۾ مان اُن کي غير مشدّد جائز ٿو سمجهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انداز پلجن ٿا پيا.
تون ته هڪڙي سِٽ منهنجي سو جنم وٺندين
ته تو کان ڪا نه لکبِي،
وَسَ ۾ تنهنجي نه آجا ساڻ لکبِي
تون قلمڪاري ڪرين ٿو يا قلم ڪارو ڪرين ٿو
ڳجهه جئن مارو ڪرين ٿو
ڊونڊَ تي جيڪو سَڙي ٿو سنڌڙيءَ جي شاعريءَ ۾
تون ته جيءَ ۾
ايئن سمجهين ٿو ته ڪو شاعر، مفڪر، فلسفِي آن
تون رڳو مون لِئه نفِي آن،
ذات جي اثبات کان،
زندگي جا سمنڊ وانگر آهه، ان جي گونج جي
سوغات کان۔
ڪَنَ تنهنجا ٿا لنوائن
گيت منهنجا ٿا ڳنوائن؟
ڇو ته تون ڪِيني سوا ڪجهه ڪين آهين
همعصر توکي ڇوان ڪئن؟ تون ته منهنجي دؤر جو
انسان ناهين،
شاعري تنهنجي هئي يا فلسفو تُنهنجو هيو؟
ڄَڻ ته ڪنهن لنگور جو هو، جو مَٿو تنهنجو هيو!
ڊارون جي ارتقا ۾ تون ڪٿي آهين اِهو
سوچان پيو؟
نيٺ تون ڇاهين اِهو سوچان پيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

شهر جي انبوھ ۾ ڪيڏي اڪيلائي رهي ٿي!
ياد ڪيان ٿو ڪٿ ملي آن؟
روز ملندي آنھ، پر ڇو ڪانہ گهرائي رهي ٿي
اجنبيّت ڇو ائين ڇائي رهي ٿي؟
هي بہ سوچان ٿو ڪڏهن گهري نہ ٿي آن،
ڪيترا ڀيرا ملي آن،
ڪيترا ڀيرا ڇُهيو مون آھ توکي پوبہ ٻي آن!
اجنبي آن
پيار ۾ مشعل جيان مون لئہ جلي ان
۽ ٻجهي آن
ننڊ ۾ سپنو نہ ٿي آن،
ڇڻ تہ مان توکي سڃاڻان ڪونہ ٿو
هي بہ ڄاڻان ڪونہ ٿو
ڇا ڪڏهن مون لاءِ تون
مينهن وسندي ۾ ڀٿون
نيٺ جي ڦولاربيون
ٿي بہ سگهندينءَ؟
شاعري ٿي جي بہ سگهندينءَ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مون چيو 'سئفو' ڀلي تون پيار ڪر پنهنجي سڪيءَ سان
زندگيءَ سان
آنءُ تنهنجي گيت جو مدّاح آهيان
آنءُ سو مَلاحُ آهيان
جنهن سوين ڪِشتيون هلايون
توڙ ڇَپوءَ ڪان سوا جيڪي ڇلايون
آنءُ ڇو ڪِرڪِر ڪَيان؟
عشق تنهنجي ڪي ڏسي مان ڇو سڙان؟
آنءُ تنهنجا گيت ساريان ٿو پيو
آنءُ توتي عشق واريان ٿو پيو
عشق تون ڪنهن سان ڀ ڪر پر واعدو ڏي!
گيت هڪ مون ڪي ڀيو ڏي!
آنءُ جي بربط ڪٿي ڳايان وَري
گيت تنهنجا آنءُ ورجايان وَري
موت تي پايان وري
جيت جا هومر* جيان پاتي نہ آ ڪنهن
شاعري ڳايان ائين، جيئين اڳي ڳاتي نہ آ ڪنهن!

---

* هومر:- يونان جو ڪلاسيڪي شاعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

باک جو آواز آيو
"ڪير آهين ؟"
مون جِئين ٽئگور کي ٿي گُنگنايو،
"ڪير آهين ؟"

ڪنهن پرندي ڇهچهايو،
"ڪير آهين ؟"

وڻ بہ ٿي وارو وٺايو،
"ڪير آهين ؟"
"ڪير آهين ؟" "ڪير آهين ؟" ڪنهن پڇي
جادو جڳايو،
"ڪير آهين ؟"

نِير آهين يا ندي جنهن بڙبڙايو،
"ڪير آهين ؟"
تون شفق ۾ ٿو ٻُڏين،
آڪاس ۾ درياه ڪنهن کي ٿي ڪَنايو،
"ڪير آهين ؟"

ڪنهن پڇيو ٿي جٺن ستارن
جڳمڳايو
"ڪير آهين ؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي چيو سنسار ”پنهنجو يا پرايو؟“
”ڪير آهين؟“
ڪنهن پئي وَر وَر اچي ٻَرٻَر ٻُرايو
”ڪير آهين؟“
ريتِ ڪڻ ڪڻ ۾ صدائن کي سمايو،
”ڪير آهين؟“

رات ۾ سورج سمايو ۽ وري
آواز آيو،
”ڪير آهين؟“
”ڪير آهين؟“
”ڪير آهين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

خدا آهين؟
صدين جو شور ايڏو آ، چِٽو ناهين!
وَري مُنهن کي ڏئي مونا
گهران مان طورِسينا جو
اگر ڀيهر جواب اڳ جَان،
متان اهڙو گمان آٿين
ته مان بيهوش ٿي ويندس،
متان ڄاڻين
ته تون ايڏو پري آهين،
اِئين توڏانهن ڪِئن ايندس!
اِهو رستو ته لنبو آ، مگر تون واٽ تي
مون سان ڪَٺو آهين،
اِها ڀي ڳالهه آهي، مون ڪٿي توکي ڏٺو ناهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آنءُ سانوڻ مينهُن آهيان،
نينهُن آهيان،
مان جهڙالو ڏينهن آهيان!
ڪيتريون مون سان گهٽائون ٿيون اچن،
ڪيتريون مون مان صدائون ٿيون اچن
مور مون ۾ ٿا ڪُڏن،
واءُ ۾ ڏس ڪيئن ٿا ڪونيٽ لُڏن!
مان اُتي جي هِير آهيان،
نيڻ منهنجا واتِرين جئن ٿا وهن،
هَر ترائيءَ تي هرڻ جئن ٿو اچان،
چَنڊُ ٿي چانهينءَ مٿان ٿو چانئجان،
رِڻ جا راهي ڏسو!
مون پٽي ساهي ڏِسو!
پر شڪاري جو مٿي افلاڪ ۾ آ
جڙ ته منهنجي تاڪ ۾ آ،
آنءُ زخمي شينهن آهيان
پو به سارو نينهن آهيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

او چمڪڻين جا گُل لُڏي
آڪاس جا جهومر ٽِيو!
گُل مُهر ساونڻ مينهن ۾
اڄ ڏوِيڄِي زيور ٿيو،
ٻاڙها ٽِڪا جئن نرڙ تي جهومن جُهلن!
ٻاڙهيون هيون ڪاريون هيون
جي ڪوهه تي ناريون هيون
تن جا پڙا
اڄ ٻائريون* پيئون ڏِڪن!
تن جا گهگها
سُگهڙ سَگها
ڇاتين ڇُٻا
سڀ ڪان ڇپائن ٿا پيا!
مان راهه هُن جي ٿو تڪيان
جُهڙ ٿا جِهمن، لارون لڪيان،
هو باڪ جو اچڻي ته آ
ٻهڙو ڪٽي نچڻي ته آ

---

* ٻائري:- ٿر جي هڪ وڻ جو نالو

واريءَ مٿان ڪنهن ڊيل جي رفتار سان
ٻ يٽ جي هوءَ ڏارَ تان
سورج جيان لهڻي ٻ آ،
مان ٿو ڏسان لوڙهو ڀَريان
جيڏانهن هو ڪَهڻِي ٻ آ
سامهون پيڙو
پو مونگهڙو،
گهر هاڻ هِنَ جو دورُ ناهي
پر ٿـڪِي هو مُور ناهي
پنڌ ۾ هوءَ چورُ ناهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڏس تہ طارق روڊ تي هي ڪجھ اڇيرا ڇيلڙا
ڇڻ تہ رستي جي نڙيءَ ۾ ڀيلڙا
سَر جريءَ* جي لاءِ آهن؛
راهرَوُ جنهن وقت چاهِن
هو ٻَتون ڪولي ڪري ٿا ساهہ تِن جو بَند ڪَن؛
آدميءَ جي پيٽ جو دوزَخ ڀَرن
سيخَ ڪن، تِن کي تَرن؛
مُڳَ هن سنسار جي سيني مٿان ٿا ڇَڙُ ڏرن؛
جانُ تَن ڪائي نہ آ
موت جئن ڪوئي بہ ڪاسائي نہ آ
آهہ جا هُن جي اَڏي؛
ساهوارِي چيز ناهي تنهن ڇَڏي؛
ڪوبہ چاهي يا نہ چاهي؛
موت هر ڪنهن لاءِ آهي.

---

* سرجَري (انگريزي):- وَڍَ ڪَپ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

رات جو ريڙهي ڏِڪي،
هو صدر مان ٽو وجي،
جهوپڙي هن جي پري، ڏاڍو پري
آهه اورنگيءَ ڏي
تيه رپيا هُو ڪمائي ٽو وجي
عمر مان هڪڙي ڏِهاڙي ڪي ڪٽائي ٽو وجي
ڪير آ هُو؟ ڇا بِهاري آهه هُو
شڪل ڏاري آهه هُو
هن تہ توتِي مير* جو نالو بُڌو ناهي ڪِٿي،
هو هتي ڇا ٽو ڪَري؟
هُن ٻڌو آ ميرپور ۾ روز مڪتي باهِني،
ٿي ڪلاشنڪوف سان ٺڪ ٺڪ ڪئي،
۽ بِهاري ماريا،
ٿي سوين ديسي ۽ ديسي ساريا،
جي هُتان تاريا ويا
(ڇو اُهي ماريا ويا، ڇا لاءِ هو ماريا ويا؟)
زندگي هُن لئہ رُڳو ٿي ٻار آ
زال هڪ مرٿينگ آهي، ماءُ وٽ آ، ڏارَ آ
آدمي انبوهہ ۾ نعرا هڻي ٽو مارجي
جڻ تہ ڪنهنجي ڏوهہ ۾ نعرا هڻي ٽو مارجي
نظريو ڪا شيءِ نہ آهي
هي ڇُرو، بندوق، ڇا ڇا شيءِ نہ آهي،
جا رَکي پاڙيسري

* توتِي مير:- بِهار جو تجديد پسند ويڙهاڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا وجهن انسان ۽ انسان ۾ ايڏي وِري،
جا وِري تن کي ملائي ڪانه ٿي
پريت جو ڪو ڪيت ڳائي ڪانه ٿي،
نفرتون ڦٻتا ته باهِن جيءَ ۾ ريڙهيءَ جيان
مان چوان ٿو اي ميان
هي سياست راند آ رانديگرن جي واسطي
پان ڇاياسين ٻرن جي واسطي
روز ڇرڪي ٿي سياست زهر جِن تي،
قهر جِن تي،
تا هٽن نعرا پيا،
پوءِ مون پارا پيا
تاڇڏي ريڙهي وڙهن،
جئن ڪُتا باهوڙجن
ايئن هڪ ٻئي ڏي وَڌن
۽ اُنهن جا خون ڪَن،
جي اُنهن لئه اجنبي ها.
ها، مگر تن وانگيان هو آدمي ها،
ٻاررڙا تن لاءِ ٻي ها،
هُئي تَنوڙ جي تانگهه جن کي،
چيٽ توڙي مانگهه جن کي.
نظرين سان پيٽ پاليو آهه ڪنهن؟
جئن اسان جاليون پيا ڇا ايئَن جاليو آهه ڪنهن؟
جيترو سوچان پيو مون کي ته حيراني لڳي ٿي
خلق ديواني لڳي ٿي
خلق ديواني لڳي ٿي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون اهو سمجهي نہ سگهندين
مان فنا في الفَنّ آهيان،
ڪَنّ آهيان
جو ٻُڌي آواز تو اسرار جا
تنهن يار جا
طوفان تِي جيڪو اُڏائي تو سگهي،
خاروخس جڻن آدميءَ جي ذات کي.
لفظ مُنهنجا ڪُن چئي گونجن پيا،
منهنجا خدا!
توکان معافي تو وٺان،
جو ويو رهجي ازل کان آءٌ جي تَنهنجي
تلافي تو ڪَيان،
آءٌ ٻوليءَ جي پروليءَ ۾ سَوين
چنڊ تارا تو ڏيان!
روز تِي ڏَنوڙِي ڏَنوين
روح مُنهنجو رُڪ وانگر ڪا عمارت تو اڏي،
ساهہ منهنجو سنگ مرمر تو گڏي،
تاج* سَوَ اُڀري اچن ٿا اوچتو،
ڇا هئي ممتاز ڪائي آنءُ جو،
تو ڏيان پايندگِي
ياد هن جِي کي اُجاري، زندگي،

---

* تاج= تاج محل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آجڪائي موت ڪان؟
مان اڃان
روز شب پورهيو ڪَري ٿڪجان نہ ٿو،
آءٌ جو
ڪو هڪن جڻن ڪا نہ جوئي شير آڻيان ٿو پيو
جڻ تصوّر ۾ ڇٽي تصوير ٿِي ڪائِي نہ مان
ڪاخِ خُسروءَ** کي پڇان
۽ ڪيان آزاد شِيرين کي اُتان
روز شب تيشو هلي ٿو،
پٿرن جو
ٿوائين آواز گونجي
جڻ ازل جو ساز گونجي،
ڪهڪشانَن ڪان پري نغمو وڃي ٿو
۽ اهو مون کي چوي ٿو
تنهنجي محنت رائگان ٿيڻي نہ آهي
دِلَ تو کي موت کي ڏيڻي نہ آهي.
تون رعيَت ناهه اُن جي، ڏنَ کان آزاد آهِين
تون پلي چاهين نہ چاهين،
موت تنهنجي تاس ۾ ڪا بادشاهي ڪانہ ٿو ماڻي سگهي
موت هڪ پَتو نہ تنهنجي لاءِ آ
پر غلاميءَ کان سوا
تقدير ان جي ناهه ٻي،
تون امر آن، هارَ آهي موت جي،
همعصر! تون آن سَراسَر اَجنبِي
تون اهو سمجهي نہ سگهندين!

** ڪاخِ خسرو= خسروءَ جو محل جتي شيرين بند هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

وان گوگ!
تو ائين پَرندا ڏٺا ها
ڪيت سَو سورج مُکيءَ جا
جئن شفق ۾ مان ڏسان ٿو،
۽ چوان ٿو:
"رات جو سورج مکي مرجهائجن ٿا،
جئن اُهي ٻي ڏينهن تي سونو پڳهارن سِجَ ۾،
ائن نهارن سِجَ ۾
جڻ نہ هو نظرون جهڪائيندا ڪڏهن،
۽ نہ هو ساري تپت ۾ سر نوائيندا ڪڏهن!"
وان گوگ!
شاعري منهنجي بہ ائن آ، پو اُها ڪو نظم آ
يا بيت آ
سِجَ ۾ سورج مُکيءَ جو کيت آ.
اِک جُهڪائي ناهہ جنهن،
جيستائين موت جي اونده ڪَڏهن،
رات جئن اُن تي لَهي،
ڏات منهنجي تي اچانڪ ڇانئجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊛

تو وڃان مان،
هڪ ڇڪيءَ سان تو ڇنان مان
هاڻ تون زنجير قابو ڪَرِ اهي!
هاڻ تون زندان اُوچا ڪَر، نہ جئن ڪوئي ٽپي!
آءُ هر ديوار کي
هڪ ٺوڪر سان ڊاهي تو وڃان،
زندگانيءَ سان نباهي تو وڃان،
جو بہ چاهيو آهہ چاهي تو وَڃان،
تون متان سمجهين تہ ڦاهي تو وڃان!
آنءُ هي سيڙهي چڙهان تو اُبَ ڏي،
مان رڳو ڏاڪو مَٿي
پهچ تُنهنجيءَ کان گهڻو ئي دور آهيان
۽ سگهوئي دور آهيان،
بوٽ پنهنجي جي ڪَهِي
تو اڃا ناهي ٻڌي!
آءُ! پهريدار پڪڙي ڏِس، تہ تنهنجي وَسَ کان
ڪيڏو پري

جوت تي منهنجي ٻري،
ڪا ڏياتِي آ ازل جي هٿَ ۾،
نانءُ جنهن کي تو ڏنو آ تنهن اَجل جي هٿَ ۾
چنڊ جئن مان تو ٻران!
اي ميان! ڇا تون اڃان....
بوٽ تُنهنجي جي ڪَهِي
کهن ڇِڄي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مان سَرووَر آهيان
هنس وانگر تون اچِي اُڏري وئين،
ايترو پاڻي ڪِتي گهرو نہ ملندو تو ڪنڌهن!
تو چيو تي اي چَرِي
آنءُ تنهنجي عشق جي
هامَ ڪا توسان هڻان
ڪي چميون ڏيان   ڪجهہ تہ پاڪر ۾ ڪٽان،
هي تہ منهنجي لاءِ باسِي رِيت آ،
ڇا اکين ۾ تو ڏٺي، تو لاءِ مون جا پريت آ
پريت جا سنگيت آ،
ڇارگو تون چَنگ آهين جو چُمان؟
ڇا رُڳي وِينا ڇُهي جنهن کي ڏسان؟
آءُ، آهي باک تِي
آءُ منهنجي پيروِي
آءُ مان تنهنجي اَمرتا آهيان
آءُ مان توکي اهو آلاپ ڏيان
جوصدين کان ڪنهن ڪَوي
ڪنهن کي ڏنو ناهي اَجان،
صبح کو اهڙو ڀنو ناهي اَجان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تـو جوا خانو ٻري، ٻاهر پئي برڪا پَئي
جاءِ هِي آهي جُوالا پَٻَ وَتِ!
ڪيئن چئجي تو ڦُتِي اُن مان ڪنٽهن لاوا پَئي!
هونءَ جهرمر نانهه گهٽِ!
هر جُواري تـو جَلي جرڪي هِتي،
ڏس تہ ڪنهن جَرڪي هتي ڪيڏيون مَچيون ڳِرڪائِيون!
هانوَ همياٽيون هَتِـن سان ڪوليون ۽ اشرفيون ڦهلائيون،
ڪيتريون ٻـه ٻـه اچن تيون ٻوليون،
ڪيتري تـه تـه تئي تِي بي سبب،
۽ جُوالا ۾ پيو لاوا تَهي،
موت سپ تاڙي پيو تـو توليون،
ڳِـڱَ تـي هُن جي وَهي
جڻ چِتي راڪاس کي جُجڪِي اچي تـي بي سبب
۽ چوي تـو هيءَ سپ اونڌو ڪيان،
هيءُ ميزون، هيءُ ڪرسيون، هيءُ ماٽهو، لوٻُ لَپ اونڌو ڪيان،
هي جُوا خانو سڄو پاڙون پَٽي،
آءٌ هر ڪنهن کي جَهٽي
ائن متي اُڇلائيان،
تاس جا پتا جِئين هاريَل جُواري خار ۾
تو مَتي اُڇلي سَٽي،
مرد پنهنجا سوٽَ پائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتون لاليون لڳائي،
هاڻ جي ڇھ ڇھ ڪري
خالي ٻٽون پنھنجا ڀري،
جيءَ ۾ ٽا جھلملائن،
قمقما رخسار جن جا، جوت سان ٽا جڳمڳائن،
تو انھن کي اِيئَن بولاٽيون ڏياريان،
جام اھڙا تو پياريان
جو وري جاڳن نه ھِي،
۽ نه تن جي لاءِ ترسي رات اوجاڳن ڀري،
سِر صراحين جيئن توڙي تو ڀڃي ڀورا ڪَيان!
ڪيترو ترسان اجان
اڄ جوالا جيءَ ۾ لاوا نه تو سانيي سگھي،
جيئن ڪنھن جو جيب ھٿ پئسا نه تو سانيي سگھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪونجَ! تون ڪاڏي وَئين ءَ؟
رات ڪيٿيءَ ٿي نِهاريو،
ڪُونجَ! تون ڪاڏي وئين ءَ؟
تي لڪن تو لِهِ پُڪاريو
ڪُونجَ! تون ڪاڏي وئين ءَ؟
ڪَرڪنڊِي ايندِي هئين ءَ تون
سانت ٿي تو لاءِ ساريو،
ڪُونجَ! تون ڪاڏي وئين ءَ؟
مُرڪ تنهنجي ڏِيَ منهنجو
آنءُ تو بن هانوُ هاريو
ڪُونجَ! تون ڪاڏي وئين ءَ؟
آگَريون تارن ڍِ گهيري
تو طرف مون ڪي اُياريو،
ڪُونجَ! تون ڪاڏي وئين ءَ؟
آنءُ جو آڪاس آهيان
آنءُ تو لِهِ ڪيئن ڏاريو؟
ڪُونجَ! تون ڪاڏي وئين ءَ؟
ڪُونجَ! تون ڪاڏي وئين ءَ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

لوڪ سارو ٻوڪ آهي
لوڪ کي للڪارِ تون،
يا تہ ڪَرڪَن بند پنهنجا ۽ نہ ڪُجھ ويچارِ تون!
جو ٻہ هُو تو لئہ چَئي، ڦِتڪارِ تون،
جي ڪَرين ٿي پيارُ ڪنهن کي، بس اُنهيءَ کي سارِ تون
جڻ هوا ۾ هانوُ کولي، گُل لُڏي،
سِجُ جڻ درياہ ۾ چاهي ٻُڏي
هو اُنهيءَ ۾ تو وِچي،
ڇا ٻہ ٿيون لهرون ڇِوَن، هو ڪونہ تو ڪنهنجي مَچي،
سينڱَ پاٽيءَ ۾ سچي
ڪنهن شڪاريءَ جِيئَن نڪتو آهہ هي؟
ڪيئن چوان تاڙي پيو ڪهڙي مَڇِي!
موت جي
ٻالهڙي تو مان اجا ناهي ڪَٿِي
تون جوانيءَ تي رَسِي
زندگيءَ جي پيارِ ۾ مخمور آن
ويجهڙو ويٺي تہ آن پر دور آن،
آنءُ پيريءَ کي پُڇي،
شام نيريءَ کي پُڇي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونَ جي زنجير ۾ سِج جي اسيريءَ کي پُڄِي،
جڏهن تہ تُنهنجي پيار کي ائين تـو ڏسان،
سجّ لهرن کي ڏسي جئن دور تان،
پيار جي پوئين چُمي تِن کي ڏِئي،
ائين وڃي تو هو ٻُڏِي.
رنگ هُو پنهنجي شفق جو تو ڇڏي درياه تي!
آنءُ تُنهنجي ساهہ تي
ائين شفق تو لِئہ ڇڏي ويندس پرين!
تو متان مون کان ڦرين!
لوڪ سارو ٻوڪ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آنءُ، ڪوجهي اڪِ، ناممڪن مِنـي!
تو ڪڏهن مون ۾ ڏٺـي
ڪا تمنّا عمر ۾ سونهين نہ جا؟
آنءُ سارا عشق جا رستا ڏٺا
جي مُڙي شهراهہ تي پهتا اَچِي،
آنءُ ڄاڻان تـو تہ هي چُپ، هي اڪيون،
هيل تائين رَبَّ جي آهن رکيون
نيٺ متيءَ ۾ مِلي
تي وڃن هڪ ڪوپري
جا لڳي اهڙي، لَڏي جَهڙي هئي پـنيـور ۾
پو ڏِنو مون اُپَّ تي ڄانيل گهٽا گهنگهور ۾،
لُڙڪ ڪجھ برسي پيا
ڇا هُئي سَسئي اُها؟
ڪير ڄاڻي زندگاني جي حقيقت مون جيان
سڀ صداقت مون جيان
هي تہ آهي ڳالھ ٻي
روح آهي آرسِي!
سونهن تُنهنجِي ڪي ڏِسِي جي ترورا جِهمڪن مِنـي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

چنڊ جهڙي! اڄ ته چوڏس رات آ
تون ڪاٿ آهين.
تو بنان هِي رات منهنجي مات آ،
تون ڪاٿ آهين.
ڏس گهٽائون ٿي ويون گهنگهور اڄ،
ڏس ته اولهه ڏي ٻري برسات آ،
تون ڪاٿ آهين.
تو بنا هي شعر منهنجا سڀ اَڌورا،
تو بنا ڪيڏو ڏُکِي هي ڏات آ،
تون ڪاٿ آهين.
آءُ ٻيڙي ٿي لُڙهي منجهڌار ۾،
پارُ ٻيو، ڪيڏي پَري جي بات آ
تون ڪاٿ آهين.
ٻولڙيون ٻولي پپيو ڪوئي پکي،
چڻ هوا ۾ تانگهه تُنهنجي تات آ.
تون ڪاٿ آهين.
چنڊ جهڙي اڄ ته چوڏس رات آ
تون ڪاٿ آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

چنڊ کان پيارا پرين
آءٌ تنهنجي تانگھ آهيان.

نينهن کان نيارا پرين
آءٌ تنهنجي تانگھ آهيان.

اُپ مان ڪيڏا ٿيا
هيل وسڪارا پرين
آءٌ تنهنجي تانگھ آهيان.

چنڊُ تِي ويندو رهين،
اُبَ- اُجيارا پرين
آءٌ تنهنجي تانگھ آهيان.

آنءُ تنهنجي اُڃَ هان،
اوءِ اُجيارا پرين.
آءٌ تنهنجي تانگھ آهيان.

دورُ تون درياھ ۾،
آنھ ڪا ڏارا پرين
آءٌ تنهنجي تانگھ آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هجان تنهنجو ضمير
چا اهو ڪافي نہ آهي!
چندبہ منهنجو آهہ ساٿي آنءُ ڪوئي راهگير
چا اهو ڪافي نہ آهي!
نانءُ منهنجو چانوَ آهي، آهہ ڌرتيءَ لاءِ ڌيرُ
چا اهو ڪافي نہ آهي!
شاعري آ شير مِريم شاعري آ ماءُ۔ ڪيرُ
چا اهو ڪافي نہ آهي!
مان صليبون چو سجايان؟ چو نہ ٿيان تنهنجو خَمير؟
چا اهو ڪافي نہ آهي!
آنءُ هان تنهنجو ضمير
چا اهو ڪافي نہ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

پرين! چندڙ جهڙا، سوين نانوَ آهن،
رڳو تون نہ آهين.
اجا نينهن مون سان پيا تا نباهِن،
رڳو تون نہ آهين.
وِرَهہ کي ڪڏهن واٽ ويندي وراهِن،
رڳو تون نہ آهين.
ڪڏهن قافلا ٿي اچِي پيرَ ساهِن،
رڳو تون نہ آهين.
اجا تو جيان ساهہ سان چاهہَ چاهَن،
رڳو تون نہ آهين.
رڳو تون نہ آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

گيت منهنجا
تون هوائن ڪان بہ وڌ آزاد آهين
۽ گهٽائن جيئن تون اُبري سگهين ٿو
تون پرندا ٿي سگهين ٿو
آشيانا دُور جن جا بادلن جي بود ۾
جڻ ازل جي گود ۾،
دُور، ڌرتيءَ کان پري لُڏندا رهن ٿا،
۽ شفق جي رنگ ۾ ٻُڏندا رهن ٿا،
وقت جي وهندي نديءَ جو چوڙ آ جنهن جاءِ تي،
وقت جت بيهي ڪري ۽ سَهِمجي،
جڻ تہ نشّي ۾ اَچي
تو ٻُڌي اُن لات کي
گيت جي برسات کي
سونهن جي سوغات کي
جڻ تہ پونم رات کي
تو تَرنّم ۾ سمايو آهہ اڄ،
اِئَن ڳايو آهہ اڄ،
جَئن خدائون ناچُ ڪن
مست ٿي ڪارِيون گهٽائون ناچ ڪن،
جئن ڪِڙي رابيلَ خوشبوءَ ۾ هوائون ناچ ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ بسنتن کي ڪرين تون وائڙو
جڻ ٻُڏو
ائن سُڳنڌن سان ڀريو
گيت اڄ تائين نہ آ۔
مشعلون ڪيئي مگر تن ۾ ائين ڪوئي ٻَريو
گيت اڄ تائين نہ آ
۽ شفق جي سمنڊ ۾ ايڏو تَريو
گيت اڄ تائين نہ آ،
آهہ جو شعلا ازل جا ۽ ٺَريو
گيت اڄ تائين نہ آ.
گيت منهنجا
ايئن ڳاءِ
گيت ائن لهرون ڇلاءِ
نوح جو سيلاب ٿي،
تنهن ازل جو خواب ٿي
جو اَبد جي گود ۾ جاڳيو نہ آ
نيڪ بَد جي گود ۾ جاڳيو نہ آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

نند ٻ تـي توکي اَچي اي بايَزيد*!
ڪنهن ٻہ مرشد يا مُرِيد
ڇا عبادت هِئَن نہ ڪَئِي آ؟
دُور راتين جي رئِي آ
چنڊ منهنجي ساٿ آهي، باک تِـي آ
رابعا بصري* ڪَڙِي آ
۽ چوي تـي ڪير هئن نغمات ۾ گم ٿِـي ويو آ
اِئَن گم سُم ٿـي ويو آ
عرش جا آواز جيڪي ها اَلِـپ
گڏ ٿيا هِن لاءِ سَـپ
۽ لڳي ٿـو ايئن اَپ
جڻ تہ سجدي ۾ پيو آ،
عشق جو جلوو ويو آ
دور تائين،
هيءُ سجدي ۾ نہ هوندي آهہ سجدي ۾ سدائين،
هيءَ عبادت ڪنهن ڏنـي آ؟
هيءَ ڪـهڙي نعمگي آ
موت تائين ڪانہ ٿـي جيڪا ڪُـٽي،

---

* بايزيد ۽ رابعہ بصري= ٻہ مشهور صوفي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح اونده مان ڦُتي
يا رات تي،
هيءَ پئي تي گونجي،
ڪَنَ ڏيو ڪَرَوبيو**!
هيئن ڪو راڳي ٿيو؟
ماڳ جنهنجو موت آ يا زندگي آ
راڳ ۾ ڪائي عبادت ٿي رهي آ.

** ڪَرَوبي= فرشتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

پيار ۾ سڀ ڪجهه جَلي ويو،
پيار تنهنجو گيت ٿِي ويو
رَڪَ جو ٽيڙو نہ آهي.
جيڪڏهن ڏرتي مٿان آهي ٻُجهي ويو،
هو شفق جي آڳ ۾ گلزار ٿـي ويو،
ڇڻ براهيمي روايت جو وري ديدار ٿـيو آ؛
آگ پيئي آ ٺِرٽي، جنهن جا اُلا
ٿي گلِ لالا ويا
دشت ۾ ڪوئي عجب اسرار ٿـيو آ.
۽ جڏهن ڪان پيار ٿـيو آ
ٿا فرشتا هيٺ مون ڏي ائن ڏِسن،
ڇڻ تہ ڪنهن پيغمبري جٺن آهه فن،
ڪنهن ڪليسا جيئَن منهنجي شاعري
رَنگَ، پٿَر مان جُڙي،
ٿـي سَجائي ڇڻ تہ تُنهنجي مورتي،
۽ جڏهن ڪان پيارَ، توسان پيارُ ٿـيو آ
۽ ڳجهو اقرارُ ٿـيو آ
ڇڻ نئون سنسار ٿـيو آ،
شاعري منهنجي ڪِرٽي پئي آ اِئين.
تـو ڪِرٽي گل مَهر مون درَ تي جِئين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

سُئي رات جي
ڏاجُ ڪنهن جو ازل کان اُٿي ٿِي؟
ستارا پيا جڳمڳائن
ڪڏهن چنڊ اُن جي رَئي ۾ لڳائن،
ڀَرن ٿيون ڪَتيون، ڇا ته آهه آرَتن جي!
ڳجهارت ڀڳي ناهه سنسارِتن جي
ٻُڌايو ته آ ڪُنوار ڪهڙي؟ رڳو روز ڏولِي سَجي ٿي
ڪَويءَ لاءِ ڀولي سَجي ٿي
ڪئي آهه جنهن پريت اُن سان انوکِي،
سڄي عمر رابيل پوکِي،
هوا ۾ ڦُٽي جا جڏهن لهلهائي،
پرين سارَ تُنهنجي تڏهن واءُ ۾ اِئن سمائي
جئين واسُ گل مان وڃي ڦهلجي ۽ زمانو معطّر ٿئي ٿو،
سڄو ڪارخانو معطّر ٿئي ٿو،
جِتي چنڊَ- چُوڙيون ٻَٽائي پيو ڪو،
جتي روز جُوڙا سڄائي پيو ڪو،
ڇوي ٿي خدائي
اجهو ڪُنوار اِئي
اجا پنڌ ۾ آ!
اجا پنڌ ۾ آ!
اجا پنڌ ۾ آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

رات جو ايندي نہ ڪر
لوڪَ توتي ٺهڪڙا ڏيندا ويا ٿي،
سانت کي ڪجھ ڇهڪڙا ڏيندا ويا ٿي.
سانت جا پردي جيان
آھ ڪِرڪيءَ جي مٿان.
رات جو ايندي نہ ڪر
چَندَ جي چغلي هَٽِي،
تو پُراڻي هيرَ کي پورو ڪري،
هوڏسي رخسار تنهنجا ٿو جَلي،
پاڻ کي پو ڪئن جَهلي!
رات جو ايندي نہ ڪر
واءُ آ ڏُوتِي وَڏِي
دُور تائين زلف تنهنجي جي وئي خوشبو کِٽِي،
۽ چِمي گويون ٿِيون،
داغ توتي لاک جو لويون ٿيون!
رات جو ايندي نہ ڪَر
تو تہ تاجِي خلق جِي گُل رنگ ڪِئي،
ڳالھ جا تو سَنگِ ڪئي،
واءُ ۾ رابيل جئن وَئي ڦهلجي
(واءُ ۾ رابيل ڪئن رهندي ڳجهي!)
پو بہ مون ڏي تون مِني،
رات جو ايندي نہ ڪر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آءُ تنهنجي لاءِ پوکيا ڪيترائي ڱيت آهن،
جي چنڻ چاهين تہ آءُ!
آءُ تنهنجون ئي مُرڪون پوکيون، تن کي ڏسڻ چاهين تہ آءُ!
آءُ تنهنجي آرسي درياه جئن، اُن ۾ لڏڻ چاهين تہ آءُ
چنڊ سان مون ۾ ڪُڏڻ چاهين تہ آءُ!
آءُ تنهنجي لاءِ جهولي
آهه ڪولي،
آءُ تون راڌا جيان مون ڏي اچڻ چاهين تہ آءُ!
بنسري منهنجي ٻُڌڻ چاهين تہ آءُ.
هن سُريلي سانت کي پنهنجو ڪرڻ چاهين تہ آءُ!
مورڻيون اُن تي نچن ٿيون ڪئن، ڏِسَڻ چاهين تہ آءُ!
مان صدين کان آس ۾
چمڪڻين جي واس ۾
تو ڏسان پيلن گلن کي اج گلابي سانجهہ ۾
ڪنهن شرابي سانجهہ ۾
ٿيڙ ڪائيندي نہ تون ايندينءَ ڪڏهن؟
ٻيٽ پنهنجي پيار جي ڏيندينءَ ڪڏهن؟
تون جيان وَن واس جي هي جيت آهن،
آنءُ تنهنجي لاءِ پوکيا ڪيترائي گيت آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هي ويڇڻ جي مند آ، ڪِينجهر! پڪي ويندا هَلِي،
سيءَ ۾ جنهن وقت خالي ٻيڙيون
تيون ڪناري ٻيڙيون
باهڙيُون پَرنديون نہ پو،
آڙين جي اکڙين ۾ روشنيون ترنديون نہ پو،
گندريون پنهنجن تَرن ۾ ونديون،
آ تنوڻ جي تانگهہ جَن ۾ تَن گهرَن ۾ ونديون،
واءُ جون سِيرون سَرَن ۾ ونديون،
ياد ايندي موت جي
۽ صدا ڪائي سڏيندي موت جي
۽ اُداسائي هوا ۾ هُرڪندي،
بيوفايون ياد ايندين، دل تہ ڄڻ آهي بَندي
دل تہ ڄڻ زنجير ڳهليندي وَتي،
هر قدم تي ٿي ڏکي ٿيندي وَتي،
سارَ تنهنجي آ هوا ۾ اَي سکي ويندا هلي،
سي پکي ويندا هلي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

دل وري توکي پُڪاري
آءُ ڪينجهر جي ڪِناري!
ڪو تماچي تڙ ڏٽي هت ڪونہ آهي،
مان جيان ڪنهن جي سَهاري، آءُ ڪينجهر جي ڪِناري!
تا ڏسون جنهن کي تہ آهي پاڻ ۾ پورو هِتي هُو،
ڪوبہ ناهي ڪنهن پَناري، آءُ ڪينجهر جي ڪِناري!
اڄ مياٽيون ماتِ آهن ڪابہ چُرپر ڪانہ آهي،
ڪجھ بہ ناهي ڪنهن بہ ڪاري، آءُ ڪينجهر جي ڪِناري!
سِجّ آهن آنگرُيون پنهجون اَنبورَن وانگيان، پَر
ڪيرُ اوچي سِر نهاري؟ آءُ ڪينجهر جي ڪِناري!
ڇانوَ آهي نانءُ تُنهنجو جيستائين پر پيارا،
نانءُ دل ڪيسين ڏُتاري؟ آءُ ڪينجهر جي ڪِناري!
اڄ ڇوان تـو هانءُ ڏاري، موت تـو بي وقت ماري
آءُ ڪينجهر جي ڪِناري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون مَرين اِليٽ* جيان يا تون مرين پائُونڊ وانگر
يا مرين ٿو زندگيءَ جي چُونڊَ وانگر،
فرق ڇاهي؟
موت سڀ جي لاءِ آهي!
شاهه هو ايران جو
مصر ۾ صدمو سَهي سَرطان جو،
ڪالهه فردوسي ڇَپائي،
جي مُئو ڪنهن ڪنڊ ۾ پاسو ورائي،
فرق ڇاهي؟
موت سڀ جي لاءِ آهي.

---

* اِليٽ ۽ پائونڊ، ٻئي انگريزيءَ جا عظيم شاعر جي ڪجهه سال اڳ گذاري ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڳالھ جا اِليٽ چئي پائوند پيي
اڄ بہ رَهبي ڳائِبي،
ياد ايندو ڪونہ فردوسي پَڙهي،
شعر جي سُهڻيءَ چپائيءَ کي ڏسي؛
جنهن چپايو هو انهيءَ کي شان سان،
زندگيءَ کي پان جان
تو مزي سان موت ٺُوڪاري ڇَڏي،
شاھ جئن ڪيئي ڇپي واري ڇَڏي،
ڪيترا ساڄي کبي ٽاري ڇڏي.
ٻيو کپي کهڙو ثبوتُ
”پرده داري ميڪند برقصرِ قيصَر عَنڪبوتُ
چُغد نوبت مين زند برگُنبذِ اَفراسياب“
اوچتو ڦاٽي پوي ٿو زندگانيءَ جو حُباب
زندگي جڻ آھ خواب
تي ڪڏهن خوابِ پريشان ٿي وڃي،
موت ڪنهن جي ٿو مَچي!
حافظ ۽ خيام ڪان پر هو پَڄي،
نيٺ سَڪتي ۾ اَچي
تو هڏا تن جا ڏسي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڻ ته ڪي ٽنيا ڏسي
سنگ مرمر جا هوائن ۾ مَٽي!
ڏند اهڙا موت ڪي
ڪونه آهن جو ڇپاڙي شاعريءَ جي خواب ڪي
آب ۾ مهتاب ڪي؛
ساز بربط جو ٻُڌِي
موت ٻي
سِر جهڪائي ٿو ڇڏي
حافظ ۽ خيام ڪان هو منهن ڇپائي ٿو ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ماءُ منهنجي
تون جڏهن مون کي ڄڻي
ڏوجهرن ۾ ڏئي وَئين ءَ ٻي ڏيهه ڏي،
پيچرا ڪيڏا پيا مون جهاڳڻا
جاڳڻَ- سپنا جاڳڻا
تون ڏئي ويئين ءَ مون کي،
۽ ڇڏي ويئين ءَ مون کي.
پُٽَ! هي سنسار سارو دُکَ آهي
ڪَچ ۾ تو ڇو نہ مون کي تي ڪنيو؟
ڇو نہ اڳتي تي ڪنيو؟
ڇو ڇڏي وَيئين ءَ هِتي
۽ اڪيلو ئِي لڏي ويئين ءَ پرانهن پارَ ڏي
سانت جي سنسارَ ڏي،
سانجهہ تيندي سجّ جنهن ۾ تو ٻڏي،
ڇو وئين ءَ مون کي ڇڏي؟
ڇو وئين ءَ مون کي ڇڏي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

رقص ڪر!
مورَ سان جنهن ريت ڪارونجهرَ ڪَڪر
رقص ڪن ٿا
۽ هوائن ۾ ٻَرن ٿا
تي ڏِياتيون،
زندگي ان ڪان چڱِي ٻيو ڪيئن ڪاتيون،
رقص ڪر!
واءُ ۾ گل رقص ڪن ٿا
جئن ٽڙن ٿا
تي اچِي شبنم، چُميون تِن کي ڏئي،
واءُ تِي آغوش ۾ تِن کي نئي
۽ نچائي باکَ جو،
جهانجهرا پو سج وڄائِي باک جو
تو اُنهن سان گڏ نچي،
۽ جڏهن ڌرتيءَ مٿان تو هُو اَچي
جڙ سندس ڪِرٽا گلن کي ٿا چمن،
رقص ڪن.
رقص ۾ هُو ڪائناتون تيون وَجن
ڪيستائين سي وَڏن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن چئجي!
آ ازل کان رقص جاري، ڪير تہ تن ۾ نچي
ڪير هي رَقّاص آهي
پيرَ تـہ ڇَمر ڇَمر ڪَري،
آءُ ٻانواڻي نہ ايندي
جي انهيءَ جي طائفي ۾ رَقصُ ٿيندِي
زندگانِي
عمر فاني،
رقص ڪَر!
ايترو تون رقص ڪر اي چُلبلي
جو وڃي هر شيءِ ڀُلِجي!
رقص ئي رهجي وڃي،
رقص ئي رهجي وڃي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

(فون- ڪال)

گهاءُ آيو جڏهن ڇڙيءَ مان
بمبئيءَ مان
مون ٻڌو آواز تنهنجو-
سنڌ جو ڪيڏو سُريلو
سَڏ هو!
جڻ ته مون سان گڏ هو!
جڻ ته ڪوئي مَڏُ هو
جو هيو درياه جي ڇولين مٿان،
ڇنبڙي اُن کي اچان
کنهن پڪاريو: ”تون ڪٿي ميهارَ آهين؟
”ڏارَ آهين
”مان ٻڌان ٿي پو ٻه تون وسرين نٿو
”دورُ دل کان ٿين نٿو!
”دورُ دل کان ٿين نٿو!!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

جيستائين ھي سفر پورو ٿئي
ياد تُنھنجِي تـي اچي
ھاڻ ايڏو دور آھيان،
موت ڪان پو ڪيئن چئجي دور ڪان تون دُور ھوندينءَ!
جي ملينءَ مون کي ڪِٿي
شَڪُ پوندو مون ڏنو آھي ڪِٿي!
"ھيءُ چھرو ھيءَ سونھن،
"ھي رھي آھي ڪِٿي منھنجي ورنھَن
"مينھَن، آگم، سانوڻيون،
"مون ھَنيون ھِن سان ڪٿي ڪلھ چانوِڻيون؟
"ڪيئن چئجي، ساٿُ ھو ھِن جو ڪٿي؟
"آنءُ ھن سان جُھولِيو ھان انب ۾ جھولو ڪٿي؟
"ھيءَ ھُئي يا ٻـي ھُئي؟
"ائين لڳو خوشبو تہ جڻ ساڳِي ھئي
"واءُ جي جھلڪي جيان
"جا اچِي ويندِي رھي،
"پر ڪٿي چوان..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

ڪيترائي سال ٿيا
جڏهن منجهه سارنگيءَ سان سُرجهيو پيئي
اوچتو اي مدد مَٽي
سُرَ جيان سِرجي پئين ٿي
گيت ڪوئي ٿي وئين ٿي
آنءُ سارنگيءَ ۾ ٻُولي ڳوليان پيو، اُن ۾ ڪٿي رهندي هئين ٿي؟
سانتِ ايڏا سال ڪٿي سَهندي هئين ٿي؟
ڇو نه تون ٻاهر اَچي ڪَهندي هئين ٿي؟
سازَ جي سنسار سان
اڄ ته ڪيڏي پيار سان
تون ٻُرين پيئي پرين،
ڪيترائي گيت تون ڏيئي پرين
پوءِ ڇو گم ٿي وئين ٿي؟
اوچتو گم ٿي وئين ٿي!
جڏهن ته تون موتي وئين ٿي
سارنگيءَ جي تارَ ۾!
آءٌ تنهنجي سارَ ۾
ڪيتري ڳولا ڪئي
ساز ۾ ڦولا ڪئي
ڏِسُ ته منهنجا حال تون!
ڪيترائي سال تون.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪيستائين ناںءَ تنهنجي ڪي ڇپايان،
ڳالهه جو تنهنجي ڪڏهن نڪري پئي،
چانڊني چمڪي پئي،
۽ سوين رابيل جا گل ائن هوا ۾ لهلهائي
سَو سوڳندون ٿي ويا، پَنهنجي پَرائي
پاڻ ئي سمجهو تہ تنهنجي ڳالهڙي پيئي هَلي،
ڪونج ڪي هر ڪو سُجاڻي ٿو وَٺي
پل نظر کان دور هو ڪَرڪَر ڪَري،
۽ شفق جي رنگ ۾ ڀَر ڀَر ڪَري!
تون متان مون کي ميارون ڏين ڪڏهن؟
آنءُ آڻيان ٿو جڏهن
شاعريءَ ۾ ناںءُ تنهنجو،
جڻ اُنهيءَ کي آنءُ ويڙهيان ٿو تڏهن
ڪنهن صحيفي وانگيان،
پو بہ پَڌري آن پَريان،
تون ئي چئہ مان ڪئن ڪَريان؟
ٿي ٽِڙي رابيل تو مان، واسَ ڪي هُو ڪِئن پُلن!
واءُ ۾ تنهنجون ٻَيُون چوليون چُلن،
ڇا ڪيان جو سپ پروڙي ٿا وڃن،
چئُ تہ ڪئن توکي لِڪايان؟
ڪيستائين ناںءَ تنهنجي ڪي ڇپايان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون نہ آن جا شاعريءَ ۾ ويس پائي تِـي اَچين
جيءَ ۾ جادو جڳائي تِـي اَچين
ڪيترائي گيت تـين،
(جَڳَ تي هن جندڙيءَ جي جيت تـين)
گيت جن ۾، مون پـريو تُنهجين چڳن جو واس آ
گيتَ جِن ۾ ڪوتہ سُرهو سواس آ،
نانءُ جو تنهنجو اُپاري تـو پيو،
ڳالھ تنهنجي ڪا تہ ساري تـو پيو!
چاندنيءَ ڪان تون چِٽـي آهين جيئن
گيت منهنجو آ اِئين،
نربدا ۾ چنڊ ويندو تـو رَهي
چَنڊَ سان گڏ مَنڊ ويندو تـو رَهي
آنءُ توکي تـو ڏسان
جا ڪڏهن سنڌوءَ مٿان
دُور تان ڏِسندي هُئينءَ
روپ ڪنهن ٻـي ۾ مگر ساڳـي هئينءَ،
آنءُ تنهنجي روپ کي ڏوران سَجائـي تـو وٺان،
مور بادل کي پريان
جئن سجائـي تـو وجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جنم ۾ ئي منش ٻي ٻي کهاڻي ٿو ٺئي،
رات جي راڻي جڏهن آڳنڌ ۾ منهنجي ڦٽي،
مون چيو تون ويجهڙي
ٿي رهين ڪنهن جاءِ ۾، مون کي نہ جا معلوم آ،
عشق جو معصوم آ
پيار کي يڪدم پڇاڻي ٿو وَٺي،
گيتَ ايندي ئي ڇَوي،
تون تہ آن پنهنجون سُڳنڌون جا مَٿائي ٿي اُڇين!
تون تہ آن جا شاعريءَ ۾ ويس پائي ٿي اڇين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مينهَن ايڏا مانگهہ ۾!
آنءُ تنهنجيءَ تانگهہ ۾
باک تائين راتڙيون جاڳان پيو
هيءُ پڻ سمجهان پيو
تون نہ اچڻي آنهہ ڪنهن برسات ۾،
آنءُ تنهنجي تاتِ ۾
تو گهتائن ڪانءَ پُڇان
رات ڪا هُن تي مَٿان
آ اوهان ڪاتِي ڪٽي،
مَڏ جي اهڙِي ڏني ماتِي ڪٽي؟
۽ اوهان آهي ڏني
پيار ۾ مون جِيئَن پانواتِي ڪٽي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

موت جي منجهڌار ۾
آرَ ڪان اڳتي وڌي اِئن تارَ ۾
ڪير ٿو تو جئن ٽُپِي ڏي،
۽ وَڃي ٿو پارِ پهچي!
ڪنهن پرانهينءَ سارَ ۾
ڪير ٿو گم ٿي وڃي،
۽ نه ٿو پيرو پڇي؟
سِجُ جو سَر ۾ لٿو، ڪاڏي ويو!
هنج جو اڏري ويو، ڪاڏي ويو!
تو نه ڄاتو موت مصريءَ ٽڙ هيو!
ڇو ائين ڪوُڙو پئي توکي لڳو؟
ٿوهه جهڙيءَ زندگيءَ ۾ هو نسورا وَڏُهيو،
پوءِ ڇو توکي اُڻائو ٿي لڳو؟
واءُ ڏس ڪيڏو سَڻائو ٿي لڳو،
ناوَ جئن ويئي انڌيري ۾ هلي
۽ وري ظاهر نه ٿي!
ڪُنَ ڪيڏا تا قِرن
موت جي گهيري جيان؟
آدمي انڌير اونهي جا ڏسن تا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پو ٻه پَرتي ڪوٻه اُلڪو ڪونه ڪَن ٿا،
جيستائين هو مَرن ٿا،
۽ تَرن ٿا
تا وچن ڪيڏانهن اُڏري واءُ جي ڦيري جيان!
زندگي ڍيري جيان
روز کُلندي ٿِي رهي،
جيستائين واءُ ۾ ڪاٽا ٿِئي
اوچتو ڪوئي لغز؛
واءُ ڪو جاٽي نه وَڙ
تو لغز اُڏري وڃي ڪيڏانهن ڪو جاٽي نه ٿو!
ڪو چِڪي آٽي نه ٿو
ٻار حيرت سان ڏسن ٿا
اُيُ عبرت سان ڏسن ٿا

نوٽ:- هن نظم ۾ ٻه وزن آندا ويا آهن، پر اها ڳالهه اُن جي ترنم کي گهٽائي نه پر وَڌائي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آءٌ پاڳل ڪونہ هان،
رات ساري تو لکان
ننڊ کي ڀورا ڪَري،
جاڳ تي ٽورا ڪَري
هي ڇَپر ڇڻ کي ڪَپر
ملندا نہ جي
رات جي درياھ جي ڀيٽي نہ ڀَر،
وهندو وَجي، ڪيڏا نہ سَر
تَنهن جي ڪنارن تي ڀَڄن ٿا،
واءُ ۾ وَر وَر وڄن ٿا!
موت جا نغما اِهي
زندگانيءَ کي سُريلا ٿا لڳن
گيت نيلا ٿا لڳن
اَڄ پُڄي آڪاس تي.
هر پرندي ڪان پري
زندگانيءَ جي درندي ڪان پَري
آءٌ جنهن خرگوش ڪان تو لئہ نفاست تو وٺان،
واءُ ڪان اُن جي رواني ۽ فصاحت تو وٺان
تو ڪيان جاويد تنهنجي زندگي
شاعري او شاعري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪَنهن سَرءُ جي شام ۾ چيريءَ جو وڻ-
تو ڏٺو اُن جو لڏڻ
۽ اُلهندي جي هوا ڌوڏيو پٽي تنهن کي جڏهن
تو ڏٺو ساٿي تڏهن
گل اُنهيءَ جا ڦهلجي
صحن ساري ۾ ويا-
تو سَرءُ جا سانگ ڪي تن ۾ ڏٺا؟
ڪا به شي اهڙي نه آ،
جا بچي ٿي موت کان،
موت جو آهي خزان
موت جو آهي مَرڻ کان پو جَمڻُ.
تو ڏٺو چيريءَ جو وڻ
ڪنهن سرءُ جي شام ۾،
۽ شفق جي جام ۾؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

گل پٽيندو تہ اَچين!
بُلبليون ڪيئي لَٽيندو تہ اچين!
چَنگُ ھيجل کي ڏئي،
سِر ڪَٽيندو تہ اچين،
جڙ تہ جھونا گڙھ جَھٽيندو تہ اچين!
ٺھڪَ ڏيندو تہ اچين!
ڪير آھين جو اِئين گھوڙي چَڙھِي
مارِوِيُون ھر وقت نيندو تہ وڃين؟
ڪوھ تي پَرجن اچا جيسين گھڙا
تون ڪنيندو تہ وڃين
ڪيتريون پاڻياريون
پائِرہ پِرھ کان پياريون!
واءُ ۾ تون ايتريون ڪَشتيون ھَلائيندو ائين،
پار ڪھڙي تہ وڃين؟
راھ ۾ ڪيڏا ڪنول پاڙون پَٽي،
اوچتو چَپو جَھلي تن کي جَھٽي،
تہ پوئر تن تي رُئاريندو وڃين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نديءَ ۾ آڳَ ٻاريندو وڃين!
موتَ! تنهنجو نانءُ مون آهي ٻُڌو
تون اچين ٿو اوچتو
ننڊَ مان سڀ کي اُٿاريندو وتين.
روز ٿو ٻيڙيون ٻري ٻي پارَ ڏي تن سان لڏين
گهر مگر هِن پار ٿو پنهنجو اڏين،
۽ پٽڻ ڏي پاڻِي سڀ کي سڏين!
ڪونه ٿو ڪنهن کي ڇڏين!
ڪونه ٿو ڪنهن کي ڇڏين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

يا تہ تون ايندي نہ ڪر
منهن ائين رابيل جئن مون کي پَسائيندِي نہ ڪر
پو چِٽِي ويندي نہ ڪر!
تو نہ ڄاڻين گل جڏهن مرجهائبو آهي ڪڏهن
روح منهنجي ۾ تڏهن،
ڪيتري آهي اُداسِي ڇانئبِي
شام ناسي ڇانئبِي؟
سچ لهي درياه ۾ آهي ٻُڏِي ويندو جِئين
روح منهنجو آ لُڏِي ويندو اِئين،
هيڪلائي تي هِري
آنءُ اپنائِي رهِگو آ شاعِري
شاعريءَ تي ڪنهن پئونر وانگر پِري،
تون اچين تي گهر گهِري،
جي اَچين ائن اوچتو، ويندي نہ ڪَر!
يا تہ تون ايندي نہ ڪَر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو هُن کي اچي ڳوڙهو لڳو
۽ پکي بولاٽيون کائي ڪِري پيو گاهَ تي،
۽ انهيءَ گهايل پکيءَ جي ساهَ تي،
ڪَهل باغائيءَ نه آئي ۽ وڌيو گهر ڏانهن ڪانياٽِي ڪَٽي،
تي ٻَرِي جِت باهه جا هُن کي وٽِي،
۽ ونيءَ جي سونهن کي اُن ۾ ڏٺائين چاهَ سان،
ٻارڙا مانيءَ مٿان وينا هُيا تن کي چميائين چاهَ سان،
پوءِ ننڍڙي ڏيئڙي ڇاتيءَ لڳائي ساهَ سان،
هو وَري ويساهَ سان،
زندگيءَ ۾ گرم جوشيءَ سان اِئين گم ٿي وَيو،
ياد هن کي ڪونه هو ڇڻ باغ ۾ هُنِ ڪجهه ڪَيو،
هن اِهو ڄاتو نه ٿي جيڪو پکي ڦٽڪِي ڪِريو،
گيت تنهن ڳاتا پَئي وڻ تي ته هو ڦه ٿِي ڪريو
۽ اُهو آواز جيڪو اسمانن تي پُڳو،
اوچتو چُپ ٿِي ويو.
هن اِهو ڄاتو نه ٿي اُن کي به آکيرو هيو،
۽ جتي آنا اچا تائين نه ڪنهن ڦوڙيا هُيا،
۽ اُهي هُن جٺن پَکِي ٽيٽا هيا،
زندگي ٽيٽا هيا
گيت تِن جا ڳائجي ساڳي خوشي ٽيٽا هُيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مان ايئن ڪڏهن به نه جامُ پريان
جيسين نه منجهس خيامُ پريان
۽ چاندوڪيءَ جي چوٽِ ڏسي
مان جامُ اُپو اُن ڏانهن ڪريان
جي سَروَ صنوبر جي هيٺان
ڪو پيار ڪيان مان ايئن ڪيان
جو باد صبا جي جهوٽي ڪي اِئن هِرڪائي جو جِيئَن گهلي
هو زلف صنوبر جا پنهنجي
هَٿَ ساڻ لسائي اِيئَن گهلي
۽ تنهنجا زلف وِکيريان مان
ها، تن تي اِئن هٿ ڦيريان مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مون پيارُ تہ ڪيو آهي توسان
تو پريت سچاتي آ منهنجي؟
تون ياد تہ مون کي ايندي آن
تون هوندي آ ائن سيني ۾
جئن پاڻيءَ جي آئيني ۾
تو چنڊ ڏسي چهرو پنهنجو،
۽ لهرن ۾ لهرائي تو،
آ چنڊ بہ موسيقار جيان،
جڻ پاڻي ۾ هو ڳائي تو،
درياه بہ ڪوئي بربط آ
مضراب جيان هر لهر مَٿان
هُو واري ساڻ هَلائي تو
ائن عمر روانيءَ ۾ آهي،
۽ وِيرَ جيان ڪنهن زيني ۾
ڪو مون کي چنڊ مليو آهي،
۽ مون تي وقت کِليو ناهي
هي چنڊ بہ ڪلهہ جي چنڊ جيان
آ مون سان ساڻ سفيني ۾؛
هي يار ڪنهن بہ نہ تيٺو آ
جئن عڪس ڪنهن آئيني جو
غمخوار ڪنهن بہ نہ تيٺو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

پِڃري ۾ ڪڏهن تون بند نہ ڪَر
هي پنڇي جي هر وقت هوا ۾ اُڏرن ٿا،
هي ٻاهر ڇَهہ ڇَهہ ڇهڪن ٿا،
جنهن وقت نديءَ تي ڪِرٽا ٿِي، ٿو سِجُ هوائن ڏي موٽي،
آزاد فضائن ڏي موٽي،
هي ڪيئن نہ ٻَهہ ٻَهہ ٻهڪن ٿا،
۽ آزاديءَ سان ٽهڪن ٿا!
هو چنڊ بہ ائين آزاد آهي
ڪيڏو نہ فضا ۾ شاد آهي
جنهن وقت وَڻن مان واڄَهہ وِڄهي،
ٿو ننڍَ ڏسي آڪيرن جي،
آزاد لڳي ٿِي هيءَ هوا
جا گُل گُل جي ڳَل کي ٽقڪي،
ٿِي رمندي اُن مان واس وَٺي،
آزاد ٻوٽا ۽ ٻينيوريون
ماڪيءَ جون مَکيون،
ٿي ساٿ ڪَٽي
۽ تن سان ڪوبہ حسد نہ ڪَري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن وقت ڀرِي هُو خوشبوءَ تي
ڪي پيار- ڪَهاڻيون ساندين ٿيون.
۽ سڀ ڪي اُن ڏي ڪاندين ٿِيون.
هر چيز خدا جي قدرت ۾
پابند بہ آ آزد بہ آ،
پر آنءُ چوان ٿو فطرت ۾
هي حَقّ ڏنو تو ڪي نہ خُدا
تون پڃرا ڀَر،
۽ پنهنجي ٿَرِ
تون بند پکي آزاد نہ ڪَر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

زندگي جُملي جيان آهي، ہُڙي ڪوئي ٻہ ڏي،
موت گولِي تي اچي،
اوچتو بندوق مان،
يا حياتي توڙ تي
ٻي طرح تُنهنجي رَسِي،
آڏ آڪري ڊاڪٽر توکي ڏِسن
اسپتالون تَنگِ ڪَن،
بستري تي ساهہ ڏين
اينگهندي تون ختمر ٿِين،
يا تہ پنهنجا گيت ڳائيندي مَرين،
مان ٻئي ڳالهيون ڏسان ٿو غور سان
۽ اهو توکي چوان
ڊاڪٽر جي ڪَر ٻُڌيءَ کي اَڻ ٻُڌو
موت ۾ تون کي هڏا آهين رکو.
زندگيءَ جي بنسري تن کي بٽائي جي سگهين
يا تہ پنهنجي موت تائين سي وڄائي جي سگهين
سنڪَ وانگر،
کوٽِ ۾ ويندين نہ تون،
منزلون ڪنهن کي بہ ملنديون، هِيئَن لوڙيندين نہ تون
تون بہ هوندين راهہ ۾ ڪنهن کي نظر ايندين نہ تون
جي اها تقدير توکي ٿي وَٽين
گيت چوندي ٿو کٽين
تون نہ ويندي کوٽِ ۾!
تون نہ ويندي کوٽِ ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ياد ڪر، ڪجھ ياد ڪَر!
ڇا هِتي اڳ ۾ بہ تون آيو هُئين،
گيت ۾ گونجيو هُئين،
گيت تنهنجو اڄ سرنهن جا کيت جي ڳائن پيا
گيتُ پرڏيهي پکي جو اڄ بہ ورجائن پيا
چنڊ جا ڪرڻا وَسن جئن پيار تي
گيت تُنهنجو اڄ بہ ائن سنسار تي،
تو وَسي
انب جا وڻ ۾ ڪجيون
گيت تنهنجي کي ٻڌي چرڪي ويون.
جڻ تہ ڪي تاڙيون وڳيون تـي واءُ ۾
جهنگ جون جهاڙيون وڳيون تـي واءُ ۾.
ڏس تہ لاڙي عورتون،
گيت جو ڳائن پيون،
تـو وسي ۾ گونججي،
لاڙَ اُن جي ختم تـي ناهي ڪڏهن.
ڇا ڇيو اڳ گيت تو آهي ڪڏهن،
جو جڏهن ڪويَل چَوي تِي رات جو؛
چنڊ جي برسات ساونڻ مينهن جئن
تـي وسي جنسار تي؟
اڄ سرنهن جي کيت ۾،
ڇا اهو توکي اچي تـو چيتَ ۾؟
ياد ڪر! ڪجھ ياد ڪر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

گُلَ خوشبو کي چيو:
مون جڏهن توکي ڏٺو
ائن پئي محسوس ٿيو
تون ته مون مان ٿي اڀرين!
پو به تون مون کي ڇڏي ڪيڏانهن رمنديِ ٿي رهين؟
راتڙيءَ چيو چندرَ کي:
تون اگر ترسين ته توکي جيءَ ۾ جايون ڏيان،
جي ستارو ڪو پڇي
تون وڃين ڪيڏانهن ٿو؟ مان ڇا چوان؟
سَمندرَ کي درياهه چيو:
ڪوهسارن مان ڪيو
پنڌ آ تو لاءِ مان،
تون ته پَرتي ٿو پڇين مون کان اچان
تون به ائين دوري رکين!
پريت اڻپوري رکين!
پوءِ چَئُه، مان ڇا ڪيان؟
پوءِ چَئُه، مان ڇا ڪيان؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هو چون ٿا ايترو ڇو ٿو لکي هِي؟
جيترو هن وقت تائين ڪنهن لکيو ناهي ڪڏهن،
مون مَٿي گهوري تڏهن،
هيءَ سرگوشي ڪَئي،
”تون انهن کي ڏي جوابَ
ماهتابَ! او ماهتابَ!“
هُو چوَن ٿا ايترو ڇالهه وَيو آ ڦهلجي
گيت هن جا ٿا ٻُرن جَهر جَهنگ ۾،
آءٌ تنُهنجي سنگ ۾
تو چوان تِن کي ڏسي
”جا ڪڏهن رابيل کان پريات پڇندي آهه هِي،
ڇو پئي هِئن آهه پنڌِ
۽ وچي ٿي ڪيستائين هِي سُڳند؟“
شام ٿِي آ
ائن نہ ٿا سمجهن تہ مون وٽ رات ايندي اوچتو
موت جي بارات ايندي اوچتو،
بس هنن لئہ ڳالهه هڪڙي ئي ڳري آ
”ڏِسُ تہ گهاتي گجَ وانگر هُن ٻرِي آ؟
”هيءَ ڪهڙي شاعري آ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

موت تُنهنجي لاءِ مان
هاڻِ واندو آهيان
تون اَچڻ چاهين تہ آءُ!
آنءُ ڄاڻان ٿو تہ ٿورو وقت آهي هِي چِتاءُ،
چاندِنيءَ جئن زندگيءَ جو،
راتڙيءَ جو
رات جي راڻي ٽِڙي ويندِي ڇَڻي،
واءُ ۾ خوشبوءِ ڪٿي
واسي سَڄي وڙاهہ ڪي،
پوءِ ڪَهڙو آسِرو آ ساهَ ڪي؟
چاهَ ڪي
آهہ اونو شاعريءَ جو
پر اُها اِڳتي ڪڏهن پوري ڪندُس
ڪنهن بہ جِئن پوري نہ ڪئي؟
شاعري
چنڊ ڪان جيڪا اُڌاري مون وَرتي،
چنڊ جي جادو- ڀِتي
مون ڏني اَشعار کي،
زندگيءَ جي پيار کي.
هاڻ واندو آهيان،
موت تنهنجي لاءِ مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ننڍ مان سپنا بَچاءِ
نظم ڪيڏا ننڍ تُنهنجيءَ مِ جُڙن تا
پو مُڙن تا
۽ وَچن رستو ڇڏي،
رات جون ڪاريون ڳُڦائون، وات ڄڻ ڦاڙي ڪَري
روز ڳرڪائن پيون تنهنجون سِٽون
نظم جون-
جا ٻه اڳتي زندگي آ
جاڳ باقي جا بچي آ،
سا انهن جي رونمائيءَ لاءِ آهي منتظر
ها مگر،
ننڍ تُنهنجِي مِ سٽون
جي سنڌءِ رچنا رَچيون!
ننڍ جنهن کي ڄڻ ڪَندر پائي وڃن تا
ڪاٻه وَستو وِدَيا*
جي نہ ٿي ڳولي سگهي،
ننڍ جي ايڏِي اُجڙ وستي ۾لا
ڪير ٿو ڦولي سگهي؟

---

* وَستو وِديا= آرڪيالاجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڊ پنهنجي ڪي ڦٽاءِ!
سڌَ جا تنهنجي اچي مهمان ٿي،
جا صديون تو لئه لتاڙي، جيءَ سان تنهن کي لڳاءِ!
جي اها امڪان ٿي
پوئتي موٽي وئي
ڪونه سا ٻيهار ايندي هِن سَراءِ،
ننڊ مان سپنا بچاءِ،
نظم ڪيڏا ننڊ تُنهنجيءَ ۾ جُڙن ٿا،
۽ افق جو وسعتون ريٽي ڪري
روح تُنهنجي ڏي مُڙن ٿا،
سارَ ۾ تن کي سماءِ!
ننڊ جا ٽُڪرا بچاءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

موت جئن ڪجھ ٻي عوامي ڪو نہ آ،
تون تہ خاص الخاص آن
ڪيئن ٿَـهندءُ؟
ھو سلامي توب جي
ڪنھن کي ڏِني
لاش ھُن جو تا ڪفن ڏيئي ڪٿن،
ريتِ آ رومال آلا ٿي وڃن
خلقَ جا ڳوڙھا ڳڙن.
لاش ۾ ڪائي بہ خامي ڪانہ آ،
پر انھيءَ کي ساھ ڪونھي،
موت سان ڪو ناھ ڪونھي.
موت سان ڪا بدڪلامي،
خوش ڪلامي ڪانہ آ
موت ھر ڪنھن لاءِ ساڳو آ مسافر ماٺِ جو
عارضي آھي دوامي ڪونہ آ،
ڇانوَ ۾ ويھي نہ ٿو،
اُس ۾ ھو پنڌ پنھنجي کي لنوائي ڪونہ ٿو،
ڪوبہ ھُن لئہ لاش ڳورو ڪونہ آ،
ڪنھن مٿان ڪوئي بہ ٿورو ڪونہ آ.
ھو تہ سڀ کي ٿو کڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جنهن کي جٽي،
پو سُجاڻي ڪانہ ٿِي،
زندگيءَ جئن ماءُ ڪائي تو ڏني؟
ٻار پنهنجي کي وساري ٿي ڇڏي
خاڪ جي هيئان سمهاري ٿي ڇڏي
موت جنهن جي لحد کي ڪوٺي پيو،
چُپَ سان جوٺي اُنهيءَ کي، پوءِ هو موٺي پيو
موت جئن مزدور ڪوئي ڪونہ آ
ڪابہ اُجرت هو نہ ٿو ڪنهن کان گُهري
۽ نہ ڪنهن تي ٿو ڪُري،
شاهہ آهي يا گدا، آهي ٻنهي جي واسطي،
موت تي ٿو هر سفر پورو ٿئي،
جلد ٿي يا دير ۾
پنڌ اُن وٽ ٿو کُٽي.
هَر مسافر نيٺ هن جي پاس آ،
موت هر ڪنهن جو سلامي ٿو ٿئي،
موت جئن ڪوئي عوامي ڪونہ آ.
تون تہ خاص الخاص آن
ها، مگر تون
موت لئہ ٻي جئن عوام النَاس آن.
روز جو شاهہ و گدا ڪاهي وڃي ٿو
لحد ۾ لاهي وڃي ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مِينهَن ايڏا مانگهه ۾ ؟
آءٌ تنهنجي تانگهه ۾
ٻاڪ تائين راتڙيون جاڳان پيو
هيءُ پڻ سمجهان پيو
تون نہ اچڻي آنهه ڪنهن برسات ۾
آنءُ تنهنجي تاتِ ۾
تو گهٽائن کان پُڇان
رات ڪا هُن تي مٿان
آ اوهان ڪاٽِي ڪِٿي؟
۽ اوهان آهي ڏٺي
پيار ۾ مون جيئن ڀانواٽي ڪٿي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪير ٿو مون مان لکي؟
رات جو چِرڪِي اُٿي
۽ ائين ڪاغذ مٿان هن جو قلم
دمبدم
نقش ڪارِي ٿو ڪري؟
شاعري ڪيڏي نہ پياري ٿو ڪري!
نندِ جا درياهہ ويندي، چنڊ جو چهرو پسائن ٿا پيا،
سمنڊ ۾ هر شيءِ سمائن ٿا پيا؛
نندِ جي ڪارِيءَ ڪنڌيءَ تي
ڪير روڪي
ناوَ پنهنجيءَ کي، مصوّر چنڊ جو
ٿو ڪري درياهہ جي منظر ڪَشِي،
۽ روانيءَ کي رَسِي
چنڊ جي تصوير لهرن کان کَسي؟
ڪير آهي هِي مصوّر مَنڊ جو
جِتِ جنهنجا چنڊ تارا ٿا جَهِٽن؟
نندِ ۾ ايڏا نظارا ٿا جَهِٽن
نندِ جي توڙي غشي!
هو ڪَري ٿو سَرڪشِي!
ڪير هي تخليق کان ڪا شَيءِ کَسي
ائن ڏئي ٿو خلق کي،
مان نہ ناهيان!
مان نہ ناهيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪيترو سَمجهائِيو!
ڪيترو دل کي مَجايو، ڪيترو اُن کي چَيو!
”هن جيان آهن هزارين خوبصورت عورتون،
”جن گهٽا ۾ چندبِ جهڙيون عادتون.
”هو تہ ڪا هڪڙي نہ آ
”جا وَري ملڻي نہ آ!
”تو اَجايو تانگهہ ۾
”آ وڃائي مانگهہ ۾
”مُد پري برسات هَهِڙي
”راتِ ههڙي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون نہ ايندينءَ پو بہ منهنجي شاعري
اگ جيان هلندي پئي،
تون نہ ايندينءَ، ننڊ جون ڪاريون ڪنيزون رات جو،
چنڊ ڏوليءَ ۾ ڏيکينديون رات جو،
ڳيچ ڳائي ايندِيون،
سارَ تنهنجي ٿيندِيون؛
تون نہ ايندينءَ پو بہ منهنجي زندگي
اگ جيان هلندي پئي،
۽ صراحيءَ ۾ پري
تو ڏنو جو پيار، تنهنجيءَ ياد کي
روز اوتيندي پئي
شاعري ٿيندي پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سدائين سمنڊ ۾ آهيان
ڪڏهن مون پيرُ ڌرتيءَ تي
رکيو آهي؟
هزارين ڪيڪڙا آهن ڪِناري تي
انهن هن سمنڊ جي سوداءَ ساري کي
چکيو ناهي،
ميان ٿو ريت جو ذرڙو، ستارن جيئَن ساري منڊ ۾ آهيان
’هئڻ‘ جي ڏنڊ ۾ آهيان
مگر چوليون الوليون روز لوليون ٿيون ڏين مونکي،
پروليون ٿيون ڏين مونکي
”ڪڏهن آڪاس جو توسان
’ٻکيو ناهي؟
’ڪڏهن هو سِجُ جو تو ۾
’ٻکيو ناهي؟‘.
’سدائين سمنڊ ۾ آهين،
’ڪڏهن تو پيرُ ڌرتي تي رکيو آهي؟“
ڀَلا مان ڇا جوان تن کي؟
اَلا مان ڇا جوان تَنِ کي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

تون چوين ٿو موت تي ڇو ٿو لکان؟
ايتريءَ ڳڻ ڳوت تي ڇو ٿو لکان؟
زندگانيءَ تي لکان،
۽ اڃان پنهنجي وچي پنهنجي جوانيءَ تي لکان،
اُن روانيءَ تي لکان
ڪالھ جا سانوڻ ڏِني درياھ کي
ڪيترا گجگاٽ ها اُن جي سنواٽيءَ راهَ تي!
شام جو پاٽيءَ مٿان
آ شفق جي سانت، اُڏري آڙيون،
ڪٿن چوان، ڪاڏي ويون!
وَر وَڪَڙ ڪينٽيءَ لڪايا ڪيترا!
سمنڊ ۾ پيرا سمايا ڪيترا!
پنڌ جن جي ڪي نہ ڪا معنيٰ هئي؟
زندگاني ڇا هئي؟
ڪيئَن آئي ڪٿن وئي؟
ٿي ندي وهندي رهي جنهن تي شفق ڪارِي رَئي
آ اُڏائِي رات جي!
هي ڪهاڻي ٿي کُٽي ڪنهن جاءِ تي سمجهان نہ مان؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت تي سوچان نہ مان؟
بس اِئين وَهندي نديءَ ۾ تو جيان وَهندو رهان!
بس، اِئين ڪَهندو رهان!
تو جيان ٽَهندو رهان
موت جي ويچار کان،
اَنت جيڪو آهه اڇڻو آنءُ اُن جي سار کان
پاڻ کي غافل رکان؟
ڇاڻ کي غافل رکان؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون چوين ٿي، ”تو بنا
شاعري مون کان نہ ٿيندي“
ما چوان ٿو:
”تون جڏهن منهنجي اڱڻ ۾ آنھ ايندي
”چانڊنيءَ جي ڪا ضرورت نانھ رهندي
”شاعريءَ جي ڪا حقيقت نانھ رهندي
”تون وڃين ٿي تو بنا
”سارَ تُنهنجي ڇانئجي سنسارَ تي
”ڪيترا ٿِي گيت ٿي
”تون جڏهن هوندي نہ آهين شاعِري
”جاءِ تنهنجيءَ تي اَچِي؛
”رنگ ۾ خوشبو ڀَري
”ڪئُن چوان ڪئُن ٿي وَري!
”سار تَنهنجي هارَ آٽي ٿِي پَئي،
”موتيا منهنجي وڇاڻي ٿِي پَئي
”راتِ منهنجي
”تاتِ منهنجي،
”ذات منهنجي آنھ تون
”روز لُنءَ لُنءَ ۾ ڀُري جا لاتِ منهنجي آنھ تون
”تون اگر آهين تہ مون وٽ شاعري گويا اَجائي آ پرين
”شاعري تنهنجي جدائي آ پرين!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

وارَ پنهنجا تو وَرائي
ڪالهہ چو منهنجي ڳچيءَ ۾ تي وڌا؟
سور جا ايڏا سڳا!
هاڻ تون آهين اَلائي،
* جاءِ ڪهڙيءَ تي پِيا؟
آنءُ تو لئہ سَوَ ليا
وقت جي درياہ ۾ وِجهندو رَهيُس،
چندڊ جئَن اُن ۾ ڪَهيُس،
گيت- تَرها توڙ تائين مون ڪنيا،
سُر سَوين تو لئہ سدائين مُون ڪنيا
جئن مچين جي لئہ ڪُنديون،
پر وَرِي ڦاٿينءَ نہ تون!
ڪئن چوان ڪيڏانهن تون تِرڪي وئينءَ؟
اوچتو ڳِهرڪي وَئينءَ
وقت جي درياہ ۾؟
پو بہ منهنجي ساہ ۾
تون اِئين آهين اجا
اڳ جِئن اُن ۾ هئينءَ!

---

*پيا- پيئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سارَ تُنهنجي جي گهڙي
جيتري آهي مِٺي
اوتري آهي ڪَڙي!
زلف تنهنجا اڄ صنوبر وانگيان
تا هوائن ۾ لُڏن،
هير ۾ تُنهنجي معطّر آرزو
روح کي وَر وَر ڏِين،
تون ڪٿي آهين؟ ڪڏهن کان آنءُ ٻگوليان تو پيو
جي پوي تو ڪو ڏَهو، تو لاءِ ڦوليان تو پيو
سانجهه ٿي آ، سِجَ سَر ۾ ٿو لهي
سارَ تنهنجي ٿي اُچي،
ڪيترا پيرا مليا آهيون اسان؟
ڪيترا پيرا اچان
ڪا نئين صورت وٺي،
اوچتو پيهار گڏجاڻي ٿِئي،
ڪيئن چئجي سارَ تي ساٽي ٿِئي،
يا ڏسي رستو وَٺون،
مُنهن ورائي شَڪَ سان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا چئون هن کي ڏٺو آ پکَ سان،
پَر ڪٿي؟ ڪهن ڏُنڌ ۾ رستو وڃي ٿو دور دور
پرڏٺو آهي ضرورُ
هيءُ چهرو هيءُ نورُ
سِجُ جئن سانجهيءَ سَمَنڊ سَر ۾ لهي،
يا پَرندو ڪو ڪَهي
۽ افق ۾ دور غائب ٿِي وڃي،
ايترو وچڙي وڃي،
جو سدائين لاءِ هُو وسري وڃي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون آ تہ چئون
ڪي گِيت محبّت وارن جا،
تن يارن جا
جي سازَ هلائي ويا سَر تي
۽ هنج اُنهن جي آڌَر تي
ائن چولِين کي چُلڪائي وِيا،
سي گيت اُهيئي ڳائي ويا،
خاموش هوا جي ڳائي تي
مدهوش هوا جي ڳائي تي؛
تون گيت نہ چئہُ تلوارن جا،
جي وارَ ڪرِن تيون ڌرتيءَ تي،
سِر ڌارَ ڪرِن تيون ڌرتيءَ تي،
۽ نفرت جي ديوارن جا!
ڇا لئہ تہ اڳيئي ماڻهوءَ جي
گتَ ڪَئي آ اهڙي گِيت بُري
جو گيت لڳي ٿو تيزُ ڇُرِي
تون گيت نہ چئہُ تڪرارن جا،
ڪجهہ گيت هوا ڪان هَلڪا چئہُ،
ٽِـِي چانڊوڪيءَ جا جهلڪا چئہُ!
جئن ماڪَ گُلابي ٻوٽي تي
اِئن ٽيءُ هوا جي جهوٽي تي؛
تون گيت ڏئي مهڪارن جا!
ڪي گيت محبت وارن جا
تون آ تہ چئون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هيءَ تاندبنِ ڦُلهيرَ ڦوڪَ ڏُئي
جي دور اُڏائين ڌرتيءَ تان،
۽ ايئَن نيائين ڌرتيءَ سان
جئَن آڳ لڳي ٻيهر نہ وَرِي،
۽ ڄِپَ ڄِپي
ٻيهار نہ سي شهتير ڇَٽي،
تا تيڪ ڏِين جي هر گهر کي!
مون چاهيو هو سڀ رَکَّ ڪيان
۽ جوتِي سارِي جَڳَّ ڪيان
پر عمر گهٽو سيڪاريو آ
مون واريو آ
مون شعلا شُعلا گيتُ هِتي
جَهن وِچِّ جيان للڪاريو آ
۽ ٻاريو آهي ڌرتيءَ کي
مون اڄ تَنهن کي ڌتڪاريو آ.
مون گيت گلابي پينگهن جا
تا جن تي ساونڻ- مينهن وَسن،
۽ مست شرابي پينگهن جا
تہ لاءِ گهٽائن مان آندا،
جنهن وقت اُنهن جا اوهيڙا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو لاءِ وَسن
۽ توکي ڏيئي ڪا پيڙا
هُو چئن کَسن
تون تن جو آڌرياءُ ڪَري
۽ روهيڙن سان جهولَ ڀري،
ڏس واريءَ ڏي
وسڪار وٺن کي ڏس ڪيڏو مهڪائي ٿي!
ڪيڏيون نہ وليون ڦهلائي ٿي!
ائن ڀال ڀلائين ڌرتيءَ سان
گلرنگ هزارين گيت چئي
۽ تن ۾ جڳ جي جيت چئي
او شال نيائين ڌرتيءَ سان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪيستائين ائين لڪي رهيو آهين؟
جڻ تہ بيزار ٿي پيو آهين
آدميءَ جي وجود ڪان ٿي تون!
نجد جي دَشت جيئَن ڪمري ۾
تون لڳين ٿو اِئين جئين مجنون
سر بَزانو اگرچہ ناهين تون؛
ڪو هڪن جيئَن روز ڪوٽين ٿو
ڪير جي نَنن پهاڙ جي وچ مان
راتِ يا ڏينهن، جَنگ جوٽين ٿو
وقت بيوقت جڻ تہ تيشي سان
پو بہ ليليٰ لهي نہ ٿي ڪائِي،
ڪا جَهلڪ ڪانہ آهہ محمَل مان،
ڪير جي نَنن تہ آوَهِي آئِي
پر ملاقات ڪابہ شيرينءَ سان
ڇو نہ ٿي آهہ؟ ڇو اجا تائين
تون رڳو بي سَتُون ڪوٽين ٿو؟
سِجُ نصف النهار تي آهي
هي پگهر اُگهہ، ڇو نہ موٽين ٿو؟
ڪابہ ليليٰ هتي نہ اچڻي آ
دَشتَ- ويرانيون ائين رهنديون
ڪابہ شيرين؟ خيال بي معنيٰ
هي پريشانيون اِئين رهنديون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

رابيل جيان چھري وارِي!
ڇو دير ڪَري تون آئي آن؟
مُون پنھنجي رُتَ ڪئي پُورِي
۽ ڪيئي سانوڻ مينھن ڏٺا،
ڪيڏا نہ جھُڙالا ڏينھن ڏٺا!
جِن منجھ جِھمِي
مون لاءِ نِمِي
تارِي تارِي،
رابيل جيان چھري وارِي!
ھاڻي تہ سرءُ جي موسم آ
تِي ڪيڏي اَيرِي واءُ گھُلي،
دل ڪونہ ڇُلي
تِي ڇولين سان،
ڪنھن وقت سُريلين ٻولين سان
جي ڪينجھر مان
مون ڪالھ ٻُڌيون-
ڪيڏانھن وَيُون
ايڏيون نوريون؟
ھاڻي تہ رھُو تِن جون ڪاريون،
جي گذرِي ويئون سي ياريون
ڪنھن وقت ملن تيون مياڻيءَ ۾،
۽ پاڻيءَ ۾
پڙلاءُ نہ آ، ڪيڏانھن وَيُون؟
تِي ڪنڌيءَ تي چمڪي وارِي،
رابيل جيان چھري وارِي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تو جڏهن در تي سندرم کڙڪو ڏنو
جڻ دل گواهي ڏني ڏني
’هيءَ آهه تون‘
۽ درياءَ جي ٻاهران جي پاڻ تي
ڪوئي ڪبوتر تو اچي
۽ چهنب سان چوڳو چڳي،
تي دل چوي
تون ڇو نه تي مونکي ڇڏين؟
پيئي سڏين
’هيءَ آهه تون‘!
ڪَنَ منهنجا
سَڏ تنهنجي لئه ڪنائن تا پيا،
۽ اکيون
جڻ مون رکيون
تنهن راهَ تي
اڄ پير تُنهنجا پنڌ ۾ هوندا جتي!
ڏس تنهنجو
سِجُ کي
يا چنڊ کي ڪوئي نه آ،
مون پڇيا سڀ کان پتا،
ناهه ڪو پيرو ڏنو تنهنجو هَوا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهگذر تي ڪيترا
آدمي تـو مان ڏسان
جڻ شَڪَ سان،
۽ پو چوان
’هي آهه تون‘
’هُو آهه تون‘
’او اها ناهين، پَريان هُو آهه تون‘
’۽ اجان هُو آهه تون‘
تورڙو اڳتي وڌان.
’هو آهه تون‘
ڇا نہ مون تو لاءِ ڇهرا ڳوليا!
ڪيترا انبوه تو لئہ ڦوليا!
تو اٿين گمر تـي وٺينءَ،
جڻ شفق ۾ سِج وَڃي.
پـل نہ ڪو مون کي مَڃي
تو فقط رويا هُئينءَ
جي نہ رُويا، ڇا هئينءَ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

تون اگر منهنجي هجين
زندگيءَ جي ساز تي
مان اُهي نغما ٻُڌايان جي نہ ڪنهن ڳاتا هجن،
تون اگر منهنجي هجين
ڏينهن جو سورج مُکِي
سِجّ بدران تو طرف نظرون کڻي، سا ڳا
انهيءَ جي نينهن جا ناتا هُجن،
ڇو نہ منهنجي شاعري
سونهن تنهنجي ۾ ٻَرِي
سِجّ جئن، تو کي اُجاري، نيڻ سڀ تولاءِ
ئي آتا هجن،
ڏينهن مَدَ ماتا هجن
تون اگر منهنجي هجين
زندگيءَ جي راز تي
مان اُهي نُڪتا ٻُڌايان جي نہ ڪنهن ڄاتا اَڳي،
پيارُ پورائي ڏِئي
هر ڳالھ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو سوا جيڪا اڌورِي ٿـي رهي،
تون جڏهن آهين تہ پورِي ٿِـي رهي.
تون نہ ڄاڻين ٿِـي تہ منهنجي چاندني
تو رڳو مون کي جدائي ئي ڏني،
بيوفائي ئي ڏني؛
پو بہ مان ڳايان پيو
ڪيترا اِسرار سُلجهايان پيو،
تون اگر منهنجي هجين...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هي ماڻهو جي انسان اجا
تيا ڪونہ آهن،
هي ماڻهو جي حيوان اجا،
لُٽ مار ڪري اڻن ٿا موتـن
خونخوار جئين چيتا موتـن،
نَهن تن جا اَڄ اڳ ڪان بہ وڏا،
اڳ جيئن اکين ڏي اُيرن ٿا؟
جنهن وقت بہ ڏِس تنهن وقت هَڏا
هو چَسَ منجهاران چُوپن ٿا،
الله! اِهي اشرف آهن؟
هي ظالم ۽ جاهل ناهِن؟
اشرف تہ اُهي اخلاقُ سندءِ جي پيدا ڪَن،
انبوهہ اُتي جا تا چاهِن
هو توڙ قوڙ ۽ هڙتالون!
۽ سِر تان مائُن جون شالون
ڇو لاهِن ٿا؟
ڇو ناهہ نڳيءَ جا ناهن تا
۽ ڪيڏا ڪوڙ بدوڙ چئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو باهِن تا
هر ويريءَ تي،
۽ ڪاريءَ رات انڌيريءَ تي
ايمان رکي پَڙ پائِن ٿا،
پو چوڏاري واجهائن ٿا
ڪِٿ باھ ڏِئي ڪَن روشنيون؟
هو جايون روز عبادت جون
ٿا ايڌيءَ آڳ حوالي ڪَنِ،
جئن شعلا تِن جا عرشَ پُڄَن!
الله! انهن کي ساڄَهه ڏي
تو تن کي پنهنجو موتُ سَڏي
پَرِ ان کان اڳ هي باهِ وِڏي
هر پاڙي کي وچڙائن ٿا،
۽ ڪيڏا مَچَ مچائن ٿا
جي صدين لئہ ٻُجهندا نہ ڪڏهن!
هُو ڇا نہ ڪڏهن
ڪنهن مسجد، ديرَ ڪليسا کي
۽ تنهنجيءَ ساريءَ دنيا کي
هڪ تُنهنجو ئي جَلوو سمجهي،
اپنائيندا،
يا جت ڪِٿ توکي ٻيو سمجهي
تو مِ اَمجهي
هڪ ٻئي جو خون وهائيندا،
قابِيل جيان
ٻي کي هابيل ٻٽائيندا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الله! انهن کي ساڃھ ڏي
جئن رنگُ شفق جو سورج کي
جرڪائي ٿو،
۽ هر شيءِ ۾ جهلڪائي ٿو،
هي سورج هونءَ تہ ٻاهر آ
پر هِي بہ حقيقت آهي جا
ويجائِي اگ ۾ آهي ڪَنهن؛
۽ هيءَ چيو آ ڏَر ڏَر تَنهن
”هڪ سورج ماٿهوءَ اندر آ
دن رات ٻجهي ٿو جو نہ ڪڏهن،
۽ روشنيون ڦهلائي ٿو
۽ سَچُ سچو سمجهائي ٿو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هن وقت ڪاريءَ رات ۾
برسات ۾؛
ٻاهر نہ تون در ڪان نِڪر!
آ موت گهريءَ گهات ۾
ٻاهر نہ تون در ڪان نِڪر!
ٻاهر گهٽا گنگهور آ
آ چنڊ اُن جي گهات ۾
ٻاهر نہ تون در ڪان نِڪر!
ترساءِ تيسين روشني،
لُنءَ جا لڪائي لات ۾
ٻاهر نہ تون در ڪان نِڪر.
اونده تَري ويندي ڪڏهن
آ ٻاڪ اُن جي ماتِ ۾
هن وقت ڪاريءَ رات ۾
ٻاهر نہ تون در ڪان نِڪر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ور ور وڻن تا ڇانئبا
ڪارا ڪڪر
مون لاءِ ٻر
آ راهَ ٽاندباٽي جيان
ڪوئي اُها
مون کان ڇُپائي ٿو سگهي؟
مون کان سندم رَستو ڀُلائي سگهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهه نم جي ڏار تي
ڪجهه نموريون ٽي ٽُڪيون نوريٽڙي،
ٿهه ڪري هو اوچتو
هيٺ ڌرتيءَ تي ڪِريو
مُون ڏٺو اُن کي مُٺو
اَڌ نِموري وات ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

جاڳَ هُئي سقراط تُنهنجو ياڳ پر
اڄ تہ هاڻي تا ڏسون
ڪيرُ تو تڪجي پَوي؟
هي اَرسطو آ مگر
جوپيو مون کي تَڪي
۽ هزارين سال پو
تـو سجاڻڻ جي ڪَري،
زهر نوشي شاعريءَ جي جام ۾
مون ڪئي، آ عمر پَر
پو بہ جيئان تو مگر
تو تہ اي سقراط پَر
زندگي هڪ جام سان ساري خيالِ خام ڪئي
عمر دستاويز وانگر موت جي ڇو نام ڪئي؟
زندگي وَر وَر ڪري وِهُ جي پيَڻ جو نانو آ
ائن جِيَڻ جو نانو آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هوءَ لاشَ مٿان ٽي پارَ ڪندي

ٽا پارَ پُڄن ٻي پارِ جتي

درياهه تَرِي هو پهتو آ،

۽ رات مَرِي هو پهتو آ.

هُن چاهيو هو جِئَن ڀاڪ ڦُٽي

هي باقي نظم ڪندس پورو،

ٽي هاڻ ته ڏادي ننڊَ اچي،

ٽي ڪيڏيون ڳوٺيون ننڊَ پري،

هاڻي ته اکيون مزدورن جئن

جڻ پنهنجي چيله جُهڪائن ٽيون!

ڪجهه اِيئَن ڇَپر جهپڪائن ٽيون!

بهتر ته اِئين آ چارِ سِٺُون

جيڪي ٻه لکيون

اڄ رات ڇڏي، ڪُجهه ننڊ ڪري،

مان ڀاڪ ڦٽيءَ کان اڳ جاڳان،

منهن ڌوئي، پو ڪجهه وقت لڪان،

اخبار اچي جيسين در تي

هي نظم اڳيئي پورو ڪيان!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت سَهي جئن ڪَنَ ڪرٽا
تـو موت رکي اونداهيءَ ۾،
تـو مُرڪي چاڙهيءَ ڏانهن ڏِسِي
پو هيٺ ڏسي تـو لاهيءَ ۾،
درياه حياتي پائي پِيو،
هو ننڊ ڪندي ئي گم ٿِي ويو.
منجهدار وراڪا ڏي پيئي؛
۽ نظر اڌورو رهجِي ويو
جئن تَرندو تُنبو پاٽيءَ ۾؛
جئن دور پرندو پاٽيءَ ۾
پَر ڦرڪائيندو اُڀري تـو
۽ اُڏري تـو آڪاش مٿان-
هوءَ پارَ ڪڍي تـي لاش مٿان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هي چانڊوڪيءَ ۾ روز ٻگهڙ،
اوناڙ ڪري
من ماٺهوءَ جي ۾ تاڙ ڪَري
جنهن وقت ٽپن ٽا ٽانگها ٽَڙ،
۽ اوچا ٻَڙ
ٽا چَنڊ ڏِڪِن،
تنهن وقت ٻَگهاڙيون ڳولا ڪَن
ڪيڏانهن وَيو هو تيز سَهو؟
هيءَ واءُ هُئي يا چَنڊَ ـ چَهو!
چو چَنڊُ نہ آهي پاٽي ۾
ڪيڏانهن ڇپي ويو آهي هُو
اڄ ناهي هُو
چو جيوَن جي آڪاٽي ۾؛
آ سانتِ رڳو سومهياٽي ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هر نعري باز مري ويا سڀ
سارا آواز مري ويا سڀ
جن ڪالهه غريبيءَ اڳ وَتي
۽ اهڙيءَ ٻي ٻيءَ اڳ وَتي
جنهن لاءِ تنهن تي مانيءَ لِئه
۽ ٻُڪ ڀر ڪُڪِ جي ڪانيءَ لِئه
هُتو ڪونه اُتو،
جنهن لاءِ لتو
تني آندو ڪاريءَ رات رڳو،
جنهن لاءِ اُجهو
آڪاس هُيو.
ڪنهن ڄاتو تني راڪاسَ هُيا؟
هو جن جا نعرا آسَ هُيا
جا آس نه، جَر تي ڦوٽو هُئي،
ڪيڏو نه تصوّر ڪوڙو هُئي!
اڄ تن جا نعرا رَدّيءَ ۾
هنَ صديءَ ۾
تنهن جاءِ ڪباڙي وڪڻن ٿا
جنهن جاءِ لباڙون لڳنديون هيون،
۽ مانهوءَ جي ويساهه مٿان
ڪلهه ٽڳنديون هُيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سو شاعر ڪهڙو شاعر آ
جو آگ ڏئي پيٽرول مٿان
جنهن ڌرتي ۽ آڪاس جلي
۽ شعلا نڪرن ٻوليءَ مان؟
شاعر تہ سدائين ٻرڪا ها
جا ٺر ٻر ورسائيندي هئي،
توهر ۾ ڳاڙها قولَ ڏسي
جا گيت نوان ڳائيندي هئي!
هو هڏَ دعا جا ڪندا هَا
جنهن ٻانوريون ۽ روهِيڙا
سَو چند ستارا ٿِي چمڪن،
۽ واريءَ تي چوڏار وَليُون
جَهر جَهر جهمڪن
سي شَعر تہ رحمت وانگر ها
تو جن مان زحمت ٺاهي آ!
تون ڇا لئہ باهہ لڳائين ٿو
جا هر ڪنهن لاءِ تباهي آ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آ نند گهاٽي جهنگ جئن
۽ رات جا ٻارنهن سڳا
تا ٻَجَ ڀاڄڙ ۾ اچن،
هو ڪٿن نہ ٻوڙا تا تپن
۽ پيلَ ڪَن!
ڪنهن وقت اُن ۾ رُج جي ڦهلاوَ جئن
ڪارا قبيلا موت جا
تا دور پاٽيءَ لئہ وَڃن!
۽ روجهڙيون تن کي ڏسي ڀَهڙا ڪَٽن!
هي نند جو سارو نگر
ٻي آهہ وستي جاڳ ڪان؟
تو جيترو اُن کي ڏسان
مون کي حقيقت تو لڳي،
۽ جاڳ جي وستي ڏِسِي مون کي تہ حيرت ٿي اچي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

گُلّ! ڇو اِئن ڇڻي ٿا وڃو
اِيئن خوشبو ڪٿي ٿا وڃو؟
اَئن هوائون نہ هيرائِيو
مُندَ ڦيرائيو!
گُلّ ڇو اِئن وَٽي ٿا وڃو؟
ڇو ڇڏي هي اَٽي ٿا وڃو
ٿي ڇُپي جا ڪنڊي جٺن پٺي ساهَ ۾؟
آنءُ وٽراهه ۾
ڪيستائين ڏسان؟
ڪيستائين پُڇان
تارين ۾ ڇِپي،
”ڪلهه سُڱندُون ڏِٺي
اڄّ ڪاڏي وَيءُ؟
اَڄّ ڪاڏي وَيءُ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

جا گهڙي توکان سوا گذري وئي
سا اَجائي وئي فنا جي ٻَڪَ ۾،
زندگيءَ جي جڪَ ۾
جيترو گهاريو اُتم
پيار تُنهنجو
اوترو ساريو اُتم.
تو متان سمجهين تہ آن وسري وِئي!
شاخ کان وسري گلاب
ايءُ ممڪن ئي نہ آهي!
جام کان وسري شراب
ايءُ ممڪن ئي نہ آهي!
تو جيان ڪوئي بہ خواب
ٻيو وري اچڻو نہ آهي،
تون هُئين توڙي سراب
مان نہ هان پٺڪِي ٿَڪو،
زندگانيءَ پَر اُجو
تـو وچان تو پوئتان
۽ ٿيو مايوس ناهيان مان اجان!
نهر جهڙو نينهن تنهنجو آ حقيقت وانگيان!
ٻُڪَ ۾ مُنهن کي جَهلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهه تنهنجو پيارُ مون پِيتو پَئي
چَپَ منهنجا اڄ بہ مُنهنجي لبَ جِي مون کي
گواهي ٿا ڏِين،
اُجَ تُنهنجي آ اکِي جئن، ڀي ترائيءَ تي ٻُجَهن
ايءُ ممڪن ئي نہ آهي.
تون تہ آهين هڪ جواب
جو سوين منهنجا سوال
حل ڪري ٿو!
اُڄ ۾ مون لاءِ اوجل جَل ڪري ٿو،
دستياب،
۽ اچي ٿو هي خيال
تون ڪٿي مون ۾ تہ ناهين؟
آنءُ توکي رُڄَ ۾ ڳوليان پيو،
جُڳ جڳانتر تي ويا جو، اُڄَ ۾ ڦوليان پيو
تون ڪٿي مون ۾ تہ ناهين؟
تون ڪٿي مون ۾ تہ ناهين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

دل اجان ساٽُ ڏي
ڌَڙڪندي رَهه اَجان!
رُتَ رابيل جي
مَهڪندي رَهه اَجان!
جيئَن ڪوئي پَکِي
چَهڪندي رَهه اَجان!
سِجَ اُڀري جڏهن
ٻَهڪندي رَهه اجان!
ڌڙڪندي رَهه اجان!
ڌڙڪندي رهه اجان!
ڌڙڪندي رَهه اَجان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

رات! تون مات منهنجي نہ آن،
آنءُ جو سِجَ جان
جهانجهرا تـي ٻُران تـو پيو،
تنهن تُراڙي تُران تـو پيو
جو گلن سان ويو جِهنجِهجِي؛
زندگي، زندگي!
آءُ توکي سڳندون ڏيان تـو پيو،
ديرَ تو لئہ گُلن جا تـيان تـو پيو
۽ اگَڻ واسيان تـو پيو،
ڏاتِ پوڙهي نہ ٿيندي ڪڏهن،
هيءَ سوڙهي نہ ٿيندي ڪڏهن
آنءُ ٻارِي لڳائي پيو جا وجان؛
گُل ايڏا ڦُٽـن
جو افق تي ڪُٽـن
سِج شفق ۾ لهي
جيئن، تَن ڏي ڪَهي
ايئن سمجهي تہ ڏرتي بہ آڪاسُ آ!
ايئَن سمجهي سُڳندون رُڳيون سُواسُ آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

رات گذري وئي
پنج آهن لڳا
سُور جا تو سَڄا
ڪيترا پوئِيا!
گلّ انبار مان ڀيا اجا سوئيا!
تون سياٽي نہ پوئي سگهين تو ڪنديون،
هاڻ تون
ننڊ ڪَر
ننڊ ڪرا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آنءُ پو کيا پيو ڪيتريون ئي وَليون
چو تہ خوشبو سَوا
ڪيئن لڳنديون ڳليون!
جي ٿڙي گل پيا
۽ هوائون هَليون!
پو تہ توبن گهڙيون
ايئن لڳنديون يَليون
چڻ تہ تون ساٿ آن
چڻ تہ تون سنگ آن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪانئرو! موت کان ٿا ڊڄو!
نانءُ جئن مون وتو
موت جو
آ اوهان ۾ اڃي ڪنبڻي ڇو پَئي؟
مون نہ تي ڳالهہ سادِي چئي،
زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ جو انت آهي اهو،
موت کان ڪوبہ رستو نہ آ ياڇ جو،
پر اوهان نانءَ کان ئي ڀڄو ٿا پيا!
ايئن ڇو ٿا پيا
ڀَوُ ڪيو موت کان؟
موت جيڪو اڃان
دور هوندي بہ ويجهو رهي ٿو پيو،
سارَ سڀ جي لهي ٿو پيو
هن جيان ڪوبہ همدرد پاڙيسرِي
ناهہ او بُزدلي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

نند جي ولهار ۾
آنءَ ڪارونيار ۾
ناريون ڏٺيون ٿي ايتريون،
اُبَ ۾ جِيئين گهٽائون ڇانئِجَن،
پو بہ تون
ايتري آئينءَ نظر مون ڪي چِٽيي،
ڏِکَ ساونڻ چند جِي
جيئَن ڪڪرن مان اُچي،
چند ٿاهي ڪا وِٽِي
جڻ تہ ٿڪرن مان ڏِسي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اَلائي ايتري پيڙا ڏئين ڇو ٿي؟
تون اوسيڙا ٿئين ڇو ٿي؟
هوائون پار تنهنجي جون سُڳنڌون ڪون ٿيون آڻن،
نہ ڪي سي خلوتون ماڻن
جڏهن توکي ڇُهي ايندِيون هُيون،
تون ڦهلجي ويندي هئينءَ تر ۾

مگر تون هيل ياڪر ۾
اڳي وانگر نہ آن انبارَ مُڱرن جا،
اڳي جئن سِجَ اُيرن تا،
مگر هو موتيا تنهنجي ڳلن جا اڄ ڪٿي آهن؟
مگر هو ماڪ جئن ڳوڙها ڪٿي آهن،
جدائيءَ جا ڪٿي آهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

مرگهہ نئني!
آنءُ تنهنجي لاءِ ڳوليان ڪيترو؟
رُڃ ۾ تو لاءِ ڦوليان ڪيترو؟
اُڃَ تُنهنجي هر گهڙي وڌندي رهي ٿِي
تو پنيان پل پل ڪَهي ٿي،
مون حقيقت نيٺ ڄاتي
دير سان پنڪي سُڃاتي
جي محبت رُڃَ ناهي پوءِ ڇاهي؟
اُڃَ پنيان اُڃَ ناهي پوءِ ڇاهي؟
مرگهہ نئني!
مان متان ٿڪجي پوان،
تو منجهان ٿڪجي پوان،
ڪجهہ ٿڪو آهيان اجان ٿڪجي پوان!
ريت تي رُلندي ڪِران ٿڪجي پوان!
سِجَ جا نَنهن ڪيترا اڄ تيز آهن،
جڻ تہ منهنجي لاءِ سي مهميز آهن.
تون نہ ايندينءَ رُڃَ ۾؟
ڏِس! قدم منهنجا عدم جي سُڃَ ۾
ڄاڻ پهتا
ڄاڻ پهتا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هو لئبرريءَ ڪي ساڙن ٿا
هو ٽالسٽاءِ لتاڙن ٿا
۽ گانڌيءَ ڪي چيٿاڙن ٿا
۽ مون وٽ ساريءَ دنيا جو
جيڪو ٻه ڪتاب ڏسن ٿا سو
هُو ساڙن ٿا.
جڻ ڪوس گهرن ٿي ڪيئي هِليون
جي جهڙپ ڏِين ٿيون ڇچڙن تي
ائن ورق وَرائيندي تن ڪي
جنهن وقت مِليون
ڪي تصويرون،
مدهوش مصوّر گويا* جون
هو نظرن سان چيچاڙن ٿا
۽ اَنگ اُنهن جا تاڙن ٿا
پو تِن جا ننگ لُٽاڙن ٿا
هوينهنجن ميرن بوٽن سان،
۽ اِسلامي رانيوٽن سان
هو رَنگ اُنهن جا رَهڙن ٿا

* گويا= هسپانوي مصوّر جو نالو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اوڙي پاڙي ڇَهڙن جا
ڪيڏا نہ گُليلا اُچلن تا،
ڇَڻ ٻاهر ٻيلا اُچلن تا
تا جن ۾ سَوَ هاتار ڦِرن.
هو ڇيتَن جنُن چنگهاڙن تا،
ڏَرُ وَئنِ** پٽي تي واڳونءَ جئُن
هوڪيئي ماٿهو واڙن تا،
هو لئبرريءَ کي ساڙن تا.

** وَئن (Van)= گاڏِي. اهو لفظ سنڌي ۾ ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڇا تنهنجي ڦاسي وسري وئي!
هي آهن ساڳيا ڪافي- گهر،
۽ تن ۾ ساڳيا دانشوَر،
جي ٻهڪن ٿا ۽ ڳالهه ٻڌي ڪا ڇهڪن ٿا
ڄڻ ٽِڪر آهن ٽهڪن ٿا.
تن جا ويچار ڀلا ڪهڙا؟
اِقرار به ڪافيءَ جا پيالا
۽ سارَ به ڪافيءَ جا پيالا
هُئا تُنهنجا يارَ ڀلا ڪهڙا.
ڇا تو ڪنهن وقت سڃاتا ها؟
هو ڀڳهر پورهئي وارا جي
ڏينهن تتي هَر ڪيڙيندا ها.
مينهن وُٺي ۾ جي ويندا ها
روز ٻنين تي ڏاندن وانگر
سياسي هَٿَ ڇُراندن وانگر
موقعي لاءِ نه هو ڏِسندا ها.
هُو مِل- مزدور به مِل مان جئن
ڪلهه ڌَهڪي تنهنجي دِل مان جئن
تو لاءِ لڳائيندا نعرا
گهر ويندا ها.
انسان اُهيئي ها پيارا
جن سچ پچ تو سان پيار ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقرار ڪيو،
جِن ڪي تو نہ سهارو سمجھو،
تِن ڪي تو تہ ٻُهارو سمجھو
پنهنجي ڪُرڪِٽ چؤياريءَ لِئہ!
تون ئي چَئہُ ڪنهن هاريءَ لِئہ
تُنهنجي جيءَ کي جھوٻو آيو؟
ڪلھ تنهنجي تقرير ٻڌي چو
پورهيت تي موڳو آيو،
پنڊالَ منجھان؟
ڇا توتي هن جي ڇالَ منجھان
تي ڪانہ ٻَکي ڪلھ مايوسِي،
هو چيني ها توڙي روسِي،
سڀ ناھ تڳيءَ جا ناھِن پيا،
هو امريڪا ۾ ساٿاري
سڀ ڇاھِن پيا،
جا قاسي توکي اچٽي هِئِي
جا آئي ٻِيي،
پر هَر- هارين جي سُڏڪن ۾
اڄ ٻِيي مزدورن جي مَن ۾
تون زنده آن،
پاينده آن!
جا گذري وئي سا گذري وئي،
پر تنهنجي قاسي وِسري وئي.
سو ڪٿَن ڇٺجي!
سو ڪٿَن ڇٺجي!

◉

هو ديوارن تي سو نعرا لکرائن ٿا،
پو روز اهي ڊهرائن ٿا
تاريخ مٿان هو ٻاهِن ٿا،
۽ مسجد مندر ڊاهِن ٿا
۽ ڪنڌ ڪَکوري لاهِن ٿا
هو ٻارن جا،
تن هارن جا
تقدير وڏا جي ڌرتيءَ تي،
۽ هڪ ٻئي جي من وَرتيءَ تي
ٺُوڪارن ٿا
۽ ڏينهن اڱوٺا سارن ٿا،
جنهن وقت نہ ماٺهو ماٺهوءَ کي
اڄ ڪالهہ جيان کائيندو هو،
جنهن وقت ڪڏهن ڳائيندو هو
طنبورُ وڄائيندي ڌَر تي،
جي ڪنهن جو سيڻ نہ ٿيندو هو
هو ڪنهن کي ويڻَ نہ ڏيندو هو،
اڄ دنيا ڪنهن هاتار جيان
ڏِسُ ڏندَ تہ ڪيڏا ٿي ڪَرٽي،
ڪيڏا نہ اکين ۾ موريسَر
جي ڏندڏلائن ٿا منظر کي!

تو ڇالاءِ ڪنهن ڏاتار جيان
اڄ ٿن تي ڏات وڃائين ٿو؟
۽ باقي عمر گنوائين ٿو
تون ٽن جي جهيڙن جهڳڙن ۾،
۽ ايڏن رولن رڳڙن ۾؟
ڏس شام سلوٽي آئي آ
۽ سورج پنهنجي سندرتا
ڪئن پاٽيءَ تي ڦهلائي آ!
هن وقت هوا ۾ ٻاتيبر
جيڏانهن اُفق ۾ اڏرن ٿا
ڪيڏو نه چڱو ٿي جو تون شاعر
تيڏانهن اُنهن جا ڪي رستا
تون پنهنجي لاءِ لهين ڳولي،
ڇا لاءِ ته جيڪو تو ٻولي،
تو مان سو چڙ ته پرندو آ،
اڄ ماڻهو چڙ ته درندو آ.
ڪجهه اُن کان دور رهين ته چڱو!
ڪجهه اُن کان دور رهين ته چڱو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورِي* بازار کُلي پئي آ
آ پيھ اڳي جئن ڪارِن جي،
جت ٻہ ٽاتو ڪجھ سال اڳي،
اُت ڪارنھن آ ديوارِن جي،
پر ڪنھن کي ھاڻي ياد تہ ھُو
جي ڪالھ ڌماڪي ماريا ھا
(ڪي پنھنجا ھا ڪي ڌاريا ھا)
سي ڪيئن مُئا، ڪيڏانھن ويا
ھُو ڏونھون ڏونھون لاش ڇڏي،
۽ روتيءَ لاءِ تلاشَ ڇڏي
تن چندَ چپاتي ڪاڏي ھئي،
۽ رات لُتي چُپ ساڏي ھُئي
سپ شتَر گتر چُپَ ھُيا،
۽ چوڌاري گھر چُپَ ھُيا
۽ روحن ۾ جي ناليون ھُيون
سي ماٺوءَ رَت سان آليون ھُيون،
ڪوئي ٻہ تہ ڪونہ ھيو تن وَٽِ
جنھن وقت ڪُتا پيشاب ڪري،

---

* بوري بازار= ڪراچيءَ جي مشھور بازار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڏانهن هَڏن لئہ سونجهن پيا ـ
ماٺهوءَ کي سارَ وِسارَ نہ آ
جيسين هُن کي اخبار نہ آ.
پر هُو جيڪي بي وقت مُئا،
هو ڪير هُئا؟ هو ڪير هئا؟
جي پنهنجا نوٽَ ڳڻيندا ها
اکروٽ هيا ڄڻ سِرَ تن جا!
ڪهڙو نہ چڱو، انبوهہ ڏسِي
مان ڪوند وَيُس ۽ جيئان ٿَو!
ڇا لاءِ ٿيان ٿـو آنءُ لَڄِي؟
۽ ڇو ڪائي وِہ پيئان ٿو!
ويو آمِر پنهنجي چالِ چَلِي
۽ هرڪنهن کي هيسائي ويو،
۽ پنهنجو پاڻ ميڄائي ويو.
هو وقت گذرئو، گذرِي ويو.
سڀ ڪجھ ماٺهن کان وسري ويو؛
ڪي روح ڌِجوڙين جهڙا ها
۽ گونگاها ۽ ٻوڙا ها
سيئي ويا ڪيڏا نوٽَ ڇَڏي
هي لوڪُ لَڏي،
ڪنهن گمناميءَ ۾ پاڻ گڏي!
اڄ ڪنهن بہ تَڏي
ڪوئي بہ نہ تن کي ساري ٿـو،
بس، ويساري ۽ واري ٿو
اڳ وانگر ٿـي بازار هَلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪو بيهي ٿو ڪارِ جَهلي
۽ نوٽَ ڪڍي ٿو ڪيسي مان،
وهنوار ڪري ٿو تيسِي مان،
ڪجھ ياد نہ هن کي آھ هِتي،
ڪلھ ٻَمرَ ڏني هٿي ٻاھِ هِتي،
ڏِسُ ڪيڏي خلق ڇُلي پئي آ!
ٻوري ٻازار ڪُلي پئي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تو نيٺ ته دنيا بدلائِي
ڇڻُ آهِ ہنهي ۾ ڪير وَڏو
تون يا سچ اڙي گئليلو*؟
مون ڳالهه ڳجهارت ۾ ڳائِي
کهن ڪيئن ڇيو، ڪنهن ڪيئن ڇيو؟
پر پيڇٽي آهِ سُياڻي وَتِ،
پر ڳِروي آهي تاڻي وَتَ
جا ڏاتِ ڪنهن موکي ويندي،
مون ڳالهه پٺي جا ورجائِي،
سا نيٺ حقيقت ٿي ويندي.

---

* گئليلو=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تنها، تنها، تنها
جيئن برهمر پُترا آ تنها
ناريلَ هيا يا اُن تي نارين تَڙَ هيا
ڪجھ سوپارين جا وَڻَ هُيا،
يا ڳوٺَ ڪناري تي، جن ۾
ڳوڏول* هِئي ۽ ڏَڻَ هيا،
تن مان وئي تـي نديا تنها؛
دور هماليہ مان نڪتي هئي
جئن هوءَ ڀِهريون ڀيرو تنها
جنهن جاءِ اُها تـِي چوڙ ڪري
۽ آهي پوريون ڀيرو تنها
تيسين ناهي ڪنهن ناپُر ۾
چُپِ نہ آ تنهنجِي چُرپُر ۾
پيدا تـي ناپيد ٿئي هِي
ساگر ۾ بہ تہ پيدُ ٿئي تِي،
ماٺھوءَ سُپنا تنها
ڪوبہ نہ ڳڏ آ، تنها
سڀ لئہ سَڏ آ تنها

---

* ڳوڏول= ڳڻُن جي آڏايل ڏوڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنمر مرن جي ڏِسُ، هر ڪنهن لئہ
آهي سايبا تنها
مٽّي تنها
آ چانڊوڪِي چِٽّي تنها
اَمڙ! مُنهنجي
هَر جيوَن جي گِهٽّي تنها
ڪنڊا تنها، آهہ ڦلن جي سيجَ بہ تنها
هيجَ بہ تنها
هنجُون تنها،
نيٺ تہ تون مان آهيون تنها،
آنءُ بہ تنها جئن تُون تنها،
تنها، تنها، تنها!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ننڊ ڇا لاءِ تون
اِيترو وقت منهنجو وڃائين پئي؟
ائن تہ ناهي تہ موتي اُپائين پئي
سانت جي سِپَ ۾!
ائن تہ ناهي ڇُپي ڇپَ ۾
ڪي وَليون تون وڃائين پئي؛
جي ڦُٽي گل ڀهاڙين مَٿان ٽيون پڪيڙي ڇڏن،
چنڊ تارا اُنهن ۾ سهيڙي ڇڏن،
واءُ جي سمنڊ مان
ماڪَ موتي اَسُر لاءِ ميڙي ڇڏن،
سوچ جا ڪوهَ گيڙي ڇڏن
* ڪوسَ تن مان پري پياس وارا پيارين پئي
آس ڪا جيءَ ۾ تون جيارين پئي!
ماڳَ جي ماڳَ ۾
جاڳ ئي جاڳَ آ،
ڀاڳَ جي ڀاڳَ ۾،
جاڳ ئي جاڳَ آ
ننڊ! تون جاڳَ ۾ روز ڳائين پئي؟
وقت پنهنجو سجايو وڃائين پئي؟
رات جي ڪنوار کي
ڀاڪ ميندِيءَ جيان تون لڳائين پئي؟
جاڳَ ۾ راڳَ ڪيئي جڳائين پئي
ماڳَ تن جا وسائين پئي
ننڊَ ڪيئي اُٽي هار پائين پئي
زندگيءَ کي سجائين پئي؟

---

* ڪوس= ڏول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هو پپل جو وڻ ڦُٽي ديوار ۾
شهر جي اَنڌين گهٽين ۾ ڪيئن نہ ڪجھ ڳولي پيو!
ڪير ويو هوُ سڙڪ تان تي ڪارِ ۾؟
مان تہ ٿو ڀانيان تہ ڏامر جو تتل رستو بہ ڪجھ ڦولي پيو!
ڪارخاني آهہ دونهاٽِي هَوا
هِلَ جنهن ڪاٽِي هَوا،
۽ ڪيو رَستو اُفق جي پارَ ڏي،
چڙ پٽي سوچيو اُفق جي پار ڏي
آدميءَ لئہ مان سوين ڇڇڙا ڇڏي، نڪري وڃان!
دُور هن ڪان ايترو اُڏري وڃان
جو وَران ڀيهر نہ ڏرتيءَ ڏانهن مان!
ڊانڊَ جي ڀاري پيو
ڊونڊَ جي ٿاهي پيو ۽ آدمِي ماري پيو،
ڀَل اُنهن کي پاڻ ڪائي،
ڇو اَلائي
ڌر تتيءَ ڪان ڪرِبِ تي مونکي اڇي!
آدميءَ جي زندگيءَ ڪان ڪرب تي مون کي اڇي!
ڏِوءُ صدين جي لاءِ مون کي جنهن ڪرايو آهہ اڄ!
ڀيُ ماٺهوءَ ماس سان ايڏو ڀرايو آهہ اڄ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هِي مَري ويو هُو مري وَيو،
جو ڪنڌهن مرڻو نہ هو مائُو* مري وَيو
۽ اُنهيءَ جي جوءِ ڦاهي تي چڙهِي،
هي پَڙهي تو ڪونہ چاتو آ ايجان!
موت تنهنجي تاڪ ۾ چو آ اَيجان؟
تون بہ آن اُن لئہ گِرهہ
موت اچ تائين نِرهہ
ناهہ لقمي ڪان ڪنڌهن،
هان، ڪنڌهن.
مون پڙو آهي تہ ڪو تائُو** هُيو
موت جنهن کي ڪونہ ماريو آ ايجان!
واتڏ ورجائو هيو
ڪوئي ڪنفيوشس**، اُنهيءَ آ موت کي تاريو آجان!
ڪالهہ ڏهرايو هيو
اُن جو مندر، ڇا چوان مائوءَ جو؟
هو مگر ڏڙڪي پيو
چِينَ جي دل ۾ ايجان!
مان تنهن توکي ميجان
تو ڪنڌهن بندوق سان تائُو اُڏائي جي سگهين!
ڪوئي ڪنفيوشس متائي جي سگهين!

---

* مائو= مائوزي تُنگ
** تائو ۽ ڪنفيوشس= چين جا بہ پيغمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هو توکي ڪونہ ڇڏيندا
تون هاري آنهہ، پروهت آن،
تون شاعر آنهہ صحافي آن.
مزدور اچين تہ تون مِل مان
تون توڙي تن لئہ معافي آن
هو توکي معافي ڏِيندا؟
هو توکي ڪونہ ڇڏيندا-
ڇا لاءِ تہ تون ماٺهو آهين،
ڪٺن بخشيندا تو ڪاريھر،
ڪنهن وقت ڪٿي هو ڪارا ڪَر،
هو توکي نيٺ ڏنگيندا،
هو توکي ڪونہ ڇڏيندا-
جي تو وٽ ڪو 'آلندي'* آ
تون جنهن سان پيار ڪيو آهي
هي توڙي پوءِ ڇِلي ناهي
هو توڏي موٽي ايندا.
هو توکي ڪونہ ڇڏيندا.
هر وردي ساڳي وردي آ
هي ڏرتي ساڳي ڏرتي آ
هر ملڪ هتي جڙ ڇِلّي آ
نَڪِ، نو، نا ساڳي ٿيندا،
هو توکي ڪونہ ڇڏيندا.

*آلندي= چِليءَ جو ڪنهن وقت پريزيڊنٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

نظم جو پائي نقاب ديس کي تو آ ڏنو!

ٻن گهرن جي وچ ۾
جڻ ته آهي ڪا رسي
تون پيو جنهن تان گهمين!
۽ هوا کي ائن چمين،
جڻ ته پاڻيءَ ۾ حباب
سير ۾ ڪِسڪي ويو!

ٻن گهرن جي وچ ۾
ڪارِ ڪا ڪاسائڪي
آدميءَ سان ڪن پيا
بي سبب مارن پيا،
سرُ جئين ڪوئي رباب
اوچتو ترڙڪي پيو!

ٻن گهرن جي وچ ۾
ڪيترا سُر تي وڳا
ساز ڪو گونجيو پئي؟
هاڻ هُل آ بي حساب
ميڙُ ايڏو آ ڪنو!

ٻن گهرن جي وچ ۾
ڪيترا اڄ رَت*۔ جڳا!
تا وجن ڪارا ڪڪر
جَڻ ته اونداها تَڪر،
زندگيءَ لئه اضطراب؛
چند جو ڪنهن کي پتو!

---

* رَت جڳا (هندي)= رات جو ڏينهن تي اوجاڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

اڙي! هيءَ نارِي
پِرهه ڪان ٻه پيارِي
هتي ڪيئن آئي؟
هتي سِڄَّ جي لاڪَ وانگر
هتي ڪيرتـر جي مٿان باڪ وانگر
ٻَڪِي ڪِيئَن هن جي ٻَلائِي؟
ڪٿي اگ مِلي آ
ڪَٿِيءَ جي ڪَڪَر جئن ٽِلي آ؟
اها سونهن اگ جي ڏٽـل آ
اها باڪ ۾ جا ٻنل آ
سُڳَنڌ آهه مُنهنجي ڪڏهن اگ ٻه آ ڳَنڌِ آئي،
جڏهن ٻنڌ آئي
نِمي نِمر مٿانئس پٿي ٻُور اُڇلائِيو،
هوا وارَ هُن جا وِڪيڙي، پٿي جيءُ ٻهلائيو،
اها سڄَّ جي ٽِـڪَّ جهڙي
اها ساهه جي چِـڪَّ جهڙي
لکن ۾ اِها هِـڪَّ جهڙي
ٻهارون لتاڙي،
صبا جيئَن آيِي،
هتي ڪيئن آئي؟
هتي ڪيئن آئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

خبر ناهي تہ ڇو تُون ڪونہ آئينءَ؟
بهارن ڇيو تہ تون ايندينءَ،
هوائن ۾ خمارن ڇيو تہ تون ايندينءَ،
وري ٻيهار ڪَهندينءَ تون، نہ رهندينءَ تون
اکين جي آبشارن ڇيو تہ تون ايندينءَ،
گهٽائون ٿي وئي آهين وري آئي نہ آهين تون،
اڱڻ جٺن ڇانوَ ٿي ڇانئي نہ آهين تون،
ڀلا آڪاس ايڏو آ
پڇان ڪهڙي ستاري کان پَتو تُنهنجو؟
وئينءَ جڻ سمنڊ ۾ ٻيهي
پڇان ڪهڙي ڪناري کان پَتو تُنهنجو،
رڳو هي گيتُ ئي منهنجو سهارو آ
پڇان ٿو ان سهاري کان پتو تُنهنجو،
خبر ناهي ڪٿي آهين؟
خبر ناهي ڪٿي آهين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

متان سمجهين جوانيءَ اَندِ ۾ تون،
تہ توڏي موت اڇٽو ڪونہ آهي!
اها بندوق تنهنجي ڏيهہ ڪي ڏاري تہ سگهندي
مگر ڪنهن وقت تنهنجي موت ڪي ماري نہ سگهندي!
هزارين انقلابي مارجي ويا
اهو تاٽو بہ آيو تارجي ويا
نہ ڇاتو زندگانيءَ اَندَ ۾ تون
تہ تنهنجو موت اڳ يا پوءِ ايندو،
هُجين جنهن لوءِ، ايندو!
اگر اِن ڪي متائي تو سگهين تون
تہ ان جئن انقلاب آهي نہ ڪوئِي
تہ ان وانگر شراب آهي نہ ڪوئِي
اڙي او ميگسارو آ اِها مَيءِ
نہ جنهن جهڙي ڪتي ڪا آهہ ٻي شيءِ
انهيءَ جا گِيت ڳايو!
اِها ئي انت ۾ آ جِيت، ڳايو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مان خواب جيان جَرڪان،
اي سنڌ وري توتي مهتاب جيان جرڪان.
ڪنهن وقت تپي توکي جي آءٌ ڪڏهن لويان
شل لڙڪ ٻه تني پويان
۽ هارَ وجهان توتي!
ڪا سارَ ڏيان توکي
جو وقت ويو گذري توڏانهن وري موٽي
رابيلَ پٽيان ايڏي
جو جَڳَ سُڳنڌون ڏي!
جڻ جِنڊ جُوا ڪيڏِي
بيڪارِ سِڪا کوٽا تو ڪالھ ڳٽيا آهن
جي وقت ڇڏيا ريٽي،
۽ ڪونہ مَٽيا آهن؛
ڪوئي تہ ڇڏي ميٽي
هينئر تہ اَجائي آ،
يا اڄ بہ سَجائِي آ
جا سارَ سميٽِي تو گلدانَ جيان آهي؟
انسان ڪٽي تو وٽ انسان جيان آهي؟
اڳ ڪان بہ بُرو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيوانَ جيان آهي؛
في الحال تہ مان توتي هي ساز پيو ڦوڙيان
پر ڪيئن اُها تـوڙيان
جا ماٺ اجا مَڪليءَ چوڏارِ وِڇائي آ،
جا ماٺِ هوائن ۾ هَر وقت سمائي آ؟
مان هيءَ تہ ڄاڻان تـو
آ ڪا تہ حقيقت جا طوفان جيان آهي!
گهمسان جيان آهي!
ڪيڏيون نہ صديون گهِري تو ننڊ ڪئي آهي
تو اک پٽي ناهي
مان گِهندَ وڄايان تـو
۽ ننڊ ڦٽايان تـو
اي ڪاش تُنـي تنهنجي هي ماٺِ اَزل جهڙي
هي ننڊَ اَجل جهڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

وارَن وَڏن سان،
ايڏن سَڏن سان
تون ڪير آهين؟
تا نيڻ تُنهنجا مون کي پُڪارن
جن جي ميارن
۾ جُڳ آهن،
جيڪي پڇن ٿا، ”سنسارُ سارو،
تو لاءِ ڳولي ڪيڏو ٿَڪس مان،
ڪنهن جاءِ تي هو تُنهنجو پسارو؟
روئِي نهاري تو لِءِ پِنس مان،
تو لاءِ ڏاڍي آتي ٿيس مان
۽ پو ڏِنس مان
تو آهه شايد نرواڻ پاتي!
اَڄ هيءَ جهاتي؟
صورت سڃاتي
مون آهه نَهه پَهه!
ڇو هيئن ٻَهه ٻَهه
ڌرتي ٻَري ها؟
تو لاءِ دل ڇو ڪارُون ڪَري ها؟“
مان اوچتو ٿو توکي سُڃاڻان
۽ هي ٻه ڄاڻان
تون انءُ آهيان
جا مون وڃائي ڪنهن زندگيءَ ۾
ٻيهار پاتي، آهي سُڃاتي
اڄ شاعريءَ ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مون کان منهنجو حال پڇين ٿو؟
زهر اکين ۾ ڪونہ ڏسين ٿو؟
ڪَؤڙيون نظرون، جي جڻ ڪوئي خنجر آهن،
تنهنجو خون پِيَڻ ٿيون چاهِن،
تون جو منهنجو دوست هُئين، پر
هاڻي منهنجو دشمن آهين،
پر پو مان سوچان ٿو، ڇا تون
ان عِزّت جي قابل آهين؟
جو مان توکي دشمن سمجهان؟
پو مان توکان
نظرون ڦيري، مياڻ اندر ٿو خنجر رَکَان،
تون ڪجھ ناهين،
ايءَ سزا تو لئہ ڪافي آ،
ها سچ پچ تون ڪجھ بہ تہ ناهين
بس، تڇ آهين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

صبح هُجي يا راتِ،
مايا ڏائڻ*!
ڏند اُنهيءَ جا وِڄ هُيا جڻ واتِ،
مايا ڏائڻ!
ٽانگر چيو ٽي پره ڦُٽيءَ پرڀاتِ،
”مايا ڏائڻ!“
”ڀؤنر ڀريو ٽي“ هيءَ نہ تنهنجي ذاتِ،
مايا ڏائڻ!
ساٿِ رهي جي توسان تَنهنجي تاتِ،
مايا ڏائڻ!
تو وانگر هئي ساميءَ ساڳي ڏاتِ،
مايا ڏائڻ!
پاسو وٺ تون، گھٽِ گھٽِ اُن جي گھاتِ
مايا ڏائڻ!

* مايا ڏائڻ ڏندري (سامي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

جيءَ اَڪيلي جاتَ
بهتر آهي.
وِه جا پيالا هِي جي ماڻهن ڳاتَ،
جيءَ اَڪيلي جاتَ
بهتر آهي.
توڙي سِر تي وِڄ ڪري ڪَڙڪاتَ،
جيءَ اَڪيلي جاتَ
بهتر آهي.
هر ماڻهوءَ ڪي ڪاريهر جي ڪاتَ،
جيءَ اَڪيلي جاتَ
بهتر آهي.
ڏَنديون ڏورا نيٺ تہ ڏيندا واتَ
جيءَ اَڪيلي جاتَ
بهتر آهي.
لُنءَ لُنءَ جي تون لاتَ،
ٻاهر ڪارِي ٻاتَ،
گهٽَ هجن يا گهاتَ،
جيءَ اَڪيلي جاتَ
بهتر آهي.

◉

ڪاريهر سان کهڙي يارِي
وَچ، وَچ، وَچ!
اُڏِري نيٺ پکيئڙا ويندين
ڪو دم تو لِهِ لُڏندي تارِي،
وَچ، وَچ، وَچ!
کهڙا من جا ميتَ، اَڙي تون
ڊونديندين جي دنيا ساري،
وَچ، وَچ، وَچ!
ڇِتّيءَ ڪُتّيءَ ڦير نہ هتڙا
کهڙي دنيا؟ هي هَتيارِي!
وَچ، وَچ، وَچ!
موتُ اِنهن کان بهتر آهي،
هيڏا پڃرا، هيڏا مارِي!
وَچ، وَچ، وَچ!
ڏوتيءَ جي ڏڏڪار ڏِٻڻ ۾،
چؤڦيرا ڏي ٿي چوڏارِي،
وَچ، وَچ، وَچ!
هو نيرو آڪاش چڱو آ،
مِٽّيءَ کهڙي مِٺا چارِي!
وَچ، وَچ، وَچ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڌرتي ڪيڏي وڏ ڀاڳي هئي
گوگين* جي دنيا ڀاڳي هئي!
ٻونوِچ سَمنڊُ، هوائون، جن ۾ وَڻُ لُڏن ٿا،
سورج مُکيءَ جا پيلا پيلا
ڪيت ٻُڌن ٿا،
رنگ شفق جو ڇانيل آهي،
رانيل آهي
ڌرتي ۽ آڪاس اُتاهُون،
۽ هُو ڪَڪَيُون ڀُوريون ناريون،
ننگيون ساريون،
ڇَڻ ڪي ڳاهون
ڇڻ ته ڳجهارت هِن ڌرتيءَ جي
ڇڻ ڪا ڀارت هِن ڌرتيءَ جي!
ڀئسو ڪونهي
نانءُ نہ آهي
ٿانءُ نہ آهي
پو بہ اُنهيءَ جو بُرش ازل جي رنگن ۾
ڪَهڙن اَنتُ- اُمنگن ۾
آ مدهوش نہ ڇاٽي ٿو!

---

* گوگين= هڪ مغربي مصوّر

ماڻهو هُو تصويرن ۾
ڪيڏو دور اُماڻي ٿو
هن ڌرتيءَ کي واڻي ٿو
چانڊوڪيءَ جي تندُن سان
جڻ ته خدا وانگر هُو 'ڪُن' سان
ڪا تخليق بڻائي وينو،
هي سنسار سجائي وينو.
اِئن سي هُن کي پرتيون آهن،
هي جي هُن جون سرتيون آهن
هن جون تصويرون پڻ آهن
۽ جڻ تقديرون پڻ آهن.
ڪانيَل آهي
بيماريءَ کان،
پو به مصوّر چِتَ چِٽي ٿو
پنهنجي من جا مِتَ چِٽي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون وَئينءَ جئن ڪونج ڪينٽيءَ تي اُڏامي
ڏيکُ پنهنجو ڪونہ ڏِئي،
۽ شفق ۾ گمُ ٿِئي،
رات اونداهيءَ ۾ تارا آگَريون پنهنجون وڌائي
جا ڇَڏن مون کان ڇُپائي،
ڇا هوائن کان لِڪي تو
هُبَ ڪا ايندي ڏِٺي آ؟
۽ ڇُپي سا گُلَ جو سينو ڇڏي ويندي ڏِٺي آ؟
جي سُگند آهين تہ پو تون ڦهلندينءَ
ڪٿن اَڪيلو ٿَهلندينءَ؟
واسَ کي واري نہ سگهندينءَ، ڪيترو ڇُپندينءَ تون؟
جيترو ڇُپيندينءَ تون
اوترو پڌرو ڪندينءَ تون پاڻ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اهو تون نہ ڄاڻين
ستارا بہ شعلا ٿين ٿا
نہ ئي تون سڃاڻين
تہ اهڙا بہ لمحا ٿين ٿا
جڏهن چنڊ آ تاجَ وانگر،
جڏهن شاعري شاهزادي لڳي ٿي،
جڏهن ساهہُ سوراج وانگر
ائين آهہ آزاد، آڪاڙ جُون جئن هوائون،
جڏهن لفظ ٻڻجي خُدائون
نيون ڪائناتون اکين کي ڏِين ٿا،
تڏهن حسن لئي هو ثباتون ٿين ٿا،
جڏهن هو پِيَن ٿا
اُهي جام جي بادلن ڪونہ پيتا،
جڏهن هُو وَسَيا ٿي سَلن ڪونہ پيتا،
اَڃا شاعري مَٽِي نرالي پيئي ٿي،
ازل جي صراحي اڃا ڪانہ ٿي آهہ خالي، پيئي ٿي،
انهيءَ کان وڏي ڪيپَ ٻي آهِ ڪهڙي؟
اها شاعري جيتَ جَهڙي
نہ هر ڪنهن مِلي ٿي
ائين آهہ توڙي صدين کان ٽِلي ٿي
سُويمبَر ڪنهِين وقت ورلي ڪري ٿي،
وِڄِهي قول- مالا اُنهيءَ ڏي وَري ٿي
وڏو آهہ سنسار جنهن جهولَ پنهنجي،
گهٽائون سمايُون رَهيون ٻَولَ جنهنجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون نيٺ ايندينءَ
دل جي گواهي ڪيڏي سچي آ!
ڪنهن هيئن دَر تي ٺَڪ ٺَڪ ڪئي آ؟
جَڻ چَنڊُ آيو
منهنجي اڱڻ ۾!
جڻ آسَ وَڻ ۾
ڦل ڪيترائي جاڳي لُڏن ٿا!
جڻ مَن۔ نديءَ ۾ آ ورِ آئي،
۽ عمر ساري آهي سَجائِي!
هي ڪير اِئي؟
ڇا هي پڇان مان
”تو دير ڇو ڪئي؟“
هو رات جي رَئي
ڪيئي ستارا آڪاش نيلي ۾ جي ٻڏن ٿا،
جڻ باک ٿي وَئي
ڪيڏا پره جا
پَنڇِي هوا ۾ ٿا ڇهڇهائن
۽ گيت ڳائن
سيني ڇُپائن
ڇا ڇا صدين جا، سُپنا صدين جا!
مون عمر ساري، جاڳي گذاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَڏهن عڪس تُنهن جا من- آرسيءَ ۾
وَر وَر پيا ٿي!
جڏهن نيڻَ مُنهنجا آتا لڳا ٿي
۽ پوءِ تڪجي
هو تاڪَ پنهنجا پُوري سُتا ٿي؛
تو اوچتو ڪئي
دستڪ انهن تي
۽ چنڊ آيو منهنجي اڱڻ ۾؛
جڏهن باڪ- وَڻ ۾
ميوو لڌي تو
جو من چُني تو؛
آدم حوا جي تقدير وانگر؛
۽ پَنَ ڪوئِي انجيرَ وانگر
ڪا شيءِ ڏِڪي تو
ڪيڏو ڏُکي تو
جنهن وقت اُن تي جڏهن هِيرَ وانگر
ڪو پيار جُهلڪو
ڪنهن تيرَ وانگر
ڪوئي سَچي تو!
بي چئن تي من ڪنهنجي ميجي تو؟
ڪنهن جي ميجي تو؟

◉

هي مَنڍ گهاٽو ٽون جو پٽين ٿو،
تنهنجي چُڪيءَ سان ڪيئي مَتارا
گهوماٽِجَن ٿا،
۽ ڪاٽجن ٿا
جڻ ڪو وسيهر ٽِن تي وَري ٿو
جو جو مَري ٿو
اُن جي امرتا آهي وَٽِيءَ ۾
تنهنجي گهٽيءَ ۾
ڪيڏا ازل جا اسرار آهن!
۽ يار آهن
جن راز ڄاتا ۽ تو سڃاتا
مخلوق کان جي روپوش آهن!
ٿا چاهه چاهِن
جيڪي اُنهيءَ جا،
جنهن اَچيو آ، سنسار سِرجِي
جٺن شام ٽٺي ٽِپي
ٿا ناٺوَ تَنهنجي هُو روز پيٺَن،
۽ اِيٺَن جِيٺَن
جڻ موت تَن لئه
ڪائي حقيقت ٽِيٺو نه آهي،
جڻ موت حيرت ٽيٺو نه آهي
۽ زندگيءَ ۾ حسرت نه آهي،
پوري نه ٽيٺي آهي حياتي
جنهنجي بظاهر هر بي ثباتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڪوڙ آهي
چاهي نہ چاهي
ماٺو نہ مَرندو، ٻيهار وَرندو!
تُنهنجيءَ گهٽيءَ ۾
جنهن جي مٽيءَ ۾
ڪوئي اثر آ، اڪثير وانگر
۽ ڪنڊ ڪيڏا اُن ۾ ڪُڏن ٿا
جڻ گل لُڏن ٿا.
اُن هير ۾ جا آهي بَسنتِي،
ماٺو سرشتو ڪو ناهه تَنتِي
هو روح آهي،
سو ڪوه آهي
سَو ڪوسَ جيڪو ڪن ۾ ٻَري ٿو
۽ ائن ٻَري ٿو
جئن مَڏ ماتي
وَت ڳَتُ ڳاتي
لاهي چِڏي ٿو،
۽ راز ڪولي آزادگيءَ جا،
تُنهنجي خوشيءَ جا،
۽ تنهن دريءَ جا
جنهن مان هوا جا جُهلڪا اَچن ٿا،
۽ سَمندُ جا اِئن ڇُلڪا اچن ٿا.
آهي سمايل
اندر لِڪايَل
جڻ سمنڊ تو ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هر وقت تُنهنجي هيڪار آهيان
مان سارَ آهيان
سارِين گهڙين جي جيڪي گذاريون
تنهنجَن چپَن ۾
اهڙن ڏڳن ۾
جن تي هلي تون آن واءُ وانگر!
تو ڪاڻ آڳر
ڪيڏو سِڪي تو؟
۽ چَندَ هُرڪُر
آ رات سارِي
لهندي اِتي ئي تُنهنجي سُواري!
تو لئہ ڪُمارِي
هي وَڻ جيڪو اُن ۾ ڪَڙو آ
تاڙيون وڄائي تو آجيان ۾؟
شايد ٻَريان ۾
جو ڏُنڌ اهي، جو صاف ناهي
اُن مَنجھ تُنهنجي ڏولِي اچي ٿي
ڇڻ واءُ ۾ ڪا چولِي اچي ٿي
تُنهنجي تہ آ، جا ٻولِي اچي ٿي
ڏولِي اچي ٿي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سمجهان تہ تو مان،
جي رات ايندي توکي سڏيندي،
تون ڪونہ ايندينءَ، تون ڪونہ ايندينءَ!
چاهيان تہ تو مان،
ائن باک نڪري
لوئيءَ مٿان ٿي جئن لاک نڪري،
جنهن وقت ايندينءَ ڳالهيون تہ ٿينديون،
رابيل ڦٽندي هيرون تہ ايندون
۽ دور وينديون،
تنهنجون سڳنڌون،
واسي ڇڏينديون وَستِي سَمورِي،
ٿي واءُ ورکا مَستي سَمورِي
چوڌار نينديون،
تُنهنجَن ڳلن جون
ڳالهيون تہ ٿينديون!
ڪنهن کي جهلينديءَ؟
ڪنهن کي پلينديءَ؟
سرتيون سَلينديون ڳالهيون تہ ٿينديون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سورج مکيءَ جي پيلن گلن سان
هُو کيتَ۔ کورا ڪيڏو ٻـَرن ٿا،
پوپٽ اُنهن تي شعلا لڳن ٿا.
ڪا وَهڪ آهي، جنهن تي تَرن ٿا
تـو سِجَ هُنَ ڏي وَر وَر چتائي
هِي ڪيرُ آهي سورج مُکيءَ جئن؟
دونهينءَ دُکيءَ جئن؟
شُعلا بہ آهي، دونهون بہ آهي،
سُونهون بہ آهي.
اِن سونهَن جو، جا ٻَر ٻَر ٻَري ٿي
سورج مُکيءَ جي پِيلن گلن ۾!
جاسانجهہ ٿيندي نَہ پهہ ڦَري ٿي
ٻـيهر وَري ٿـي
جا باک نڪتي جا سِجَ اُڀري
تنهن نِجَّ، اُڀري
جو سِجَ ۾ آ!
جو سونهن ۾ آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

چاڻي نہ ڄاڻي
تو گيت آڻي
اِسرار تُنهنجا

ماڻي نہ ماڻي
هُو پريت تنهنجي
هُو پيار تُنهنجا!

واڻي نہ واڻي
اوجهاڻ تُنهنجا
۽ چارَ تنهنجا!

پر تو سُڃاڻي
اَشجار جيڪي
اشعار تنهنجا!

۽ تو لَسائي
هو وارَ تُنهنجا!
سنسارَ تُنهنجا!
سنسارَ تُنهنجا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪيڏو تہ اڏن ٿا ماٺھوئڙا!
ڪنھن وقت لڏن ٿا ماٺھوئڙا!
تون ڇا آھين؟
تو لاءِ گھڙي جا ٽيءِ آھي
سا ٽيءِ آھي،
تو لاءِ مداوا ٽيءِ آھي،
جيڪي اڳتي آ ٽيءِ آھي،
ھي ساري دنيا ٽيءِ آھي.
جا شيءِ آھي،
سا ٽيءِ آھي.
جا ميءِ آھي،
جنھن ساڻ خماريل آ ماٺھو،
۽ اُن تي واريل آ ماٺھو،
تنھن وقت سندس جا ڪيءِ آھي،
سا ٽيءِ آھي،
۽ ھيءُ بہ ٽيءِ آھي تہ ڪڏھن
ھي جَڳَ ڇڏن ٿا ماٺھوئڙا
ھر وقت لڏن ٿا ماٺھوئڙا!
تون ڇا آھين؟
تون ڇا آھين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ننڊ ڪيڏي ٿِي اڃي
ٽڪَ ۾ مُنهنجا ڇِپر ائن ٿا جُهڪن
جيئَن ڪوُ نيٽ ٿا جُهڪن طوفان ۾!
نيڻ منهنجا ٿا ڏِڪن
جاءِ ڪنهن سنسان ۾،
۽ پڙاڏا ٿا ٻُرن
رات جو گُنبذ ڏرائي ٿو پيو،
چند تارا، سڀ لڪائي ٿو پيو،
ڪيترا فانوس ها انسان ۾!
سڀ گهڙيءَ لئه ڪو وِسائي ٿو ڇڏي،
موت ۾ هر شيءِ ڇُپائي ٿو ڇڏي،
موت جيڪا ننڊ آهه جا، باک جو ويندِي ٽُٽِي،
باکِ ڪا ويساک جِي
جاڳ- اوسيئڙو ڪَري
کوهه تي پيئي پري
مارئيءَ وانگر گهڙا،
زندگيءَ جا بي وَڙا
پَل وساري تي ڇڏي
ڏينهن کو ٻيهر اُياري تي ڇڏي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

دود ساگر* لاءِ ڪو ماپو به آ؟
يا ڪڏهن نايا گرا**
ڪنهن سَمايو آهه بوتل ۾ پَلا؟
اِيئن منهنجيءَ شاعريءَ کي ڏس نه تون
زندگيءَ کي ڏس نه تون
زندگي جنهنجي نه آ ڪا ابتدا،
۽ نه ڪائي انتها،
ڪئن اُنهيءَ کي سمجھ ۾ پنهنجي سَمائي تو سگھين!
شاعريءَ کي ڪيئَن پائي تو سگھين!
تو اڙي نقّاد! ايڏي وَهڪري مان
آ پريو هڪ ٻڪ اچان!
پي ڏٺو آ ڍُڪ اچان
ڪيستائين جَر وچي تو دور ڏُور
تون ڏِسي سگھندين نه مُور!

* دود ساگر= گوا مان وَهندڙ آبشار
** نايا گرا= آمريڪا جو آبشار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

چاهَ ۾ ڪو چاهُ ڪونهي
ساهُ منهنجو ساهُ ڪونهي!
پاڻَ سان سڀ ڪجهه ڪٽي وَئينءَ
پو بہ دل سائيءَ چپر تي
تـي چوي ليٽـي پوان
ءِ مَتي وَڻ ۾ پرندي کي چوان،
”تو ڪڏهن هُن کي ڏٺو آ؟
”هوءَ جا رابيل جئن آ؟
”گيت تو هُن تي چَيو آ،
”گيت مون جئن تون چئي سگهندو تہ آهين
”پيار ۾ سڀ ڪجهه ڏئي سگهندو تہ آهين؟“
واءُ ڪان جيڪر پُڇان
”هو سُڳند يا وار هُن جا رات جي راڻيءَ جيان
”واسُ تِن جو تو جڏهن ڦهلائِيو؟
پيار ڪو توکي بہ هُن تي آئِيو؟“
ها مگر سو واءُ ڪونهي
جو گهليو پَر سال هو هِت،
ها اُتي پر سال وارو گاهُ ڪونهي
آنءُ وينو آهيان جِت
هوءَ ساڳي ڪيئن هوندي؟
هوءَ ساڳي ڪيئن هوندي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سِرَ لُٽدين شهسوارَ
کيستائين ، کيستائين !
ڏرُ لتاڙيندِي پٽي تنهنجي ڏکارَ؟
کيستائين ، کيستائين !
کيستائين موت جي وڄندِي سِتار؟
کيستائين ، کيستائين !
اِن مٿان مضراب جا هر وقت وار؟
کيستائين ، کيستائين !
زندگانيءَ جو جبو هِئن تارَ تارَ
کيستائين ، کيستائين !
رتّ جا ريلا وهن جٿن آبشارَ
کيستائين ، کيستائين !
ڪونہ ٻُڌبي آدميّت جي پُڪارَ؟
کيستائين ، کيستائين !
اي خدا! هن خلق کي تون مَتّ ڏي
هر ڪنهين کي ڇَتِ ڏي!
هر ڪَهين کي ڇَت ڏي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تو اچي طوفان وانگر، ڪجھ ٻُڌين تو؟
ڏُور تان گهمسان وانگر ڪجھ ٻُڌين تو؟
ڪيئن چئجي سَنڪ ڪنهنجا تا وڃَن!
قافلا ڪهڙا اَچن؟
ڏوڙ ايڏي آ اُتي جَڻ سِجَ جيڏِي آ اتي!
ڇا ڏٺو زندان وانگر، ڪجھ ٻڌين تو؟
ڏِس در و ديوار ڦَھ ڦَھ ڪَن پَيا،
ڪير تِي آزادُ ٺَھ ٺَھ ڪَن پيا،
اوچتي امڪان وانگر، ڪجھ ٻڌين تو؟
ڇا گهٽا گهنگهور تي ڪائي اَچي؟
جڻ تہ زوران زورِ تي ڪائي اچي،
ڇا هوا ۾ ڪان وانگر، ڪجھ ٻڌين تو؟
هِيءَ زخمي زندگي تِي ڪنهن وَٽي!
موتُ ڪنهن تي هيئَن مرهم تو هَٽي؟
درد جي در مان وانگر، ڪجھ ٻڌين تو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

پيار جي ڪا مُندَ ناهي،
پيار لئہ برسات ڪا ناهي ضروري
رات ڪا ناهي ضروري؛
هي جڏهن چاهي ڪِرَڻي
توڪڏهن جُهڙ ۾ ترِڻي،
هيءُ ڪو سورج مکي ناهي تہ اُن لئہ سِجَ گهرجي!
۽ نہ اُن لئہ ٻِجُ گهرجي،
اوچتو من ۾ ڦٽي تو گُل جيان
اوچتو ڪنهن پُل جيان
ٿي وڃي ٿو-
ايترو اَمرت تڏهن هُو پِي وڃي ٿو
ڪاٻہ هن کي وِهہ وِهاڻي ڪا نہ ٿِي،
ڪا جُدائي پوءِ ڪاٽي ڪانہ ٿِي.
پيارَ ۾ ڪا شيءِ ٻہ واٽي ڪانہ ٿِي
وِکَ وڌندي ٿِي رهي
۽ اُنهيءَ جي ٽِڪَ وڌندِي ٿِي رهي،
جيترو رستو وڃي ٿو ڪوٻہ اُن جو موڙ ناهي،
توڙ ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اي محبت! تون تہ جئن گل مهر جو،
اوچتو ئي اوچتو،
وَڻ ڦُٽي پَئي، ايئَن آهين!
ڇا چوان مان ڪِيئَن آهين!
جئن شفق آ شام جو ٿيندِي اِئين
تون بہ دل ۾ آهہ جَڙ ايندي ائين،
رَنگَ جي وركا ڪَندِي
ڪنهن مُصَوّر جي نئين سوداءَ جئن؛
تون اِئين آ ڪَڙڪَندي
وِچَ ۾ ڪائي وراڪا واءَ جئن
۽ اُجالو ٿِي وڃي،
زندگي ڀرپور پيالو ٿي وڃي
۽ نشو اُن کي نرالو ٿِي وڃي
۽ سڄي رنج والم جو جن اِزالو ٿي وڃي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

موت جي منجهدارِ ۾
جيئَن ڀانڊِي ڀارِ ۾ ؛
تئن مِلي وئين ءَ!
تو اِئين تاري ڇڏيو،
مون ٻڏڻ جي ڳالھ ڪي واري ڇڏيو؛
هاڻ وَه ۾ تو وجان توڙي ڪِنارو ڪونہ آهي
تو سوا ٻيو ڪو سهارو ڪونہ آهي
ڪيستائين تو ڪَهان!
ڪيستائين تو ائين وَه ۾ وَهان!
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪيتري ويچارڙي

ننڊ ۾ آ ٻارڙي!

ننڊ جا ڪارا گُلاب

ائن ڇٽي ٻوندا، خَموش!

نيڻ هن جا بند آهن

پر فرشتا تا ڏسن،

ڪي ازل جا دُور رِشتا تا ڏسن،

ننڊَ ڪَچِي تَندُ آهي پَٽَ جِي

جي ڇِڇِي پيئي، تہ اُن ۾ ڪيئَن خوابَ

تون وَري وجهندين جَنابَ!

خواب هن جا پَٽ جا ڳانا تہ ناهِن

جي ڇِنِي پيهار جوڙين،

ننڊ تو هُن جي نهوڙين،

تو اَچي جنهن وقت هوشُ،

دُور ٻارن ڪان فرشتا تا وڃن!

ايترو ڇا لاءِ جوش

بند ڪر آواز پنهنجو، بس، خموش!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

چَنڊَ! تُنهنجو جِهيرڻو*
ننڊ جي ماتِي ولوڙي تو پيو!
آنءُ ڏوڏيءَ جي ڏکيءَ جڳن
تو وَري ٻوٽيان اکيون،
جڻ اِهي تُنهنجون سَکيون،
پينگهه تنهنجي لاءِ ناهي، راهَه تنهنجي ٿيون ڏِسَن،
تون اچين جڳن، تيئَن کو جهوٽو ڏِين
روز سان هُو واءُ مِرِ!
ننڊ منهنجيءَ کي نهوڙي تو پيو،
روپ تُنهنجو بي تِڻو!
چَنڊَ! تنهنجو جهيرڻو
ننڊ جي ماتِي ولوڙي تو پيو،
۽ چِنيي منهنجا چَپر
جَڻ تہ هڪ ٻئي کان وڇوڙي تو پيو،
مَن وَري تو ڏانهن موڙي تو پيو!

---

* جهيرڻو= منڊيڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڄَرڪندِي
۽ شفق جي رنگ ۾ جَهر جَهر ڪندِي
ڪونج جئن ڪَر ڪَر ڪندي
دورُ ڏاڍو دور تان
اوچتو ڪيئنيءَ مٿان
ٿِي لهي،
(ڪيئن چوان ڪيڏانهن ٿي آخر ڪَهي!)
پيار ائن ڪنهن پارَ کان
لوءِ تنهنجي ڏي لَڏي
۽ نہ آڪيرو اَڏي
ائِن اُڏامي ٿو وڃي توکان پَري
ڪَونجَ سان ڪينِي پَري!

◉

موت سان هِي ماسُ مَرندو،
سواسُ مرندو،
سارَ تنهنجي ائن چُپي ويندِي مگر.
يا اجا پِي يادگيريون ڪيتريون
جيئن پاڻيءَ ۾ مڇيون
جي تَري تائين وَڃن،
سجَ جا يا چنڊ جا
ترورا تِن تي سَڃن
تيرَ پنهنجا، ناهه ممڪن!
ها مگر هي آهه ممڪن
ڪوئي ماڻهوءَ مَن- تَلاءُ
ڏيک تِن جي ڏي ڪڏهن
جيڪڏهن
ڪو چوي مان هِي هُيس
۽ چَوي هُو پَڪَ سان!
تون فقط ڏسجانءِ هن ڪي ردَّ بدران شَڪَ سان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

رات ۾ آهي ڄڻي راڪاس جي
هي اُماڙِي آهه جا اتهاس جي
باهه تِي ٻرڪي متان!
تون تہ ٻڪياڙيءَ سان اجان
تو ٻَرَڙ ٻرڪائيِن!
اِئن پيو سمجهين تہ تو ٽِرڪائئين
ٽَنبَ توڙي ٽوٽيون،
ڪيتريون ئي جوٽيون
هو هيا ترسي پيا،
نيٺ جو بَرسِي پيا
چؤ طرف ڪاريون گهٽائون ٿي ويون،
بند ايڏو سڀ گُھٽائون ٿي ويون
تون نٿو نڪري سگهين
جيءُ، پر جي جِي سگهين!

◉

ڪڏهن ڪنهن سِير ۾ آهين، ڪڏهن ڪنهن سِير ۾ آهين،
اجا ٻيڙي پيو ڪاهِين!
ڪڏهن منصور سوريءَ تي، ڪڏهن سقراط تي دانهِين!
ڪڏهن دارا جيان سِر ڏين، ڪڏهن سرمد مٿان باهِين!
هزارين روپ ها تنهنجا، ڪڏهن ٿاهين، ڪڏهن ڍاهين
هزارين چاه تو چاهين!
برائيءَ ۾ چڱائيءَ ۾ ڪڏهن لائي نه چائيءَ ۾،
ازل کان تون اِئين آهين.
ڪڏهن ڪنڪر پيو ڪاتين، ڪڏهن رستا پيو ڪوٽين،
ڪڏهن گمراهه تي موٽِين.
ڪڏهن پوپون گَرَم آهين، ڪڏهن اُن کان نِرمَ آهين،
صليبون تو ڪڏهن ڪِهلين ڪڏهن تلوار سان اُپري،
نئين ڪا جنگ تو جوٽين.
ڪڏهن سنگيت جي تاريخ آهين تون، ڪڏهن ڪا چيخ آهين تون،
ڪَڙو آهين، مِٺو آهين آهين، مگر تون ڪنهن ڏٺو آهين؟
نه جيڪو ڪنهن ڪنهن پڙهيو آهي، ڪڏهن ڪِئن راڳُ
جوڙِين تو
ڪڏهن ڪِئن واڳَ موڙين تو، ڪڏهن ڪِئن واڳ موڙين تو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدائين روہ روڙين ٿو، سدائين واٽ ووڙين ٿو
هلي ٿو سلسلو تُنهنجو، ملي ٿو انت ڪو تُنهنجو؟
ڏٺو هر فلسفو تُنهنجو نہ آهي ڪو پتو تُنهنجو؟
سڄي سنسار کي سَو وار ٿو ٿاهين، وَري ڍاهين.
ڪِناري تي اچا مَس ٿو پُڄين، ٻيهار ٿوڪاهين.
عدم ٿو لاءِ ڇڻ ڪوئي قدم آهي عدم ڇاهي؟
ڪڏهن هي ڇاھ ٿو ڇاهين ڪڏهن هو ڇاہ ٿو ڇاهين!
وري ٿو رنگ ۾ رَنگين ڪڏهن تون 'ناھ' ۾ ناهين
ڪڏهن ٿو توہ ڪان ٿاهين
اچا ٻيڙي پيو ڪاهين
اچان ٻيڙي پيو ڪاهين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

پيار تي ڪهڙي ميارَ
پيارُ ڪنهن جي وَسَ ناهي.
"رنگُ؟ ڪهڙو؟ رَنگُ ڪنهنجو؟
سَنگُ؟ ڪهڙو؟ سَنگُ ڪنهنجو؟"
پــو بــہ گل جي هيءَ سارَ!
چــو چَـڏِي آهــي بــهــارَ؟
پيارُ ڪنهن جي وَسَ ناهي.
هي ڦُڙيون برسات جُـون
رات گڏجي ٿـي وسـيـون
نيٺ ٿـينديون ڌارَ ڌارَ،
سِجَ کي رَهندِي نہ سارَ.
پيارُ ڪنهن جي وَسَ ناهي.
رات جو تارا ڏِسن ٿا
پيار ۾ پيارا ڏِسن ٿا
پو بہ هر ڪنهن پَنڌ پنهنجو؟
ڪنهن ڪنيو سَوڳنڌ ڪنهنجو؟
پــر ڇــيــو ٿــي انــتــظــارَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارُ ڪنهن جي وَسَ ناهي.

پيارَ جو ڪو گسُ ناهي
ڏسَ هُن جو ڏسَ ناهي
پَر گهڙيءَ جي لاءِ ساهي
ويو پرندو، ڪونه آهي!
پَل ٽِڙي ڪيڏو ٻه تارَ،
پيارُ ڪنهن جي وَسَ ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تو ڀڏي آهي؟ لِڪَلِ آ گِهنڊَ ۾ ڪيڏِي پُڪارَ!
بَسِ ڇِهڻ جِي دير آهي؛
جيڪڏهن ڪوئي بہ چاهي
هُو وَسائي آبشارَ
آ مِٺي آواز کي ڪيڏِي نہ لارَ!
ڪو پروهت ناهه يارَ
جوڪَتين تائين وڃي اُن جي اُڏار!
هي اَڪيلو گهنڊ آهي، نِنڊ جا جنهن تي خمارَ
ڪَنڌُ هُن جو تا جُهڪائن،
سانتِ کي اُن ۾ سَمائن
تو ڏٺي آهي، سُتل آ نِنڊَ ۾ ڪيڏِي پُڪار؟
گِهنڊَ ۾ ڪيڏِي پُڪارَ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اڄ تہ در پردا لڏن تا
پو بہ ڪوئي ڪونہ آهي
بس، هوا آ!
وَڻ ٻنيرڪي جو ڦُتن تا
هُو مگر آيو نہ آهي
ڇا صبا آ؟
ياد جا هي گُل ڇَڻي ويندا جڏهن
ٿابتي ڪهڙي تڏهن،
هي لُڏيا ها!
واءُ ۾ ڪيڏو ڪُڏيا ها!
پر اُهو هَٿ جو اَچِي تن کي پَٽي،
۽ سَندن خوشبو جَهٽي
ڪونہ آيو!
ڪونہ آيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون هزارين شعر آهين
آنءُ ڪهڙو چوندئين!
جو ڇِني جڳ کي ڏِيان
جيئَن ڪو سُرهو گلابُ؟
ڪوئي خوابُ؟
تون هزارين شعر آهين
جئن ندي تي وقت جي تا ترمرائن ترورا
چنڊ جا،
زندگانِي جئن رواني ءَ ۾ حُبابُ،
رات جئن ڪوئي ربابُ؟
گيت ڇيڙي اَڻ ڳِٺيا،
ڪيترو مونکي وَڻيا
وارَ تنهنجا
سونهَن جا سنسارَ تنهنجا،
۽ مُهاندا مُنهن انڌيري ۾ پره جا پارَ تنهنجا،
وقت سان وهنوار تُنهنجا
ڪيترو آسان ها!
وقت جئن ڪِشتي وجي ڪا تِيرَ جئن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون لڳينءَ تي نيرَ جئن؛
پوءِ ڪنهن تقديرَ جئن
آ ڇڄگو ناتو ِاهو،
ناهَ پاراتو ِاهو
تون جدائيءَ ۾ بہ ڪيئي شعر آهين!
بي وفائيءَ ۾ بہ ڪيئي شعر آهين!
سَچ تہ تُنهنجي ويجهڙائي
آشنائِي-
شعر سان اُن جي رقابت تِي تِئي؛
پر جڏهن دوري حقيقت تِي تِئي؛
تون يلي چاهين نہ چاهين
مون اڳيان آهين ڪِ ناهين
تون هزارين شعر آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

جو رڪي ڏيئو وئينءَ
تـو اجا تائين ٻَري!
وَٽ اگ جئن تـي جَلي
۽ پتنگا تـا اَچن،
جَنڊ ٻيءَ جي ڇارَ ۾
تـا مچين وانگر نَچن!
ڪيئن چئجي هو ٻَچن
يا مَرن مُرڪي ڪَري!
تـو اجا تائين ٻَري،
تون پپل جي ٿُڙ اڳيان
جو رڪي ڏيئو وئينءَ.
سو وساڻو ڪونہ آ،
تو ٻري انسان ۾
جو وساڻو ڪونہ آ؟
ڪجھ تہ آ اِن جوت ۾
جو اُجهامي ئي نہ ٿِي!
واءُ ڪيڏا وَس ڪيا
پوبہ ڪامي ئي نہ ٿـي!
آنءُ پانيان تو سوا
ڪانہ ٿـي منهنجي سري،
تـو اجا تائين ٻَري
تون پپل جي ٿُڙ اڳيان
جو رڪي ڏيئو وئينءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

زندگيءَ کي ڇهڪ ڏيئي،
موت بينوٿهڪ ڏي!
ريشمي خيمو اِئين چيري ڪَري
پيرَ ٿو پنتي پَري؛
سِجَ جئن چاقو سندس چمڪي پيو،
موت ناهي رات، جو
اوچتو اونده ٿئي؛
موت توکي ٿو ڏِئي
سوجهرو ئي سوجهرو.
اَنتُ جنهنجو ڪونہ آهي.
جندڙيءَ جو ڏوجهرو
ختم ٿي ٿو، ڪونہ آهي.
موت مصريءَ تڙ تہ ناهي
پوبہ ڪَؤڙو ڪونہ آهي
ٻاهران وِهُ ٿو لڳي، پر
وِهُ. وِلوڙو ڪونہ آهي،
جڻ تہ ڪو رابيل جو گُل
منهن- انڌيري مهڪ ڏي،
موت بينو ٿهڪ ڏي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اڄ سَرءُ جي مُندَ ۾
تني جواني ياد آئي،
پيار جي پهرين نشاني ياد آئي.
تو ڇُمِي ڏيئي ڇيو هو:
"آنءُ تنهنجي آهيان
ڪنهن ٻي جي ناهيان"
اوچتو سڀ زندگاني ياد آئي،
عمر فاني ياد آئي؛
چنڊ هن گل مهر ڪان
رات جو ٽين پهر سان
آ وَيو ڪيڏو پَري،
پيار جون ڳالهيون ڪَري؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڇڻ تہ ڪنهن بادل ڀنيان تو هُو وڃي
ڪيترو اڳتي اجان تو هو وڃي!
لهر هُن کي جٹن ڇَڏي درياهہ ۾
آهہ اڳتي ڪاهہَ ۾
ڇڻ تہ اُن کي جَنگ آ ڪا جيتڻي،
پريتڻو ڪا شيءِ نہ آهي!
ساز جون تارون ٽٽيون ناهِن اجا
پر اڳي جٹن ليءِ نہ آهي!
آنءُ سمجهو شاعِري
آهہ تُنهنجيءَ جاءِ تي، سارُون ٽٽيون ناهِن اجا!
ڪوٺِ تنهنجيءَ لئہ ڪڏهن ڪارُون کُٽيون ناهِن اجا!
ڇو نہ سمجهو آنءُ هِي
چنڊ ڀي گل مهر کان
نيٺ وسري تو وڃي!
گُل ڇڻن تا واءُ ۾
پيار ۾ ويساهہ وِڪري تو وڃي،
چاهُ نڪري تو وڃي!
ڏِس پرهہ جي هير اُن سان اوچتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ نئون ناتو ڪَيو،
پر اڳين لالاڻِ اُن ۾ ڪانہ ا
ڪاڻِ ان ۾ ڪانہ آ
هيِر جي ايندِي تہ ڇا ويندي تہ ڇا!
منڊَ جا
ڪيترائي پُورَ آهن،
سورُ ڪي ناسُور ناهِن
هيِر آ مرهم جيان،
ڦَٽ ڇُٽائي تي وڃي
سارَ ساريءَ ڪي اُڏائي تي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪيترا گُل هيا
ڪلھ املتاسَ ۾،
ڦوهَ جوڀن جيان
پيار جي پياسَ ۾!
اڄ سَرءُ واءُ ۾
سڀ ڇڻِي ٽاريُون
ڇَنڊَ ڏي ٽيون ڏسن ڪٿڻ نہ ويچاريُون!
ڇمڪٽيون ڇيڄ لئہ هو وڏائن پيون،
۽ اڳين پيار کي آزمائن پيون،
ڇنڊ ويندو رهي ٽو سَرءُ واءُ ۾
ڇيڄَ ڪيڏي نہ ٽو ڪو سَرءُ واءُ ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

اُسَ جو ٽِڙڪو ٻُڌي ٿو
۽ چوي ٿو:
”ڪونهِ آهي.“
هير جو جُهلڪو اَچي ٿو
۽ چوي ٿو:
”ڪونهِ آهي.“
هي پَنا اڏ ۾ لڪِي،
هو ويو ڪاڏي هَلِي،
در مٿان ڪَڙڪو اچي ٿو:
”ڪونهِ آهي.“
ڄڻ تهِ ڪو سَپنو هُيو
رات جو آيو هُيو
جاڳ جو دَڙڪو اچي ٿو
”ڪونهِ آهي!“
هو هليو ويو
ڪونهِ ترسِيو
”ڪونهِ آهي!“
”ڪونهِ آهي!“
”ڪونهِ آهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون انهي رستي مٿان ويندو نہ ڪر،
جنهن مٿان
ڪالھ نانا* تي ويو
تاتنيا ٽوپي** ويو
ڇو تہ ان رستي مٿان
جو ويو موٽيو نہ آ
وقت ٽيو موٽيو نہ آ.
* جيئن جهانسيءَ مان وئي ڪا تيرَ جان
ڪالھ گهوڙي جي مٿان
مون ڏٺو رستي اُرڙ جئن ڪَئي هَلان
وات ڦاڙي جڻ تہ ڪنهن تقدير جان
۽ ٻِرڙيءَ مان هيٺ ٿِرڪائي وَيو
ڪيئَن هُن ڪي نيٺ ڳرڪائي ويو
تون انهيءَ رستي مٿان ويندو نہ ڪر!
زندگي پياري اَٿي
شاعري پياري اَٿي
ڪالھ 'غالبُ' جئن 'ظفر' جي موت تي
ماٺ ۾ هئو جڻ تہ پرَ جي موت تي

---

* نانا، نانا صاحب،
**تاتنيا ٽوپي، جهانسيءَ جي راڻي- ١٨٥٧ع واري بلوي جا اڳواڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون اهو رستو وَٺي
پَنڌ پنهنجي ڪي پُڄائي ٿو سگهين.
پَنڌ ئي سڀ ڪجهه ته آهي
۽ جتي پهچڻو آهي سو هنڌ ئي سڀ ڪجهه ته آهي!
تون مگر ڪِٿ ٿو مَچِين!
تون انهي رستي مٿان ئي ٿو وَڃين
جنهن مٿان
جڙ هوا سان شرط جان
ڪالهه نانا ٿي ويو
تانتيا ٽوپي ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هان تون سڀ ڌنُ دولت ڪَڻُ!
هي هيرا جي سومنات جي هِيرَن وانگر
تِيرن وانگر
تن جي ساري چاهَت ڪڻ!
تن ۾ جي آ راحت، ڪڻ!
سِجُ هزارين هيرا آهي سنڌوءَ تي؛
تِن ڪي ڏي مون لاءِ ڇڏي!
سون شفق ۾ ايڏو آهي
جڻ تہ هماليہ جيڏو آهي
مان شاعر هان، مون جئڻ شاهوڪار نہ ڪوئي،
هي سارو سنسارَ نہ ڪوئي
مون جئن ڪٿندو!
مون کي وَٽندو
جو گل آهي، ڏس سو سوني ڪانِ تہ آهي!
مون کي ڪائي ڪانِ نہ آهي.
هان، تون سارِي شهرت ڪڻ!
پنهنجي لاءِ حڪومت ڪڻ!
مان هي سارا سِڪا ڪوتا تنهنجي لاءِ ڇڏيان ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي پاڻيءَ تي سارا ڦوٽا تُنهنجي لاءِ ڇڏيان ٿو،
مون لِئہ هي پَهراڻ هوا جو ڪافي آهي
مون لِئہ هيءَ تلافي آهي
ڪپڙا، لٽا، عِزّت ڪڻ!
سج لٽي جا لعل وگوهر تون مَتِ ڪڻ!
ڪِڻَ لئہ ڪَڻ!
سڀ ڪي وَڻ!
اڄ هر ڪنهن جي حسرت ڪَڻُ!
ڪَڻ! تون سڀ ڏن دلوت ڪَڻُ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊛

مان پٽائي ڪونہ آهيان
مان پٽائي جي ٽيان،
’آنءُ‘ تو لئہ ڪيئَن ٿيندس؟
ڪو نرالو نانءُ تو لئہ ڪِيئَن ٿيندس؟
تون متان ڀانئين تہ آ موڪي مُئي،
آنءُ جونو ٿانءُ تو لئہ ڪِيئَن ٿيندس؟
آنءُ ساڳي ذات ناهيان
آنءُ ساڳيو ڏانءُ تو لئہ ڪيئَن ٿيندس؟
مان بہ ڪينجهر جو هندورو ٿي سگهان ٿو
پو بہ ساڳو هانءُ تو لئہ ڪيئَن ٿيندس؟
آ سندم نوري نئين
۽ نئون مُنهنجو تَماچي تَڙ ڏِٺي،
شاعري پُوري نئين،
ڄاڻ مون لئہ جا ڄِٽي؛
تو هلي ڪَرهو سندم
ڪاڪِ پيرن ۾ ڪُٺي!
آنءُ پنهنجو ’ڀاڻ‘ آهيان،
اوچتو اُهڃاڻ آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

دوستي ڪجھ نہ آ
عاشقي ڪجھ نہ آ
زندگي ڪجھ نہ آ
شاعري؟
ڪئن چوان شاعري ڪُجھ نہ آ!
جو تہ اُن سوا،
ڪا بہ معنيٰ نہ آ
ڪنهن بہ جنسار ڪي،
۽ نہ سنسار ڪي
جو سدائين هَلي ٿو پيو،
اَنت تائين هلي ٿو پيو،
مان نہ هوندس تہ هو چنڊُ ڳولا ڇَڏي ڪاڻ ڏيندو،
چانڊنيءَ جا ڇِڪيندو
جڏهن ڄارَ مون لئہِ
سوين ڦاسندا ڳُجَھ اوجهاڙ ۾،
۽ انهيءَ ڄارَ ۾
ڪيتري سارَ مون لئہ
پَئي گِيتَ ٽيندي،
سدائين سڏيندي،
پئي چنڊَ ڪي،
مَنڊَ ڪي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کِئَن چَئِين ٿو ڪجهه ٻه ناهي
ٿو ڏٺو آڪاس ۾ پيهِي نہ آهي،
ٿو اُڌارَ آهي، پَوَنر جيهي نہ آهي
ٿو ڪڏهن ڪوُٽِي ڏٺي آ؟
آ پونر ۾ سِڪَ اُن جِي؟
ٿو ڏٺِي آ تِڪَ اُن جي
ڪنهن پَٻُڻ جي پَن مَٿان؟
مان چوان ٿو ايئَن ماٺهوءَ مَن مٿا
آ سدا گُنجارَ هُن جِي،
سارَ هُن جِي،
نانءُ جنهن جو ڪوبہ ناهي
ٿانءُ جنهن جو ڪوبہ ناهي
نيڻَ نرگس جا پَلي نابِينُ آهن،
پر اُنهيءَ کي هو ڏِسَن ٿا،
هي پَڪي، جن جا نہ پيغمبر نہ جن جا دِينَ آهن،
سي سندس ساراهَ ڪَن ٿا،
۽ گُهلن ٿيون جي هوائون
هو مَنجهن جهونگارجي ٿو،
۽ اَچن ٿيون جي گهٽائون
مِينهُن ٿي اِظهارِ جي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورت نيڻَ ٽئي ٽو،
۽ وڇوڙي ويڻَ ٽئي ٽو.
جڻ ستارا ٽي نهاري ٽو پيو،
ڪير آ جو هِيئَن تاڙيءَ ڏول مان
تاڙ جي وڻ مان ڪڏهن توکي پڪاري ٽو پيو،
۽ چوَي: ”نيرو چڪي ڏسُ، آهه جو آڪاس جان
”چاندنيءَ جئَن جو چِڪي ٽو نيٺ ساسيءَ سواسَ **مان**،
آءُ پي ڏس هِي چُڪِي،
جيستائين وقت آهي، تاڙ جو وڻ نيٺ وجھو آ سُڪي!“
چِڏ خوديءَ جو خيال لاهي
پوءِ ڏِس تون ڪئَن چوين ٽو ڪو تہ آهي!
تاڙ جي وڻ ۾ لِڪِي تاڙيون وڄائي
ٽو هوا ۾ گيت ڳائي،
۽ پيو توکي ٻڌائي،
”آنءُ آهيان
”ڪئَن چوين ٽو آنءُ ناهيان؟
”ڪئَن چوين ٽو آنءُ ناهيان؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

چَنڊ تو مون کان پڇيو اڄ واٽَ تي
تون پيو تَڪجي ته ناهين؟
ڏينهن جو ڏاڍيُون ٻَٻُر تي ٻولڙيون ڳيرو ڪَري،
ننڊ جي آهي تَري،
جا اَچِي درياهَ جان هر چيز واري تِي وَجي؛
پَر پَکِي چرڪي اُٿي جئن چاٽَ تي،
چنڊ کي تو مان چوان،
”مان تڪو ناهيان اَجان“
تو ڪڪر مون لئه وِڇائي بسترو،
اُپ ۾ ڪارو ڪَڪو
۽ پُڇي: ”ليٽِي نه پوندين ڪنهن گهٽا جي گهاٽَ تي؟
مان اَسُر جي ماٽَ تي
تو لڪان پيغام تنهنجو
۽ پڄايان تو پَتَن کي،
تون رُڳو روڪي جَتَن کي
جي ڪَرين ڪجهه ننڊ ترسِي، موت جي آغوش ۾!
نيٺ ڪيسين جوش ۾
پنڌ پيرڙيندين اَجان؟
رات آئي آ مٿان
تون پيو تڪجي نه آهين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

وقت ٿورو آهه باقي، آنءُ وڃڻو آهيان،
ڏس سندم ڪارو ڪميت، آهي گهڻا جي رَنگَ وانگر
مان اُنهيءَ اڙٻنگ وانگر
ٿو اُفق ۾ دور تاڻيان،
زندگانيءَ ڪي اُماڻيان
هن نگر کان دورُ دورُ،
۽ اُنهيءَ جي هر گهٽيءَ کان
۽ مِٽيءَ کان
دُور، گهر کان دُور دور،
جو اَتِي پُڇڻو پُڇي وَٽ، آنءُ مَڃڻو ناهيان
وقت ٿورو آهه باقي، آنءُ وڃڻو آهيان.
مون ڪيو آهي اِرادو، هاڻ تاڻو تارِيان، ممڪن نہ آ!
راتِ جو ڪو پهر توسان گهاريان ممڪن نہ آ!
تون پڇين ٿو: "هي سفر ڪنهن جاءِ تي پورو ڪندين؟
"تون سِڌو ويندين؟ ڪِٿي ترسي چَپو چورو ڪندين؟
"ڪِٿ ڪٿي تي يا اَڪَٽ آراهَ تُنهنجي؟
ڪيستائين آهه اِڳتي ڪاهَ تُنهنجي؟
ڇا ڪُميت آخر ٻَڌي وڻ سان ڪَڏهن،
۽ ڏِسي ريدار ڪي ڏَڻ سان ڪڏهن
واڙِ تائين تون ٻہ ويندين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون وَري ڀيهار ايندين.
ڏر تتيءَ تي ڇانوَ ۾ ويهي وَڄائيندين وَرِي
۽ اُهيئي گيت ڳائيندين وَرِي
ڪالهه تو ڳاتا هُيا جي؟
هارَ تو رابيل جا پاتا هُيا جي؟
ڪَنڌُ تنهنجو جَڙ تہ تِن جي لاءِ آتو ٿو رهي!
ڪيئن چئجي هيءُ رستو ڪيستائين ٿو ڪَهي،
ٿاڪَ وچ تي ڪيترا ايندا ضرورُ،
تون وڃي ٿو دُور دُور
ڇا ڪنڌهن موٽي بہ ايندين،
تون اچي ڀيهر سَڏيندين،
ٻاهران مون کي ڪَڙي- کَڙڪاوَ سان،
ڪالهه وانگر ٻاوَ سان!"
پَر وراڻيا آنءُ توکي جيستائين،
تيستائين آهه گهوڙو پَنڌ ۾
تو مٿان مغرور ٻائين آهه گهوڙو پَنڌ ۾،
۽ اُنهيءَ جي واڳ کي روڪي سگهان ٿو ڪونہ مان!
وَسَ ۾ منهنجي نہ آ ڪجهہ، خود وڃان ٿو ڪونہ مان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون اِئين ڪنهنجي نہ آهين،
جئن اتر جي هير ڪنهنجي ڪانہ آ.
پو بہ ڪيئي گل ڦُلاري تِي وَجي
سَوَ سڳندون تِي، ڏُتاري تي وجي.
تون ائين ڪنهنجي نہ آهين،
باڪَ جئن ڪنهن جي نہ آ
پو بہ هُو ڪائي اُفق ۾ آڳ ٻاري تي وجي،
ڪيترا شعلا اُڀاري تي وجي،
سيءَ ۾ جَڻ جِيءَ پنهنجي کي جياري تي وَجي!
مُردنِي جا رات جِي آ، سِجَ سان اُن کي هٽائي تي ڇڏي،
رنگَ بو ۾ دل لڳائي تي ڇڏي،
سَو پرندا ڇهچهائن ٿا پيا،
گِيتَ تنهنجيءَ سونهن جهڙا گنگنائن ٿا پيا.
تون ائين ڪنهن جي نہ آهين،
پو بہ مُنهنجي شاعريءَ جي ٻَڪَ ۾
تون گل و گلزار آهين،
جڻ گلي جو هارُ آهين،
جڻ اُهي ٻانهون وَڏائين تِي پِئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ٻه ٻي ڏي جي وڏايون ڪونه ٿِي؛
ڇَپّ مُنهنجي لاءِ اُڀرن ٿا پيا
جي اڳي ٻي لاءِ اُڀريا ڪونه ها.
ڄڻ گلِ لالا جيان
ٿا ٻَرن ڪنهن باهه سان
زندگيءَ جي رَڳّ ۾
ڇٽنگ تَنهنجي پو وسامِي ٿي وڃي؛
ڪا گهڙِي جَرڪِي پَوي ٿِي نيٺ ڪامِي ٿِي وڃي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

نون ائين دل ۾ ڪِرِي پئين
جئن اُفق ۾ سِجَ جو ڳاڙهو گُلابُ
تو ڪِرِي،
ڦٽَ جِئَن ڪوئي مِرِي
پر اجا ڳاڙهو هُجي،
۽ وَڄائي درد جو دل ۾ رَباب؛
تو جيان ڪوئي ثواب
زندگيءَ ۾ ڪونہ آيو هيل تائين
مون تہ پوکيا گُل گناهَن جا سدائين،
دل چَيو: "هن کي متان ٻين جئن وِڃائين.
"شاعريءَ ۾ سانپ هن کي ڪنهن اَنوکِي مُشڪ جان
"جو تہ تنهنجي لاءِ ڪا هِن وانگيان
"هاڻِ ٻي هرِڻي نہ ايندي،
"ياڻِ ٻي هرِڻي نہ ايندِي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون اگر ٻيهر نہ ايندينءَ،
رات ڀر رابيل تي
ماڪ اڳ جئن پو بہ پوندي،
باک ڇوندي
گيت ڪيئي،
۽ پکي اڳ جئن سپيئي
آجيان منهنجي ڪندا،
سِجَ جي ڳاڙهاڻ کي تنهنجن ڳلن جي ڪاڻ ناهي!
چَنڊ جي چانڊاڻ کي اهڙن پَلن جي ڪاڻ ناهي
جي ڪَٽيا مون جاڳندا
ساڻ تنهنجي!
تون اگر ٻيهر نہ ايندينءَ!
رات مون کي
ننڊَ ساڳيءَ ريتِ ڏيندي،
پو بہ تسنهنجي پريت ٽيندي
ننڊ ۾ سپنا سڏائين،
ننڊ تون مون کان کسي سگهندينءَ متان تون ايئن ڀائين!
ننڊ مون کي پو بہ ايندي،
ننڊ مون کي پو بہ ايندي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

زندگاني، سڀ فنا
چَنگُ، بَربط، نغمہ خواني، سڀ فنا،
ڪا مُغنّيءَ جي نشاني؟ سڀ فنا
آھ ڪا تصوير کي پايندگي،
پر مصوّر جي جواني، سڀ فنا.
جي ازل کان سلسلو ڏسجي تہ آ
فلسفيءَ جي نُڪتہ داني، سڀ فنا
شاعري! سارِي رَوانِي، سڀ فنا!
وقت جي سيلاب ۾ هر چيز لُڙهندي ٿي وڃي
جڻ تہ ڪنھن جي خواب ۾ هر چيز لُڙهندي ٿِي وڃي،
رنگ ۾ رُخسارَ تنھنجا
ھي وسِيھَر وارَ تُنھنجا
يارَ تُنھنجا.
دمبدم ڪنھن زيرو بم ۾ ٿا وڃن،
بحر ۾ پيھي وڃن ٿا تنھن عدم ۾ ٿا وڃن
ڪو جتان موٽي نہ آيو آ اجا
سِجّ ناھي، موت سايو آ اجا
ڪيئن چئجي؟ زندگي اونده ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت ڪيڏو تو ٻَري!
جڙ لڪين فانوس آهن اَنت ڪي،
جي تَجلّين سان ٻَرن ٿا!
ڪير آ جو تو چوي ماڻهو مَرن ٿا؟
مان چوان ٿو هو وَرن ٿا
تيرگيءَ ڏي، سِجَ اندر ۾ سمائي،
جو اَلائي
هو هتي سايا لڳن ٿا،
عمر ساري جڙ ته اونده ۾ ٽڳن ٿا!

◉

ڪيتريون محبوبڙيون وچڙي وَيون،
ياد گيريون ٿي ويون!
شاعري مون سان رُسي ويندي تہ آ، پَر
موٽندِي آ پاڻ ئي ٺَڪ ٺَڪ ڪري دَر
ڪُوڪنديون آهن جڏهن
چاندنِي راتين ۾ ڪيئي ڪويليون، مون ڏي تڏهن
اِئَن ايندي آهہ جڻ وچڙِي نہ آن مون کان ڪڏهن!
اِئن متان ڀائين تہ تون
پيارَ جون مون وٽ گذاري ڪجھ گھڙيُون
شاعري مون کان کَسي وينديءَ هَلِي
آزمائي ڏِس ڀَلي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

تون نہ ايندينءَ
پوبہ مان تو لئہ ڪَنائيندس پيو؛
پيرَ جو ڪَڙڪو ٻُڌي،
دل پٺي هَر هَر چَيو
"تون تہ ناهين!"
وِڄّ جو تَڙڪو ٻُڌي،
مينهن ۾ ڪولي ڪَڙو، مان پاڻ کي هَرهَر پِڇائيندس پيو؛
'ڪوبہ ناهي' چَئي وَري ٻيهر ڪَڙو ڏيندس پيو.
تو چيو هو، تون پريءَ برساتِ ۾ ايندينءَ وَري
۽ انڌيريءَ رات ۾ ايندينءَ وَري،
مان نهاريان ڪيستائين؟
لاتَ ٻاريان ڪيستائين؟
تو ٻَڌو جو ٻولُ، ساريان ڪيستائين؟
ڪيستائين؟
ڪيستائين؟؟؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

ايتري گوشہ نشيني
هَل تہ اڄ ٻاهر هلون!

دوستي آهي اجا!
عاشقي آهي اجا!
زندگيءَ ۾ بي يقيني؟
هَل تہ اڄ ٻاهر هلون!

ڏس هوا تو لئہ کُهلي ٿِي
۽ گهٽا تو لئہ ڇُلي ٿِي
ٿِي اچي رفتار سان،
وَڏ ڦُڙي کان تون متان، گهٻرائجِي موٽِي وڃِين
۽ وڃي گهر پُورجين!
ڪجھ تہ آهي جو اجا تائين جِئي ٿـو آدمي
۽ اجا تائين ٽڪي ٿـي زندگي،
ها، ميجان ٿـو هونءَ دنيا آ ڪمينِي،
هَل تہ اڄ ٻاهر هلون!

تو اجا ساري خدائي آزمائي ڪانہ آ
آءُ، وانجهي ٿِي چڱائِيءَ کان خدائي ڪانہ آ
آءُ، ايڏي بي وفائي ڪانہ آ
آءُ، هر ڪنهن ۾ بُرائي ڪانہ ا
آ درون بيني چڱي پر دورُ بيني....
هَل تہ اڄ ٻاهر هلون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

نند ۾ پويٺ اَچن ٿا ڇارَ ۾
۽ وَري اڌري وڃن ٿا،
جاڳ ۾ ڪرڻا سَڄي سنسارَ ۾
اِيئَن! روشن ٿِـي وڃن ٿا.
ماڪَ ڦُلواڙين مٿان اِئن ٿِـي اُڏامي
ڄڻ تہ پوپٽڙا اُڏامن ٿا پيا،
مَڇ ڪامن ٿا پيا
ٿـيون ڇپيون ڇَرڪن هزارين وقت جي رفتارَ ۾
آدمي توڙي مَشينُون
شهر، ديهاتِي زمينون
ائن لڳن ٿـيون، راتِ ڄڻ اَچڻي نہ آهي،
زندگيءَ جي ماتِ ڄڻ اچڻي نہ آهي
پر ڏِسِين جي غور سان اِسرار ۾
نند ۾ پويٺ اَچن ٿا ڇارَ ۾
۽ وَري اُڏري وڃن ٿا
پو اِئين وسري وڃن ٿا
ڄڻ اُهي آيا نہ ها
نند ۾ ڪنهن چَندَ چمڪايا نہ ها!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

پاڻ ۾ پيهي ته ڏس!
چنڊ جا نيهي ته ڏس!
ڪيترا اُن لئه اڏامن ٿا چڪورن وانگيان،
۽ گهنائن ڪاڻ مورن وانگيان،
نرتڪيون ٿي ناچ ڪن ٿا،
۽ ٻرن ٿا
بادلن ۾!
جڻ ٿهوڪا ٿي اُلن ۾
هو اُڏامن ٿا پيا!
مينهن ۾ هو جڻ ته ڪامن ٿا پيا
گيتَ تُنهنجا ڪِٿ اُجهامن ٿا پيا!
جڻ ته مايا جار ۾ اُيرن پيا
جڻ سڄي سنسار ۾ اُيرن پيا
مِينهن ٿي اُيرن پيا
نِينهن ٿي اُيرن پيا
اي ڪوي هِي ذاتِ ۾ ڪيئي ڄِييُون
جڻ پري برسات ۾ ڪيئي ڄييون
جي وسامي ڪونه ويندیون
ڏس ته ڪئن اُيرن پيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

جيستائين ساٿُ ڏيندين ءَ
شاعري منهنجي نہ مَرندي!
جيستائين سِڄ آهي
تيستائين اولڙو آ
تو ڏنو آ
سج پاڻيءَ ۾ پَئي
ويو شفق اُن کي ڏِئي،
ها انهيءَ کان پو انڌيري رات آهي،
ڪيئن چئجي ماتِ آهي!
وقت جي وَهندِي ندي ڪيسين وجي ٿي؟
زندگي ڪيسين وجي ٿي؟
تون جڏهن مون کي ڇَڏيندين ءَ،
هُوءَ اڪيلي پارِ تَرندِي؟
شاعرِي منهنجي نہ مرندِي؟
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

مون شفق مان گُل پَٽي
تُنهنجي چوٽي ۾ لڳايو،
۽ ويو توکي جَهٽي
عِشقَ منهنجي جو عقابُ.
ابر مان جئن آفتاب
تو نهاري دورُ تائين
آنءُ تئن اُن کي سَدائين
تو ڏسان وهندِي نديءَ ۾ وقت جي،
تو اجا تائين لُڙهي!
جو شفق مان گُل پٽي
تنهنجي چوٽي ۾ سجايو
ڪالهه مون؟
وقت توسان ٿي وڃايو
ڪالهه مون؟
تون هُئينءَ ڪوئي اجايو
انتخاب!
پو بہ جو تُنهنجو رَبابُ
روح منهنجي ۾ وَڄي ٿو
روح اڄ تائين ڪڇي ٿو
دور تائين
جيستائين آفتابُ
نيٺ پاڻيءَ ۾ ٻُڏي ٿو
هيٺ پاڻيءَ ۾ ٻُڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

(هڪ سنڌي شاعرا کي)

تون اَخمتووا* ته ناهين
آنءَ ڪِٿ توکي ڏٺو هو؟
ڪيترو لوڙيو اٿـِي
زندگيءَ جي ساز کي تـوڙي وري جوڙيو اٿـِي
تون لڳين ٿـي اڄ اِئين؟
برف ڇانئي آهه 'نيوا'** تي جِئين
جا اڳي پو آ پگھرِٽي؛
شاعري تنهنجي بهارن وانگيان
آهه وَرِٽي؛
تون ستارن وانگيان
چُپ رهندي، ڇهڪنديءَ پٺي رات جو
جيستائين هِير ڪا تو وٽ اَچي پريات جو
روح جي رابيل کي لُڏندو ڏِسي،
واءُ ۾ ڪُڏندو ڏِسي!

---

* اَخمتووا= روس جي عظيم شاعره
** نيوا: نديءَ جا لينن گراڊ مان وهندي آهي ۽ فنلئنڊ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

ايترا گل پوک جو تِن کي چِنڻ وارا هجن!
ڪيترا سورج مکيءَ جا کيت پوکِيندين اجان؟
سِجَ کي ڏيندين اجان
ڏنَ پنهنجيءَ ذات جو؟
ڪِيئَن ڏسندين رات جو
گل هوا ۾ لهلهائيندا جڏهن.
گيت اونده ۾ سُهائيندا جڏهن
ڪيستائين زندگيءَ جو قرض موکيندا اجا؟
ڪيترا سورج مکيءَ جا کيت پوکيندين اجا؟
ايترا گل پوک جو تن کي چنڻ وارا هجن!
تون تہ آ ڏاتار، ڏيندين پر پِنڻ وارا هجن!
گل چنڻ وارا هجن!
گل چنڻ وارا هُجن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڳُوا)

هو مانڊويءَ* تي
ساريون مُهاڻيون، ڪاريون مُهاڻيون
ڪيڏين اڇين سان
آهن مَڇين سان
تو سِڄ چِمڪي 'پٽڄي' ٻَري تي...
تَنهنجا ڪنارا** ۽ سارَ ڪارا
جِن جي تصوّر ۾ تون ٻَرين تو،
۽ نظم ڪيڏا
ڪَنّا ڀَرين تو؟
هي سارَ ڇاهي؟
اسرارَ آهي
تنهن ڪي ڇڏي تو جڻ سَمَنڊ واري
ڪنهن وقت اُيري اُن جي ڪناري
تي دل ڏُتاري،
۽ پو تَري ۾ ٻيهر وَڃي تِي،
پنهنجي ميجي تي،
هي سازُ آهي جا شاعريءَ ۾!
آ سمنڊ وانگر
ڇا شاعريءَ ۾!

* مانڊوي= ندي جو نالو جا ڳوا جي ڳاديءَ پٽڄيءَ وٽان وهي ٿي ۽ سمنڊ سان ملي ٿي.
** پٽڄيءَ جي ڪناري تي مهاڻيون ڪارَن ۾ مڇيون ڪٽيون ڪنديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊛

مينهن بس ڪَر!
ايترين گهنگور تُنهنجون هِي گهٽائون
ڪيترو وَسنديون اَجان؟
اُپٽ سان گسنديون اَجان؟
ڪا ندي نالي بہ آهي
جا اجا خالي بہ آهي؟
شاعري ۾ ايترين ڪاريون جَٽائُون
روز جهومي تِي پَئي!
'ڪُن' چيائين، بي چَئي،
ڪائناتون تي وئي!
پاڻ ئي تخليق تيندي تِي رَهي
ڪئن چوان مان ڪيستائين دورُ نيندِي تي رَهي؛
نينهن بس ڪر!
تون ڪندين گجگاٽ آخر ڪيستائين؟
ڦاٽَ آخر ڪيستائين
جئن هماليہ مان نديون ڪن تيون پيون،
۽ صديون ڪَن تيون پيون
جاٽَ جا پوري نہ تِي تي؟
آ اجا ڪنهن جاءِ تي؟
هي سفر ڪاتي کُٽي؟
ڪيتريون آيون سَرايون جي پرايون تي لڳيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا گهڙي ترسي ڏنو مون اوچتو گهنٽيون وڳيون،
سَنڪَ مون کي ائن پُڪارِيندا رهيا،
پَنڪ جڙ ڏيندا رهيا
۽ اُڏاريندا رهيا،
'هي ٻه آڪيرو نه آهي' 'هي ٻه آڪيرو نه آهي'
ڪنهن چيو،
پنڌ ڪيڏو آ پَيو
تون سفر کي تيزُ ڪر، پنهنجي اَجا!
رات جيسين ٿي اجا!
ڏينهَن بس ڪَر!
رات اڄ ڪائي ابد تائين هَلي،
پنڌ ڪان جيڪا پَلي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

تون اجان ڪيسين نہ ايندينءَ؟
رات ٿي آهي وَئِي
آ سڄو اڪاس تارن جي رَئِي!
چنڊ جو فانوس تُنهنجي لاءِ ٻَرِي ٿو پيو،
ايتري سنسارَ ۾ تو لاءِ ڦرِي ٿو پيو!
ڪنهن تَرائيءَ تي تہ ايندينءَ نيٺ هرڻيءَ وانگيان!
تو اجان ڪِيسِين نہ ايندينءَ؟
آءٌ ٿَڪ ٿَڪ لَئہ ڪَنايان ڪيترو
ڪاٻہ آهٽ ڪانہ آهي!
مان وَڄايان ڪيترو
من مُگرمانَن جيان،
۽ کيان تُنهنجي اَڳِي جِتَن آجيان!
تون اجا ڪيسين نہ ايندِينءَ،
ڪَنهن سُهائي پَکَّ وانگر
چانڊني جي پَکَّ وانگر؟
جڙ هوا مون کي اُڏاري ٿِي پَئي ڪنهن ڪَکَّ وانگر،
ڪنهن کُلئي در جِتَن پيو واجهائِيان،
تون اجا ڪيسين نہ ايندينءَ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اي سِڌارت! روڪ ٻيڙِي
مان ٻہ تـو توسان هلان!
مون ٻہ ساري زندگي آهي سَهيڙِي
مان ٻہ تو توسان هلان!
مان ٻہ ڪلھ ڪان تو جيان
هر پَدارت کي ڇڏي،
آھ گهارِي هر گهڙِي ڪنهن ڏيان ۾
جڻ صَدِي ڪنهن ڏيان ۾،
جَتِ مون تي آھ ٻوڏي وَڻ ڪَيو؛
جيستائين ڪنهن ڏياتـيءَ اوچتو
لاٽَ ٻاري واٽ ڪَئي آ،
روشنيءَ جي چاٽَ ڪئي آ،
مان ٻہ ڇيو تو وانگيان
هاڻِ ڪي ماٺهو ڏسان
ڇِڪَ ايڏي آھِ تُنهنجي گهاٽَ ڪَئِي،
اوچتي چمڪاٽَ ڪئي،
مون ڇيو نرواڻِ مون ڳولي لَڌِي،
۽ ڏٺو اڳتي وَڌِي
ناڪئي سان تـي وئين
ڪيستائين، ڪئن چوان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هي سياست زهر آهي
تون انهيءَ کان دور رهه!
ڏس تہ هو انبوهہ ڊاهِن ٿا پيا
دورُ ڪي محراب و منبر ۽ رکن ٿا مورتيون،
جي قريب آهن اُهي مَندر مِٽائن ٿا پيا،
۽ اُڏائن ٿا پيا هو گرڌنيون،
گهر جلائِن ٿا پيا؛
روح ۾ جو قهر آهي
تون انهيءَ کان دورُ رهه!
دُور ڏِس شعلا اُڏامن ٿا پيا
پار ڪامن ٿا پيا،
آدمي حيوان کان بدتر لڳن ٿا
تون نہ وَڃ ويجهو اهي يرقان کان بدتر لڳن ٿا،
ڪيترا نعرا لڳن ٿا
ڏس تہ نيسارا وهن ٿا
رَتُ جا!
آ رکيو ايڏانهن ڇا؟
شور سارو شهر آهي،
تون انهيءَ کان دور رهه!
چنڊ جو خاموش آهي
سو سَڏي ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏس تہ هو بادل مَٿي مسجد ڪٿن ٿا
۽ هتي ڪوئي سُوالو ٿو جُڙي!
ڪو اَڏي ٿو
۽ اَڏاوت ۾ اُهو مدهوش آهي
۽ سراپا گوش آهي!
ڪو تہ موسيقار آهي
ساز جو آواز جنهنجو ڇڻ تہ ڪو آغوش آهي؟
واءُ جو هَٿ ماءُ جي هَٿ وانگيان آ؟
ٻار ڇڻ تپ ۾ ٻرن ٿا
ڪيترا ناحق مَرن ٿا،
ڏوهہ جن جو آ تہ هو بي ڏوهہُ آهن
ڊوهہ ناهِن،
ڪنهن مڙهيءَ جو موهُ ناهِن
ڪاٻہ ڪرَوَت ڪانہ ٿِي ڪاري اُنهن ڪي،
ڪاٻہ نفرت ڪانہ ٿي ٻاري اُنهن ڪي!
آءُ ٻريون ٻَهر آهي
شور سارو شهر آهي
تون اِنهيءَ ڪان دورُ رهہ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اڄ بہ زِندانِي ڇڪي زنجير پنهجا ڪڙڪڙائن ٿا پيا
لڙڪڙائن ٿا پيا
ڪيترا ٻانها ٻنين تي،
۽ وَنين تي
لُڙڪ گونگا ٿا وَهائن
پِڙڪ ڪا ٻاڦن نہ ٿا،
چُڙڪ جنّن آهي حياتي
زائفان پُورين جيان،
ڏس تہ هو ڇاتيون سُڪل تورين جيان
ٻارَ جي چُوسَن پيا!
جندڙي گهنگهرن جيان گهلن پيا!
وقت گهاٽي جنّن بلاوَل ڪيترا پينهين ڇڏي ٿو
وقت جي جهونيءَ آڏِيءَ تي ڪيترا ئي ٿا عنايت سِر ڏين.
زندگي آخر ڏِين
ڇوتڪارو اِيئَن پائن ٿا پيا،
ڪَنڌ نوڙائي ڪَپائن ٿا پيا،
آدميءَ جنّن ڪو دَرندو ڪونہ آهي
پر فرشتو تي سگهي ٿو؛
آدمي تي جِي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(شاهه، سچل ۽ سامي سمينار)

ڌرتيءَ ڏِڪاٽا ڇا لاءِ ميڙيَنِ؟
ڇو ڪوهه گيڙيَنِ؟
ڇا اُڄَ تِن جي
تو لاءِ ڪاڻِي
معنيٰ رکي ٿِي؟
هي شاهه، سچّل، سامي تہ سارِن
پر پو بہ گهارن
جي بمبئيءَ ۾؛
جي اُڄَ ڪان پو ايندڙ صديءَ ۾
ويندا اڏامي ٿِي ڪَکَ ڪيئِي
۽ رکَ تِن جي
دنيا گڏيندي
لوڙهي ڇڏيندي؛
ٻي رکَ سان جا تِن جي نہ هوندي
گنگا سين ڪي ٻوڙي ڇڏيندي
هي سِنڌُ سپنا
۽ هِندُ سپنا
سڀ گَڏَ لُڙهندا ساڳي نديءَ ۾؛
ايندڙ صديءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو سمنڊ تن کي ويندو سَمائي
۽ پو اُلائي
ڪنهن جاءِ هوندا؟
ڪنهن لاءِ هوندا!
تون ٻولَ تن سان ٻولي نہ سگهندين
تون رڪّ تن جي ڳولي نہ سگهندين؟
ڌرتي نہ رهندي
آڪاسُ ڪنهن تي ڪٿن ڇانوَ ڏيندو؟
برسات ڪائي، جنهن وقت ڪَهندي
تو جيئن ڪوئي ڇا ڏانءُ ڏيندو،
ٻاڏيءَ ڦرن کي
جيڪو جَهپيندو؟
تو جئن اُنهن جي جو پياسَ ڏيندو؟
تو جئن اُنهن لئہ ڪا آسَ ڏيندو؟
وهندي نديءَ تي
ايندڙ صدي تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اُلهاس نگر جي تيز هوا
ڪنهن وقت حشوءَ کي ڳولي ٿي
اُلهاس نديءَ ۾ ڦولي ٿي،
هو ڪير هيو جو سپنو هو
جو قيد ڪَرّن ۾ سايبيا جي
هڻن ڦاٿو هو؟
تاريخ هٿي طوفان جيان
مان اُن ۾ تحريرون هن جون
ڪنهن جاءِ ڏِسان؟
هي حَشو جيڪو سنڌ هُيو
انسان هيو، ارمان هيو
نادان هيو
هن ڪونہ ڪَيو ڪو سمجهوتو،
اي ڪاش!
انهيءَ جو مان جوتو
ڪنهن وقت ڪٽان
اي ڪاش! سَميءَ جي ٽوڙهه مٿان ايڏو تہ هٿان
ايڏو تہ هٿان...
ايڏو تہ هٿان..

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

آ ڳوڌا ٻيڇ (ڳوا) نني

هي سمنڊ ڇاهي؟ هي سِير ڇا هي؟
هي وير ڇاهي؟
۽ هيءَ ڪشتي، ڪيڏانهن ويندي،
ڪنڌيءَ مٿان جا آتِي ڪَڙي آ،
ٽوڙي ڪَڙي آ- جنهن مون ڏِني آ
ڪيڏي مِٺي آ
هي زندگاني، هي عمر فاني!
جنهن سمنڊ ڪنڌيءَ
هُو نوجواني
تي اُس سيڪي،
اُن ۾ تجلّيون ڪجهه وقت ڏي ڪي
ساري اڱهاڙِي ليٽي پئي آ،
جڻ ڪا اُماڙِي ليٽي پئي آ
تي بِير*- بوتل پيئي مزي سان
جيئي مزي سان
پر ڪيستائين؟
ليڪن سدائين
تو سمنڊ گرجي
تو سمنڊ گهرجي.

---

* نوٽ: سنڌيءَ ۾ بيئَر کي بيرُ چوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو لنگٽ ٻيڇ (ڳوا)

اڄ سَمنڊ ڪَنڌيءَ
هي ڪانوَ ڪيڏي ’ڪان‘ ’ڪان‘ ڪَرن ٿا
جِئن ڪي سياست ۾ ٻرڪ ماٺهو،
’مان ’مان‘ ڪَرن ٿا
جِئن سمنڊ ڪنڌيءَ هي ڪانوَ آهن
ڪنهن ذاتِ سان آ تِن جو نہ ناتو
ڪنهن لاتِ سان هي ڪا لانوَ ناهِن
آ سمنڊ آ تو،
تَنهنجون هوائون
ڪاڏي اُڏاري هي ڪانوَ ويندون
۽ نانوَ ويندون،
تِن جا وِساري!
تيسين پَلي هِي
ڪائِن مڇين ڪي
ڇولِين ڇُلي جي آيون ڪنڌيءَ تي،
تو سمنڊ گرجي
۽ وِيرَ اُن جي وارِي لَسائي
سپ ڪي سَمائي
پِنتي وجي ٿي،
ڪاڏي وجي ٿي،
ڪوئي نہ ڄاڻي!
ڪوئي نہ ڄاڻي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هر جاءِ ۾ هر ننڊ ۾
ڇا ٿو ٻڌين تون ڳهنڊَ ۾
ٿو لاڙ ۾ جيڪو وڃي
گونجي پيو جو گيتَ ۾،
آڪاس تائين ٿو وَڃي،
۽ ساز جي سنگيت ۾
اِئن تيرَ ڌرتيءَ تي سَڃي؟
هي رتُ ڪهڙو رَتُ آ،
ڪيتَر* سڄو جهومي پيو؟
رت ڇاڻ ۾ هي هَٿُ ڪنهنجو هٿ آ؟
ڏس، پو ٻه تنهنجو گيت ڪئن،
ڪنهن ويچ وانگر ٿو وَڃي
۽ ڳهاوَ هر ڪنهن تي پَٽيون پنهنجون ٻَڌي!
هر ساٿ ۾ هر سَٿ ۾
هو رتّ ۾
ڪيسِين وڃي ٿو دور تائين؟
دور تائين؟
دور تائين؟

---

* ڪيتر (هندي)= ميدانِ جنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

هو سِرنهن تي مينهن ۾
ڪيت- هارياڻيون ڏِسِي
آءٌ ساروڻيُون پيو ڪي ساريان،
۽ ڏياتيون ٻاريان
جئن هَتي اونده نه مان تن ڪي ڏِسان
۽ چوان
هي ڪِتي آيون هيون مون ڪي نظر
ڪنهن ڏُنڌ ۾، جنهن جي خبر
ڪنهن کي نہ آ!
ڪير تو سَپنا اُٿي سنسارَ جا؟
ڪير تو ڏاڍا ٻَڌي هن ڄارَ جا؟
ڪير ماهيگيرُ آ پر جو مصوّر تو لڳي؟
غورَ سان ڏسجي تہ هو سارو سَمندرَ تو لڳي!
هي سِرنهن جا ڪيت جن جون چوليون
جڻ هوا ۾ تيون لڳن!
رات جي ڪارن سَڳن
۾ وجن تيون ويڙهجي،
نيٺ هو توڪان ڇُپي!
رات اورنگزيب جي تلوار آ،
چنڊ دارا جو مَٿو،
نيٺ آهي جو لٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِر جدا ڌڙ ڌار آ.
وقت ڪي آهن اڪيون انبُور جان
ڪَنڌ مان ڪوڪا ڇِڪي ٿو جو ڪَڍي،
موتَ- ڪارائي وَڍي
آدمي ڪي چِڻ پِٽي وَڻ وانگيان!
جا گھڙي تون جيئرو آهين غنيمت ڄاڻ تون،
زندگيءَ ڪي ماڻ تون!
چنڊ ڪڪرن مان وري ويندو نہ هئن،
هِيئَن تڪرن تي صنوبَر تون وَري وَر وَر نہ ڏِسَندين!
چيلھ تائين وارَ ڪنهن جا، مينهَن ۾ ڀِيهَر نہ ڏِسيدين،
هي گهٽائن هيٺ ڀيهر گهر نہ ڏسندين
تون تَراين ساڻُ ڀيهر تَر نہ ڏسندين
هي تصوّر ۾ بہ ايندا يا نہ ايندا، ڪئن چوان؟
ڪي بہ پاڇاوان سڏيندا، ڪئن چوان؟
موتَ جو درياهہ وهندو ٿو رهي
سڀ اُنهيءَ ۾ غرق ٿيندا، ڪئن چوان؟
زندگي ڪشتيءَ جيان ٻي پار ويندِي ڪيرُ ڄاڻي؟
ياد ۾ ڪا شيءِ ڇڏيندي، ڪيرُ ڄاڻي؟
يا نئين دنيا اڏيندي، ڪيرُ ڄاڻي؟
۽ اُتي سَرمست ٿيندِي، ڪيرُ ڄاڻي؟
موت جي طنبور ڪي
ٿو هلائي ڪيرُ تون ڄاڻين نہ ٿو!
سازُ پنهنجو ٿو وڄائي
ڪيرُ تون ڄاڻين نہ ٿو!
آ الائي ڪير تون ڄاڻين نہ ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

ڪيڏو نہ اَڏين ٿو ماٺهوئڙا!
ڪنهن وقت لِڏين ٿو ماٺهوئڙا
تُون ڇا آهين؟
تولاءِ گهڙي جا ٽيءِ آهي
سا ٽيءِ آهي
تو لاءِ مداوا ٽيءِ آهي
۽ ساري پيڙا ٽيءِ آهي،
جا شيءِ آهي
سا ٽيءِ آهي
جا مَيءِ آهي
جنهن ساڻ خماريل آ ماٺهو
ڪيڏو نہ ڏُتاريل آ ماٺهو!
۽ تنهنجي جيڪا لِئہ آهي
سا ٽيءِ آهي
هي ساري دنيا ٽيءِ آهي
۽ هيءَ بہ ٽيءِ آهي تہ ڪڏهن
هي جڳّ ڇڏن ٿا ماٺهوئڙا
ڪيڏو نہ اَڏن ٿا ماٺهوئڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

زندگي سيلاب آ،
جنهن ۾ تکا تارون سَوين ٻوڙي ڇڏيا
ڪيترا ڪوڙي ڇڏيا
پَرچمِ فَنا جا واءُ ۾!
گهاٽُ تنهنجو خواب آ،
گهاٽُ هت ڪوئي نه آ؟
گَڙگَڙاهٽ زندگيءَ جي آ رُڳي
ناوَ ڪائي ڪِٿ پُڳي؟
سَنسي سوا ٻيو ڪجھ نه آ!
ساڀيا جيڪا ڏِٺيءِ سَپني سوا ٻيو ڪجھ نه آ
بَحرَ آ ٻي اَنت ڪو جنهن ۾ ڪُٽي ڪِٽي زندگي،
جِئَن ٽُٽي ٿِي زندگي
اَنتُ خاموشِي ٿِئي ٿِي شورَ جو،
موتَ ياڳئي چورَ جو
ساڳيو ته آهي،
موت ۾ ڪو چورُ يا ياڳيو نه آهي.
ڪير آ جو موت سان واڳيو نه آهي؟
آهه ڪوئي آدمي جو اَنتَ اوجاڳيو نه آهي؟
روشني ٿِي تيرگيءَ جي طرف ڪاهي، ڪيئن چئجي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺ آهي، ڪوٺ آهي، ڪوٺ آهي، ڪيئن ڇنجي؟
ڪير رانديڪا سَجائي ٿو پيو،
رانڊِ هو سارِي رَچائي ٿو پيو
ٻارَ وانگر
پوءِ هُو ڪيڏاوِٽا سنسار وانگر
روز ٺاهي، روز ڊاهي ٿو ڇڏي!
ڪير ٿو سڀ ڪجھ اَڏي؟
ڪير آهي، ڪيئن ڇنجي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سَرمست؟ اَڄ تَن جا مَتا، تِرڪي پيا
جئن جام ڌرتيءَ تي ڪِري تِرڪِي پَوَن.
۽ چؤطرف پکڙِي وڃن،
شيشا اُنهن جا ڀورِ تي!
تَن ڇا رِٿِيو ۽ ڇو رِٿِيو؟
ڪيڏي نشي ۾ چُورَ ها،
۽ ارتقا جي هو گشي ۾ چورُ ها،
پُرزا پکيڙي ويا رهگو
ڇا ڇا پکيڙي ويا رهگو
سي آسمانن تان ڪِري،
پَرتي هيا جن تِن جَهانن تان ڪِري
قدرت ڏِنِن جو ماٿيو ساندِيو نہ تِن،
ڪانڌيو نہ تن
جو راز سيني ۾ رهي تو، آشڪارا تي نہ تو
۽ جو سفيني ۾ رهي تو، ڪابہ ڌارا تي نہ تو
جو اُنت آهي،
هي سڄو سنسار ڇاهي؟
آدمي پاتو ڪٿي آ!
هيءُ سارو ڄارُ ڇاهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آدمي ڄاتو ڪٿي آ!
سمنڊ سارو آھ اُن ۾، ۽ مڇيون ناھِن رڳو!
ھن ڄارِ ۾ آھن رُڳو
ماڻھو، مٿان سَمجھين اِئين،
۽ پو ٿِئين
مايوسُ تون؟
ھَرھَر ٻڌان ٿو سمنڊ جون
ڇوليون ڇَيون جي شور ڪن،
ٻوليون ڇَيون جي شور ڪن،
جيڪي ٻُڌان ٿو آنءُ، تو لِئہ ڪجھ بہ ناھِن؟
جي تون پڇين مون کان تہ ڇاھِن،
مان بہ چوندس ڪجھ بہ ناھِن!
مان بہ چوندس ڪجھ بہ ناھِن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سن ستيتاليهه ٻيهر آ وَريو،
آدمي ناهي ٺَريو
ڄڻ اجاتائين تتل تنّور آ!
ڄڻ اجاتائين اڳيون ناسور آ
جو چِڪي ٿو،
سينگ کي ٻيهر چڪي ٿو
تيرُ ان ۾ ڪِٽ ٽڪي ٿو
ٿو ڪري ڇاڻِي اُهو ڇاتِيون اِئين
قدسيه* گرداس پور ۾ ڪلهه جِئين،
ٿي ڏنيون خاموش ٿِي،
هوشَ ۾ بي هوش ٿي،
آدمي ۾ آدمي مون ڳوليو، پَر ڪونهه هو!
آنءُ روميءَ** جيئن هُن کي ڦوليو، پر ڪونهه هو!

---

* نوٽ:- گرداس پورَ- اوير پنجاب هندستان ۾ لاهور جي مشهور ناول نويس قدسيه بانوءَ جو مادري وطن هو.

* دي شيخ با چراغ هَمي گشت گردِ شهر
کز دامر و دَد ملولمر وانسانمر آرزو ست
(رومي)

[ترجمو:- ڪالهه شيخُ ڏيئو کڻي شهر ۾ ڦري رهيو هو (۽ چئي رهيو هو) ديور ڍڳا ڏسي ملول ٿي پيو آهيان، منهنجي آرزو ته انسان آهي.]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترا تاريخ ۾ چيتا سُتل آهن اجا؟
ڪيترا راوڻ اڙي سِيتا سُتل آهن اجا؟
ننهن ڪُتل آهن اجا
ڪيترا اُن ۾ بگهڙ جا؟
آدميءَ سَپَ وَجهَ وڙ جا
ڇو وڃايا؟
ڇو وڃايا؟؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ماٺهوءَ جو ٻچو
انڪيو بيٽر ۾؟
ڪيئن سمائي ٿو،
ساري جا ۽ جو؟
انڪيوبيٽر* ۾؟
هيءُ مصور ٿيٽو آ، جي
هن جي هر تصوير انهيءَ ۾ آهي؟
۽ جي شاعر ٿيٽو آهي
هن جا ڳاتل گيت انهيءَ ۾ آهن
۽ ساري تشهير انهيءَ ۾ آهي؟
۽ سارا پرواز به آهن؟
راز به آهن،
چنڊ ستارن جا،
هن جي پيارن جا؟
سارا ميت انهيءَ ۾ آهن،

* انڪيوبيٽر (Incubator)= پيٽيءَ وانگر شيشي جو اوزار يا ڪمرو جنهن جو ماحول ضابطي هيٺ ٿئي ٿو. انڪيوبيٽر ۾ وقت کان اڳ ڄايل يا اڳها ٻار رکندا آهن، جيستائين اهي سگها ٿين يا ان ۾ انڊا به ڦٽڻ لاءِ رکندا آهن. هاڻي ته انهن ۾ ٻار به پيدا ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڪيوبيٽر ۾؟
ماٺهو اڳ سمايل آهي
جنهن ۾ جڳ سمايل آهي
۽ سو ڏڳ سمايل آهي
جنهن تي هو توڏانهن وجي ٿو؟
ڇا هو سارا تير سَجي ٿو،
انڪيوبيٽر ۾؟
حيرت ۾ حيران ڪرين ٿو!
غرق ڪَرين غلطان ڪَرين ٿو،
تون هُن کي انسان ڪرين ٿو!
پاڻ به ان ۾ پيدا ٿين ٿو!
انڪيوبيٽر ۾؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهاوَ کي ڳهاوَ سان ڇُٽائي ٿو!
گيت مَرهم نہ اڄ لڳائي ٿو،
ڪيئن چئجي تہ هو وڏيڪ اڄان
ڦٽ انسان جا وڌائي ٿو!
اڳ تہ پيغمبري هئي ان ۾
شاعري هاڻ سا رهِي ناهي!
چوچڙي پاڻ تِي ڏِئي جڳ کي
هاڻِ شُعلن سواءِ ٻيو ڇاهي؟
مينهن جو نينهن تي اڙي شاعر!
شعر تنهنجو ڏڪار لئہ ناهي؟
چاندنيءَ جو ڇِٽاءُ ڇا لئہ آ؟
هي هوا ۾ هٻڪاءُ ڇا لئہ آ؟
هيءَ رابيل پيار لئہ ناهي؟
نينهن جو مينهن تي اڙي شاعر!
روح جي ريتَ کي ڦُلاري ڇڏ!
دور تائين اُفق اُجاري ڇڏ!
ياڪُرن جئن لڱن وَليون ڪيئي
۽ دلين مان وچن ٻُگليون ڪيئي
گهرَ سُجائن، نياءُ ڪَن سَڀ سان!
هاڻ رَستو تہ رک وري اَبَ سان
جو ڇڏي سال تي ويا توکي،
ڏس تہ ڪئن گيتَ تي دعا موکي!
دل چوي ٿي تہ نيٺ وسڻو آ
دل چوي ٿي تہ نيٺ وسڻو آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سامِيوادَ پُڌايو آ
۽ 'فيضَ' انهي کي ڳايو آ
'سردار' اُهو ورجايو آ
تعظيم* هٿن جي لازم آ
تڪريم هٿن جي لازم آ
هي هَٿَ اناج اُپائن ٿا
هي هَٿ مِلون مهڪائن ٿا
ڏِن راتِ پسيني سان پنهنجي،
هي ڳالهه نہ ياد آئي تن کي،
هي هٿ گلو بہ گهٽيندا هِن
۽ گوليءَ ساڻ ڇُٽيندا هِن
۽ ڪاڌي ۾ وه ڏيندا هِن
فرمانَ اُهي ئي ڦاسين جا
جنهن وقت لکن ٿا ساسين جا
ڪَنبن تہ نہ ٿا!
ان وقت تہ واهولي وانگر،

---

* ان هاتون کي تعظيم ڪرو
اِن هاتهون کي تڪريم ڪرو
(علي سردار جعفري- هندستان جو مشهور ترقي پسند شاعر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سارو گولو ڌرتيءَ جو
جڻ ڊاهن ٽا!
۽ پاڻ ٽڏهن هو ساهن ٽا
جنهن وقت وِروڌي ڌُر پنهنجيءَ
کي ڳاهِن ٽا،
اِئن پاڻ ڇنڊي هُو پنهنجو اُلڪو لاهِن ٽا،
هي هَٽ خدا کان وانجِهي ٽي
جنهن وقت دعا کان وانجِهي ٽي
ٽا ڪونہ ڪَڇن،
او شال، پَڇن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنءُ ميان ٿو
مارڪس مري ويو آهي،
آنءُ پڇان ٿو،
ڏُک ٿَري ويو آهي
ڇا زئمبيا ۽ تنزانيا مان؟
انگولا ۽ يوگنڊا مان؟
ٽين دنيا مان؟
اِن کي ڪيئن مِٽائيندا سين؟
هي ماڻهو جي پاهُ ٽين ٿا
تن ۾ نظم ورهائيندا سين؟
ڏاوا ڏِڏِ اِهي تصويرون
آنءُ ميان ٿو ماٽي سگهندا!
ها، پر هي جيڪي هڙپاتون
تن ڏي هيچ ٻه آٽي سگهندا؟
خوشبو، رَنگ ترنّم پيارا
ڪون متائن ٿا غم سارا
بامبي جي بستين کان ڪَوتا
لُڙڪ اگهائي سگهندي آهي؟
بال ٺاڪري جي غُصّي جِي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باھ وِسائي سگھندي آھي؟
تون ڪِٿِ آھين گانڌي! گانڌي!
ڪيڏو زور اَچي وئي آنڌي!
۽ مان پانڌي
ڇا ۾ پنھنجو پاڻ ڇُپايان؟
ڪارونيار تہ ٿَرٽو ناھي
تون ئي ڇَنُہ ڪِئَن پاڻُ بچايان؟
آگَ وسايان
جا چوڏاري وچڙي وئي آ؟
ڇا ڪا آنءُ حماقت ڪَئي آ
آخر مون کي ڇو مرٽو آ؟
ھي جو قرض صدين جو آھي
آخر ڪنھن ڪنھن کي ڀرٽو آ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڇو پئي مون کان لڪين ڇو؟ آنءُ ساڳيو ڪونہ آهيان!
ڳجهہ جا ڳل سمنڊ تي ڪيڏو ڪُڏن ٿا
۽ اڳي وانگر لُڏن ٿا؛
پوءِ لهرون ڪلهہ جيان ساڳيون نہ آهن
چنڊ سان واڳيون نہ آهن؛
اڄ سُهائو پَکُ ناهي
پيار جو سو پکُ ناهي
تون سمائيندي هُئينءَ جنهن ۾ اِئين
چنڊ آهي سمنڊ ساري ۾ سَمائيندو جئين،
لهر اُن کان آهہ ڪا وانجهي نہ ملندي!
مان اهو مانجهي، نہ ملندي
عمر جنهن کي هاڻِ پيهر ناوَ وانگر؛
ڪنهن پراڻي گهاوَ وانگر
تو ڏسان توسان گذاريل زندگيءَ کي
چاندنيءَ سان چاوَ وانگر،
مُنهن انڌيري ۾ ڏسان تو هر خوشيءَ کي
رات وانگر جا نہ رَهندي،
۽ اُجالي منجهہ ڪَهندي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگاني خواب جئن لڳندي تڏهن،
آب ۾ مهتاب جئن لڳندي تڏهن،
ڏور ڇو مونکان پڄين ٿي
ڇو ڪناري تان پڄين ٿي؟
ڇو پئي ڪِشتي ڏِڪين ڇو؟
آن ساڳو ڪونہ آهيان
ڇو پئي مون کان لڪين؟ ڇو؟
آنءُ ساڳو ڪونہ آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هي سَرءُ ڪيتري نہ پياري آ،
هي اُتر واءُ ۾ رڳي ڇڻ ڇڻ
ڄڻ تہ طنبورُ ٿو ڪري ٽڻ ٽڻ
هي سُريلي پُڪار پَتَن جي
هيءَ پيلي اڏارَ پَنَن جي!
ڪو مصوّر ڪري رَهيو آهي؟
ڄڻ تہ پَن پَن پکيئڙو آهي!
شام ڪُجھ سرد ٿي وئي آهي
زندگي زرد ٿي وئي آهي،
وَڻ ڪُهارن جيان لڳن ٿا پيا
سِجَ جو پنڌ ڇا پُنو آهي؟
ڇا اڃا پيو بہ پورهيو آهي؟
لِڱَ منهنجا ٿڪل لڳن ٿا پيا!
پَل رڙهن ٿا، اڃا ٿڪن ٿا پيا،
دَر اڃا ڀوتيا نہ آهن مون،
آسَ آهي تہ نيٺ ايندينءَ تون
پر اڪيون ڀُوتبيون وَڃن هاڻي،
چَندَ جئن ڇو لِڪي وئي آهين
ٿِي اڇي نند، رات ڪاري آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪيئن چنجي سُيان اُتان نہ اُتان
زندگيءَ جو نہ ڪٿ آ ڪوئي!
جام ۾ ڪا چُڪي رهي آهي؟
ائين لڳي ٿو تہ آ اُهو خالي!
هاڻ بس الوداع مئخوارو!
هُونءَ آهي ڳهنا تہ متوالي،
بوند برسي پئي هوائن مان
دل چوي ٿي تہ تہ رات ترسي پَئُ،
وڏ ڦڙي جيئن اڄ تہ برسي پَئُ!
زندگيءَ جي سِتار مان اگهہ جان
سُر سَندءِ آڱرين ڏسن ٿا پيا،
گيت جُهڙ مِينهن جئن اچن ٿا پيا
جي بہ ٿي ڏينهن تون وڏيڪ رهين
روح جي ريت تي وَليون هونديون
زندگي رنگ رَنگ گُل ٿيندي،
گيت ئي گيت سي گليون هونديون.
آنءُ هائو ڪَيان تہ ڪيئَن ڪيان
زندگيءَ جو نہ ڪٿ آ ڪوئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوليون ڇوليون سمنڊ جون

شيخ اياز

مڪتبہء دانيال

مڪتبہء دانيال سنڌ جي ترقي پسند ادب پڙهندڙن ۾ نئون نالو ناهي. هن اداري اردو ۾ ترقي پسند ادب جي واڌاري ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي سو بہ ڪنهن کان لڪيل ناهي.

هاڻ مڪتبہء دانيال اها ضرورت محسوس ڪئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ترقي پسند ادب جي واڌاري ۾ پنهنجو رول ادا ڪري، سو اسان سنڌي جي هن صدي جي وڏي شاعر شيخ اياز جي تازي شاعري جي ڪتاب ”ڇوليون ڇوليون سمنڊ جون“ سان شروعات ڪري فخر محسوس ڪري رهيا آهيون. اڳتي بہ اسين پنهنجي اداري جي معياري ادب ۽ معياري ڪتابن جي ساک کي برقرار رکندي سنڌي ۾ بہ معياري ڪتاب پيش ڪرڻ جو عزم رکون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com